ڪنوار جي سيج

جبران خليل جبران

ترجمو: م. ن. محزون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب انٿيهون

ڪنوار جي سيج

جبران خليل جبران

ترجمو: م. ن. محزون

سنڌي ساهت گهر حيدرآباد سنڌ

١٩٩١

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

كتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

كتاب جو نالو: كنوار جي سيج

ليكڪ: جبران خليل جبران

مترجم: م. ن. محزون

پهريون ڇاپو: ناشر، مولوي عبدالغفار صابري مهيسر
1947ع

ٻيو ڇاپو: جولاءِ 1991ع

ٽائٽل كيليگرافي: شاهد گل پيو

ڇپيندڙ: ذكي آرٽ پريس كراچي سنڌ.

قيمت: ٽيهه روپيا

Rs: 30- 00

{سنڌي ساهت گهر- كتاب نمبر اٺيهون 38}

KUNWAR- JI- SEAJ

Jibram- Khalil- Jibram

Translated: M. N. Mahzoon

Published: Sindhi- Sahat- Ghar
3, Nizam Ladge,
Ghari Khato, Hyderabad Sindh.

2nd Edition: July

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻـه اکر

م.ن.محزون سنڌيءَ جو اُهو پيارو ليکڪ آهي، جيڪو سالن کان ادبي دنيا کان جڻ وڇڙيل آهي. اُن ۾ شايد آءُ ٻـه ڏوهي آهيان. ست اٺ سال اڳ ان کان خليل جبران خليل جا سندس ترجمو ڪيل ٻـه بهترين ڪتاب 'ڪنوار جي سيج' ۽ "پڳل ڪنيڙائيون" ڇپائڻ لاءِ ورتا هئم ۽ ايڏي عرصي گذرڻ کان پوءِ بـه، مان اُهي آڻي نـه سگهيس ۽ نـه پاڻ وري ڪـڏهن ميار ڏنائين. ان دوران سنڌيءَ جي هڪ ٻئي پبلشر، "پڳل ڪنيڙائيون" جو ٻيو ڪو ترجمو ڇپرائي وڌو. محترم م.ن. محزون، سنڌيءَ جي انهن قلمڪارن ۾ شامل آهي، جنهن جبران جهڙي مهان قلمڪار کي سنڌيءَ ۾ پهرين پهرين متعارف ڪرايو.

'ڪنوار جي سيج' ڇپائيندي، خوشي پئي ٿئي. وڌيڪ خوشي تـڏهن ٿيندي جڏهن م.ن. محزون جهڙو پيارو ماڻهو ادبي ڪيتر ۾ وري موٽي ايندو.

حيدرآباد سنڌ

28- جون- 1991ع

ناز سنائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزيزي نورالدين جتوئي

بار - ائٽ - لا

جي

نالي

بهر جائے کہ باشي خدا يار تو

محمد هميشه نگهدار تو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* ياسمين 7
* قبرن جي فرياد 48
* فنڪار 87
* ڪنوار جي سيج 108
* زهراب ١٥٠
* طوفان ١٦٦
* قبر کوٽيندڙ ٢٠٨

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

ترجمو خود هڪ فن آهي- هي هڪ زبان جي جادو کي ٻيءَ زبان جي طلسم ۾ منتقل ڪرڻ جي تخليقي عمل جو نالو آهي.

جبران

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

ياسمين

ڪيتري قدر نه بدنصيب آهي اهو مرد، جو ڪنهن نو بهار شباب تي فدا ٿي سانس شادي ڪريٿو، ڀنهن جي پيشانيءَ جو پگهر ۽ پنهن جي دل جو خون سندس قدمن تي صدقو ڪريٿو. پنهن جي محنتن جي ثمر ۽ پنهنجي ڪوشش جي حاصل سان سندس منيون پري ٿو ۽ اوچتو ڪيس معلوم ٿئي ٿو ته جنهن دل کي هن ڏينهن جي بيقراري ۽ راتين جي بيداري جي بدلي خريدڻ گهريو ٿي، اها ڪنهن ٻئي مرد کي ـــــ سندس دل جي پاڪيزگين کان لطف اندوز ۽ سندس محبت جي. پيد کان مست ٿيڻ لاءِ ـــــ مفت ڏني وئي آهي.

۽ ڪيتري قدر نه ڪرمن ڦٽي آهي اها عورت، جنهن جوانيءَ جي نشي سان هوشيار ٿي ڪري، پنهنجو پاڻ کي هڪ اهڙي مرد جي گهر ۾ ڏنو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مٿس پنهن جي دولت ۽ بخشش جي برسات ڪريٿو، ڪيس پنهن جي لطف ۽ ڪرم سان نوازي ٿو، پر نه سندس دل کي زندگي بخشيندڙ محبت جي شعله سان ڇهوي سگهيو ٿو، نه سندس من کي آن آسماني شراب سان پر ڪري سگهيو ٿو، جنهنکي الله مرد جي اکين سان عورت جي دل ۾ تمائيندو آهي.

★

سان نعمان کي ننڍپڻ کان سڃاڻندو هوس، سندس وڏا لبنان جا هئا، پر هو بيروت ۾ پيدا ٿيو هو. هو هڪ قديم ۽ ڪهنه خاندان جو چشم و چراغ هو، جنهن ۾ پراڻيون رسمون اڃان تائين زنده هيون. پنهن جي بزرگن جي حالات بيان ڪرڻ جو — جنهن کان سندس فضيلت ظاهر ٿيندي هجي — هو گهڻو خواهشمند رهندو هو — زندگي جي رهڻي ڪهڻي ۽ عقيدن جي لحاظ کان هو قدامت پسند هو، انهيءَ ڪري ڪيس مغربي تمدن خصوصا مغربي طرز جو لباس سخت نا پسند هو - جنهن کي پائي ڪري پهريندڙ ائين معلوم ٿين ٿيون جيئن مشرق جي بهار ۾ پکين جا ولرا!

نعمان نيڪدل ۽ خوش اخلاق هو - پر گهڻن شامين وانگر هو به شين جي معنيٰ تي ڌيان ڏيڻ

جي بجاءِ سندن ظاهري رخ کي ڏسندو هـو ۽
پنهن جي روح جي نغمي تي ڪن ڏرڻ جي بدران،
پنهن جي جذبات کي انهن آوازن جـي ٻـڌڻ ۾
مشغول رکندو هو، جي سندس ماحول جا پئدا
ڪيل هئا — هو پنهن جي خواهشن کي انهن مادي
گمراهين سان ريجهائيندو هو جي عقل کي انـڌو
ڪري ان کي زندگي جي تهه تائين پهچڻ نه ٿيون
ڏين ۽ عقل کي زندگي جي ڀيد دريافت ڪـرڻ
کان هٽائي ڪيس چند ڏينهن جي لذتن ۾ گم ڪري
ٿيون ڇڏن — هو انهن ماڻهن مان هو جي انسان
يا شين جي متعلق پنهن جي محبت يا نفرت جـي
اظهار ۾ جلدي ڪن ٿا ۽ پوءِ پنهنجي جلد بازيءَ
تي شرمنده ٿين ٿا، پر اهڙي پشيماني قابل معافيءَ
هئڻ بدران نتولي تي وجهي ٿي -

هيءَ ئي طبيعت جي فطرت هئي جنهن سبب
نعمان ياسمين سان شادي ڪري ڇڏي، انهيءَ کان
پهريائين ڪ ازدواجي زندگي کي جنت بنائڻ واري
حقيقي محبت جي پاڇي ۾ انهن بنهي جـا روح
جذب ٿي وڃن ها -!

مان ٿورا سال بيروت کان ٻاهر رهيس ۽ واپس
اچڻ تي نعمان سان ملڻ ويس - مون ڏٺو ته هنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسم ڪمزور ٿي ويو آهي - رنگت ڪارائنجي وئي اٿس - مرجهايل منهن رنج ۽ غم جي تصوير بڻيل آهيس ۽ درد سان پريل نگاهون سندس دل جي تباهي ۽ سيني جي بي نوريءَ جو چپ چاپ داستان ٻڌائي رهيون آهن — گرد و پيش جي گهولها منهن جي لاءِ ڪنن هٿي ۽ سندس مايوسي جو ظاهر ۾ ته ڪوبه سبب نظر نه ٿي آيو - تنهنڪري مون پڇيس :

”دوست! توتي ڪهڙي مصيبت ڪري؟ اهو بالڪپڻو ڪٿي؟ جو منهن جي مهن مان ڪرڻ وانگر بڪندو هو - ۽ اها خوشي ڪاڏي وئي؟ جا تنهن جي جواني سان چهٽي رهندي هئي! ڇا، موت تنهن جي ڪنهن پياري دوست کي توکان جدا ڪري ڇڏيو آهي؟ يا ڏينهن جي روشني ۾ حاصل ڪيل سرمايو اونداهين راتين ڪسي ورتو آهي؟ دوستيءَ جو واسطو اٿئي مون کي ٻڌاءِ، تنهن جي جان کي هي ڪهڙو روڳ لڳي ويو آهي؟ جو تنهن جي جسم کي اڌ هي وانگر ڪائي رهيو آهي!“

هن منهن جي طرف ڏٺو، انهيءَ ڏڪايل وانگر جنهن جا تصورات جنهن کي سگهين ڏينهن جي تصوير ڏيکارين ۽ پوءِ لڪايو ڇڏين ۽ مايوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواز ۾ ھڪي ھڪي چوڻ لڳو :

” پياري دوست جي جدائي برداشت ٿي سگھي ٿي. جيڪڏھن ٻيا پيارا دوست ھجن، مالي نقصان برداشت ڪري سگھجي ٿو جيڪڏھن سندس پورائي جا امڪان ھجن، پر جيڪڏھن دل جو آرام ويندو رھي ته پوءِ ڪيئن صبر اچي سگھندو ۽ دنيا جي ڪھڙي شيءِ سندس بدل ٿي سگھندي؟ “

موت پنھنجو ظالم ھٿ وڌائي ٿو ۽ نھايت بيرحمي سان توکي گھٽي ٿو، تون درد جي شدت کان ڪنجھين ٿو، پر گھڻا ڏينھن ٿي نه ٿا گذرن ته نئين زندگي جون آڳريون توکي پنھنجي جسم ڪـــي ڇھندي نظـر اچن ٿيون ۽ تون خوش ٿي ٽڙجين ٿو ــــــ !

غفلت جي گھڙين ۾ زمانو اچي ٿو ۽ پنھـن جي گول گول پوانئين اکين سان توکي گھوري ٿو. پنھنجـــي فولادي چنبي سان تنھن جو گردن گھٽي ٿو ۽ بيدرديءَ سان توکي زمين تي دســي ٿو، پنھن جي لوھائين پيرن سان توکي چيتاڙي ٿو ۽ ڪلندو ھليو وڃي ٿو، پر ٿوري ئي دير ۾ شرمنده ٿي ڪري واپس اچيٿو، معافي گھرندي توکـــي نازڪ ھٿن سان اٿاري اميد جا نغمه ٻڌائي ٿـــو ۽

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

تون سرور ۽ خوش ٿي وڃين ٿو.

رات جي پاڇن سان بي انداز مصيبتون ۽ الم-ناڪ تڪليفون اچن ٿيون ۽ صبح جي پهچڻ سان ئي ختم ٿي وڃن ٿيون ۽ تون پنهن جي عزم ۽ ارادي جي ڀروسي تي پنهن جي خواهشن سان چنبڙيو رهين ٿو.

پر تنهنجي زندگيءَ جي ملڪيت، بس فقط هڪ ئي بلبل هجي، جنهن سان توکي محبت هجي، جنهن کي تو ڪائڻ لاءِ پنهنجي دل جا ٽڪر ۽ پيڻ لاءِ پنهنجي اکين جو نور ڏنو هجي، جنهن جي لاءِ تو پنهن جي پاسرين کي پنجرو ۽ پنهن جي روح کي آکيرو ناهيو هجي، ۽ تنهن جي ڏسندي ڏسندي اها بلبل پنجري کان نڪري آسمان جي طرف اڏري وڃي ۽ بادلن تائين وڃي پهچي، وري هيٺ لهي ۽ اهڙي پنجري ۾ وڃي پوي جنان سندس ورڻ جي ڪا راه نه هجي تہ پوءِ تون ڇا ڪندين؟ توکي آرام ۽ قرار ڪيئن حاصل ٿيندو؟ ۽ تنهن جون اميدون ۽ تمنائون ڪيئن زنده رهي سگهنديون؟"

نعمان پوياں اکر گهٽيل ۽ دردناڪ آواز ۾ چيا ۽ ڏڪندو ٿڙڪندو اٿي کڙو ٿيو، جيئن هوا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي موج ۾ هڪ ٽيلوا! هن پنهن جا هٿ اڳيان
وڌايا ۽ چٽڪ پنهن جي ڪپڙن آڱرين سان ڪنهن
شيء کي پڪڙي ڪري ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏڻ
ٿي چاهيو - هن جو منهن غصي کان ڳاڙهو ٿي
ويو هو - اکيون ڦاٽي رهيون هيس ۽ اکين جا
پردا سخت ٽيندا پئي ويس - هو هڪ منٽ لاء
گهوريندو رهيو ڇڻ ته پنهن جي سامهون ڪنهن
ڀوت کي ڏسي رهيو هجي، جو زمين جي تهه مان
نڪري ڪري هن کي مارڻ آيو هجي، پوء هن
منهن جي طرف ڏٺو، هن جي منهن جو رنگ فورا
پنهن جي اصلي حالت ۾ اچي ويو ۽ غم ۽ غصو،
درد ۽ الم ۾ بدلجي ويو ـــ روئيندي هن چيو:
"هوء عورت آهي ـــ هائوا هوء عورت
آهي، جنهن کي مون فڪر ۽ فاقه جي تاريڪ ڪڏ
مان ڪڍيو ۽ پنهنجي خزانن جا منهن سندس جي
لاء کولي ڇڏيم، جنهن کي مون بهترين لباسن،
قيمتي زيورن، اعلي درجي جي ساز و سامان ۽
خادمن ۽ نوڪرن سان نوازي ڪري ڪيس پاڻ
جهڙين ۾ اعزاز ۽ امتياز بخشيم ـــ اها عورت
جنهنکي سان دل و جان سان چاهيندو هوس،
جنهنجي قدمن تي مون پنهنجي محبت قربان ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏي، جنهنجي لاءِ منهنجي جان به حاضر هئي ۽ جنهنکي مون پنهنجي بخشش ۽ عطا سان مالا مال ڪري ڇڏيو ـــــ هوءَ عورت، جنهنجو مان محبت ڪندڙ دوست، پر خلوص رفيق ۽ امانتدار خاوند هوس، ان منهنجي امانت ۾ خيانت ڪئي! آهه! هن مونسان دغا ڪئي ۽ هڪ اهڙي شخص جو گهر وڃي وسايو، جنهن وٽ سچائي ۽ تنگدستي کان سواءِ ڪجهه ناهي، هاڻي هوءَ هن وٽ مفلسيءَ ۽ شرم سان گهوهيل ماني کائي ٿي، ذلت ۽ عيب سان گدلو پاڻي پيئندي آهي ـــــ هوءَ خوبصورت بلبل جنهنکي مون ڪانئڻ لاءِ پنهنجي دل جا ٽڪر ۽ پيئڻ لاءِ پنهنجي اکين جو نور ڏنو، جنهن لاءِ مون پنهنجي پاسرين کي پڃرو ۽ پنهنجي روح کي آکيرو بڻايو، آهه! اها منهنجي سامهون، منهنجي قبضي مان نڪري هڪ اهڙي پڃري ۾ وڃي وٺي آهي جو جهانگيلو بير جـــي ڪانڊيرن جو نـــاهيـــو ويو آهي، جنهن ۾ کائڻ لاءِ ڪندا يـا ڪيڙا ۽ پيئڻ لاءِ زهر يا ٿوهر جو پاڻي آهـــي ۽ بس! ـــــ هوءَ پاڪ حور جنهن سان مون ڪڏهين پنهنجي محبت جي جنت آباد ڪئـــي هئي، هڪ خوفناڪ شيطان بڻجي جهنم زار ظلمت ۾ وڃي ڦاٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته جيئن خود به پنهنجي گناهن جي سزا ڀوڳي ۽ مونکي به پنهنجي ڪرتوتن سان صدمو پهچائي—“

نعمان خاموش ٿي ويو ۽ پنهي هٿن سان پنهن جو منهن ڍڪي ڇڏيائين ڄڻ ته پنهنجو پاڻ کي پنهنجي پاڻ کان بچائڻ گهرندو هجي، وري ٿڌو ساهه کنيائين ۽ چوڻ شروع ڪيائين:

”بس ايتروئي ٻڌائي سگهان ٿو — هن کان وڌيڪ مون کان ڪجهه نه پڇ، منهنجي مصيبت تي لڙڪ به نه وهاءِ، پر ان کي ”غم خاموش“ رهڻ ڏي، ٿي سگهي ٿو ته خاموشي موت بڻجي ڪري منهن جي لاءِ راحت ۽ آرام جو سبب ٿي وڃي!“

مان پنهنجي جاءِ تان اٿيس، منهن جــا پلڪ ڳوڙهن سان تر هئا، همدردي جا جذبات منهنجي دل کي پيهي رهيا هئا - مون نعمان کي بزبان خاموشي الوداع چئي، انهيءَ لاءِ ته اهڙو ڪوبه لفظ منهنجي علم ۾ نه هو جو سندس زخمي دل کي تسلي ڏئي سگهي ۽ عقل ۽ حڪمت جـو ڪوئي اهڙو شعلو مون کي نظر نه ٿي آيو جو سندس روح جي تاريڪين ۾ سوجهرو ڪري ڇڏي.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ گلن ۽ وڻن جي جهنڊ ۾ هڪ معمولي گهر ۾ مون ياسمين سان پهريون دفعو ملاقات ڪئي، هوءَ نعمان جي گهر ۾ منهن جو نالو بڌي چڪي هئي ـــــ آهه! نعمان جنهن کي ياسمين دلشڪسته ڪري زندگي جي غارن ۾ مڙهه وانگر ڇڏي ڏنو هو!

مون جڏهين ياسمين جون نوراني اکيون ڏٺيون ۽ سريلو آواز ٻڌو ته پنهنجي دل ۾ چيو:
”ڇا هيءَ عورت بدچلن ٿي سگهي ٿي؟ ڇا هي خوبصورت چهرو ناپاڪ روح ۽ گنهگار دل جي پرده داري ڪري سگهندو؟ ڇا نعمان جي خيانت ڪار زال هيءَ آهي؟ ڇا هيءَ ئي اها عورت آهي جنهنڪي مون پنهنجي تصور ۾ ڏٺو آهي ته هوءَ خوبصورت پکيءَ جي شڪل ۾ خوفناڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نانگڻ آهي؟"

مون پنهنجي خيالات جو رخ بدليو ۽ دل ۾ هوريان هوريان چوڻ لڳس:

"جيڪڏهن هن بدقسمت انسان کي تباهه ڪندڙ هي حسين چهرو ناهي ته پوءِ ڪير آهي؟ ڇا هي پڌرو ۽ ڏسڻ ۾ نه آيو آهي ته ظاهري خوبيون ڪنهن وقت غير محسوس تڪليفن ۽ گهري رنج ۽ الم جو سبب ٿي پونديون آهن؟ ڇا اهوئي چنڊ جنهنجي روشني جي پالوت سان شاعرن جي تخيل ۾ جان پئجي ٿي وڃي سمنڊ ۾ ويرون پيدا ڪري طوفان جو ڪارڻ نٿو بڻجي؟"

اسين پئي ويناسين، ياسمين شايد منهن جي فڪر مندي جو احساس ڪندي اهو مناسب نه سمجهيو ته منهنجي حيرانين ۽ شبهات جي وچ ۾ جا ڇڪتاڻ آهي سا گهٽو نه وڌي تنهن ڪري هن پنهنجي حسين سر کي خوبصورت هٿ جو سهارو ڏنو ۽ بانسريءَ ڪان به وڌيڪ رس پريئي آواز ۾ چوڻ لڳي:

"جيتوڻيڪ هن ڪان اڳ مون کي اوهان سان ملاقات جو شرف حاصل نه ٿيو آهي تنهن هوندي به مان اوهان جا خيالات ماٺهن جي واتان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌي چڪي آهيان، مون کي خبر آهي ته اوهين مظلوم عورت جا همدرد، هن جي ڪمزورين جا حامي ۽ سندس جذبات کان ٻا خبر آهيو، انهي ڪري مان چاهيان ٿي ته پنهنجو سينو چاڪ ڪري اوهان جي سامهون رکان ته جيئن اوهان منهنجي دل جا ناسور ڏسو ۽ جيڪڏهن مناسب سمجهو ته دنيا کي ٻڌايو ته ياسمين هرگز خيانت ڪار ۽ بدچلن ناهي-

منهنجي عمر ارڙهن سالن جي هئي جڏهن قضا الاهي مون کي نعمان جي حوالي ڪيو - هو ان وقت تقريبا چاليهن سالن جو هو، جيئن ته سڀ کي معلوم آهي ته، هو منهنجي طرف مائل ٿيو ۽ شريفاڻي نموني محبت جون پينگهون وڌائڻ شروع ڪيائين، آخر ۾ هن مونسان شادي ڪئي ۽ مون کي پنهنجي شاندار گهر ۾ ملڪه بڻايو - هن مونکي ريشمي پوشاڪ پهرائي، منهنجي سر، گردن ۽ ٻانهن کي جواهرن سان زينت بخشي ۽ هڪ قيمتي تحفه وانگر پنهن جي يارن دوستن ۾ گهمائيندو رهيو- سندس يار دوست جڏهين مونکي حيرت ۽ پسنديدگي جي نگاهن سان ڏسندا هئا ته سندس چپن تي هڪ فاتحانه سرڪ رقص ڪرڻ لڳندي هئي - جڏهين هن جون زالون منهن جي حسن ۽ جمال جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعريف جا گيت ڳائيندڙ هجون ته سنڌس فخر سان پرڀل ڳالهه مٿي ڪجهه وڌيڪ ٿيندو هو ــــ پر ـــ افسوس! شايد هو انهن عورتن جي سرگوشين کان بي خبر هو ـــ ڪا چوندي هئي:

”هي نعمان جي زال آهي يا سندس گود جي ڌيءُ؟“

ته ٻي چوندي هئي:

”جيڪڏهن نعمان جواني ۾ شادي ڪري ها ته سندس پهرين زال جو ٻار عمر ۾ ياسمين کان وڏو هجي ها ـ!“

”ان ڪان پهريائين جو منهنجي زندگي نديءَ جي گهري ننڊ مان سجاڳ ٿئي ها، ان کان اڳ جو فطرت منهنجي دل ۾ محبت جي چڻنگ پيدا ڪئي ها، ۽ ان کان اول جو منهن جي سيني ۾ خواهشن جو ٻج پوکجي ها، اهو سڀ ڪجهه ٿي ويو ـــــــ ها! هي سڀ ڪجهه ان وقت ٿيو جڏهين مان خوبصورت ڪپڙن سان پنهنجي جسم کي زينت ڏيڻ، عاليشان گاڏين ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ قيمتي ڪپڙا پهرڻ خوش قسمتيءَ جي انتها سمجهندي هيس ـ پر جڏهين مان سجاڳ ٿيس ۽ سمجهه جي روشني منهن جون اکيون

ڪوليون ته مون پنهنجي پاسي ۾ مقدس باهه جي شعله جي چري محسوس ڪئي جا منهنجي دل کي جلائي رهي هئي ۽ پنهنجي روح تي هڪ رنج ۽ غم سان پريل اڄ طاري پاتم جا منهنجي جان کي جهوري رهي هئي —— جڏهين مان سجاڳ ٿيس ته مون ڏٺو - منهنجون ٻئي ٻانهون ڦر ڦر ڪري رهيون آهن ۽ مون کي محبت جي آسمان طرف اڏائي وڃڻ چاهين ٿيون - مان ڏڪي ويس ۽ عاجزي ۽ بيڪسي جي احساس کان ساڻي ٿي ڪري قانون جي انهن زنجيرن طرف ڪري پيس، جنهن ۾ جسم کي، انهن پابندين جي حقيقت ۽ ان قانون جي انجام سمجهڻ کان اڳ ئي بري طرح جڪڙيو ويو هو —. جڏهين مان سجاڳ ٿيس ۽ انهن شين جو شعور مون کي حاصل ٿيو ته مون سمجهيو ته عورت جي خوش قسمتي، مرد جي بزرگي ۽ سرداري يا سندس وقار ۽ ڪرم ۾ نه آهي پر انهي ۾ محبت ۾ آهي جا عورت جي روح کي مرد جي روح ۾ جذب ڪري مرد جي دل کي ان جي جذبات سان لبريز ڪري ٿي ۽ پوءِ انهن ٻنهي کي زندگي جي جسم جو هڪ عضوو ۽ خداوندي لبن جو هڪ ڪلمه بڻائي ڇڏي ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهين هيءَ دردناڪ حقيقت مونکي معلوم ٿي ته مون پنهنجو پاڻ کي نعمان جي گهر ۾ چور وانگر محسوس ڪيو، جو هنجي ٽڪرن: تي وقت گذاريئو ۽ رات جي اونداهين ۾ غائب ٿي ويڃيئو. مان سمجهي ويس ته جو وقت مان سندس پاسي ۾ گذاريان ٿي اهو هڪ خطرناڪ فريب آهي، جنهن کي مڪاري، زمين ۽ آسمان جي ساهمون، مقدس روشن حرفن ۾ منهنجي پيشاني تي لکي ڇڏي ٿي — هي مون انهيءَ ڪري سمجهيو ته مان سندس لطف ۽ ڪرم جي جواب ۾ نه ساڻس محبت ڪري ٿي سگهيس، نه سندس خلوص ۽ نيڪ نيتي جي بدلي ڪيس پنهنجي توجهه جو مرڪز بڻائي ٿي سگهيس — مون چاهيو — ۽ غلط چاهيو — ته ساڻس محبت ڪرڻ سکان پر نه سکي سگهيس. ڇاڪاڻ ته محبت دلين جي تخليق ڪريٿي، دل محبت جي تخليق نه ٿي ڪري سگهي — مون رات جي خاموشين ۾ خدا کان روئي روئي دعائون گهريون ته منهنجي دل جي گهرائين ۾ هڪ روحاني جذبو پيدا ڪر جنهن جي سهاري مان هن شخص جي تمام قريب ٿي وڃان جنهن کي تقدير منهن جي زندگي جو ساٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌايو آهي – پر بي فائده! خدا منهن جي دعا قبول نہ فرمائي، شايد انهيءَ لاءِ جو محبت الله جي طرفان اسان جي روحن تي نازل ٿئي ٿي، گهرڻ سان نہ ٿي ملي-

مون پورا ٻہ سال اهڙي طرح هن گهر ۾ گذاريا جو مون کي جهرڪين جي آزادي تي رشڪ ايندو هو ۽ منهنجي هم جنسن کي منهنجي قيدخاني تي – انهيءَ ماءُ وانگر جنهن جو هڪ ٻئي مرڻ پٺ مري ويو هجي، مان پنهنجي دل تي ماتم ڪندي رهيس، جا پيدا تہ ڪئي وئي هئي معرفت جي لاءِ پر قانون جي زنجيرن ۾ قاسي ڪري بک ۽ اڃ کان مري رهي هئي-

آخرڪار انهن تاريڪ ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن تاريڪي جي پويان مونکي روشني جي هڪ جهلڪ نظر آئي جا هڪ نوجوان جي اکين مان نڪري رهي هئي – هي نوجوان زندگي جي راه ۾ اڪيلو وڃي رهيو هو – هن، معمولي گهر ۾، ڪتابن ۽ ڪاغذن جي وچ ۾ اڪيلي زندگي بسر ڪندو هو – مون پنهن جون اکيون ڪٿي بند ڪيون تہ جيئن انهيءَ جهلڪ کي نہ ڏسي سگهان ۽ پنهن جي دل ۾ چيو:

”ياسمين تنهنجي نصيب ۾ نه قبر جي اونداهي آهي پوءِ تون روشنيءَ جي لالچ ڇو ٿي ڪرين!“

مون کي لڳايو ته پاڪ جهان جو دلڪش نغمو پڌو. مان جهومڻ لڳس، نغمي جي لطافت ۽ پاڪيزگيءَ منهنجي هر چيز تي قبضو ڪري ڇڏيو مون پنهنجي ڪنن ۾ آڱريون ڏئي ڇڏيون ۽ چيو:

”ياسمين! تنهن جي قسمت ۾ ته دوزخين جون دانهون ڪوڪون لکيل آهن، پوءِ هيءَ نغمي جي لالچ ڇا لاءِ؟“

مون پنهنجون اکيون به بند ڪري ڇڏيون ۽ ڪن به، ته نه انهيءَ جهلڪ کي ڏسي سگهان ۽ نه انهيءَ نغمي کي ٻڌي سگهان. پر منهن جون اکيون ان جهلڪ کي ڏسنديون رهيون ۽ منهنجا ڪن ان نغمي کي ٻڌندا رهيا.

شروع ۾ ڊنس، ان فقير وانگر، جو ڪنهن امير جي محلات ويجهو هيرو ڪريل ڏسي پر نه خوف کڻڻ ڏئيس ۽ نه محتاجي ڇڏڻ ڏئيس. مان روئڻ لڳس، ان اڪيلي وانگر جنهن کي هڪ منتو چشمو نظر اچي جنهنجي چوڌاري وڻن ۾ خوفناڪ جانور لڪل هجن. مان انتظار ۽ بيقراري جي شدت کان زمين تي ڪري پيس.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياسمين ڪجهه دير جي لاءِ خاموش ٿي وئي ۽ پنهنجون وڏيون وڏيون اکيون بند ڪري ڇڏيون ـ معلوم ٿي رهيو هو ته گذريل زمانو سندس نگاهن جي اڳيان آهي ۽ منجهس ايتري همت ناهي جو مون سان اکيون چار ڪري سگهي وري هن پنهنجون اکيون کوليون ۽ چيو:

”ابدي دنيا کان اڻڄاڻ انسان، جي حقيقي زندگي کان لذت آشنا ٿيڻ بغير واپس موٽي وڃن ٿا، سي ان عورت جي دک درد جي حقيقت کي نه ٿا سمجهي سگهن جنهن کي هڪ پاسي ته اهو مرد آهي جنهن جي محبت ڪيس خدا جي طرفان عطا ڪئي وئي آهي ۽ ٻئي پاسي اهو مرد آهي جنهن سان هو سماجي قانون جي ذريعي ٻڌل آهي-

هي هڪ دردناڪ ڪهاڻي آهي جا عورت جي خون ۽ لڙڪن سان لکي وئي آهي، مرد انهيءَ ڪهاڻي کي پڙهي ٿو ۽ کلي ٿو چاڪاڻ ته هو انهيءَ جو حقيقي مطلب نه ٿو سمجهي سگهي ۽ پر جيڪڏهين سمجهي وڃي ٿو ته سندس کل پڙدلي ۽ بيرحمي ۾ بدلجي وڃي ٿي، هو غصي جي آگ کان ديوانو ٿي ڪري عورت سان پلتجي بويٺو ۽ سندس ڪنن کي لعنت ۽ ملامت جي

آوازن سان پر ڪيو ڇڏي.

هيءَ هڪ دردناڪ تمثيل آهي جنهن ڪي اونداهيون راتيون هر اُن عورت جي سيني ۾ برپا ڪن ٿيون جا پنهن جي جسم کي هڪ اهڙي مرد جي بستري جو قيدي پسي ٿي جنهن کي هوءَ شاديءَ جي حقيقت سمجهڻ کان اڳ پنهن جو مڙس تسليم ڪرڻ تي مجبور آهي ۽ ڏيهنجي روح کي ان مرد جي ڇوڏاري لامارا ڏيندي ڏسي ٿي جنهن سان هوءَ انهن سيني بلند ڪنيتن سان محبت ڪري ٿي جي روح ۾ محبت ۽ محبت ۾ حسن ۽ پاڪيزگي جون امانتدار آهن.

هي هڪ خوفناڪ ڇڪتاڻ آهي جنهن جي شروعات عورت جي ڪمزوري ۽ مرد جي قوت کان ٿي ۽ آخر ان وقت تائين نه ٿي سگهندي جيستائين ڪمزوري کي قوت جي غلامي کان نجات نه ملي وڃي.

دل جي پاڪ جذبات ۽ انسانن جي جوڙيل ناقص ۽ بيڪار قانونن جي وچ ۾ هيءَ خطرناڪ جنگ آهي، جنهن جي سبب سان ڪلهه تائين بدنامي جي خاڪ تي ڪريل پيل رت جا گهوڙا وهائيندي هيس ۽ بيوسي ۽ بيقراري جي شدت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلان مٿي ٿي ويس-
پر مان اٿيس، پنهن جي هر جنس واري فطرتي بزدلي کان ڪنارو ڪيم ۽ پنهنجي پاڻهن ڪــي ڪمزوري ۽ غلامي جي پنڌن مان آجو ڪــري محبت ۽ آزادي جي فضا ۾ اڏرڻ لڳس.
هاڻي مان نيڪ بخت آهيان، ڇاڪاڻ ته مون کي ان مرد جو پيار حاصل آهي، جنهن جو روح ازل کان ئي منهن جي روح سان مليو هـــو- مونکي هن دنيا ۾ ڪابہ اهڙي طاقت نظر نه ٿــي اچي جا منهنجي هن نيڪ بختي کي مونکان کسي سگهي، ڇاڪاڻ ته اها انهن ٻن روحن جي بغلگيري مان پيدا ٿي آهي جنهنکي دوستي هـڪ ڪــري ڇڏيو آهي ۽ جن مٿان محبت پنهن جو پــلاچــو ڪيو آهي-
ياسمين پر-معنيٰ نگاهن سان منهنجي طرف ڏٺو، ڄڻ ته هن منهنجو سينو چاڪ ڪري ڏسڻ ٿــي گهريو ته منهنجي دل تي سندس گفتگـــو جـــو ڪهڙو اثر ٿيو آهي؟ هن منهنجي سيني ۾ پنهنجــي آواز جو پڙاڏو ٻڌڻ ٿي چاهيو پر مون ســنــدس گفتگو کي بند ڪرڻ نه ٿي گهريو ۽ خامـــوش رهيس- آخرڪار هن واقعات جي ترشي کي آزادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مٿي ڪلام ۾ سموئي ڇڏيو:

”دنيا اوهان کي چوي ٿي، ياسمين خيانتڪار ۽ بي وفا آهي- هن پنهنجي نفس جي چوڻ ۾ اچي ڪري انهيءَ شخص کي ڇڏي ڏنو جنهن کيس عزت بخشي پنهن جي گهر جي ملڪه بڻايو- اهـا اوهان کي چوي ٿي، ياسمين بدڪار آهي، هـن پنهن جي ناپاڪ هٿن سان شاديءَ جو پاڪ هـار لاهي ڦٽو ڪيو، جنهن کي اعتقاد ۽ مذهب پوئيو هو، ۽ ان جي بدران هڪ ناپاڪ هار ڪچيءَ ۾ وڌو جو جهنمي ڪنڊن سان پوئل آهي- هن پنهن جي جسم تان فضيلت جو جبو لاهي ڇڏيو ۽ بد ناموسي جو لباس پهريو- گهڻن ماڻهن جو هيءُ ئي خيال آهي ڇاڪاڻ ته سندن ابا ڏاڏا جيتوڻيڪ مري چڪا آهن پر انهن جا پاڇا اڃان تائين سنـدن جسمن ۾ سرڪي رهيا آهن- هو انهن خالي غارن مثل آهن جي آواز جو پڙاڏو ته ڪن ٿيون پر ان جي معنيٰ نه ٿيون سمجهن- ڪين خبر نـاهـي ته مذهب جو حقيقي مفاد ڇا آهي؟ ۽ خدائي قانـون سندس بندن تي ڪيئن جاري ڪيو وڃي ٿو؟ ڪين اها به خبر ناهي ته انسان خطاڪار ڪڏهين ٿئي ٿو ۽ بي گناه ڪڏهين؟ هو پنهنجي ڪوتاه نظـر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئڻ سبب اعمال جي ظاهري رخ کي ڏسن ٿا ۽ ان جي حقيقت تي نظر نه ٿا وجهن. اهوئي سبب آهي سندن فيصلا جهالتن ۽ حماقتن جون ڳنڍيون هوندا آهن. سندن اڳيان گنهگار ۽ بي گناه، نيڪ ۽ بد، سڀ برابر آهن ـ صد افسوس! انهن ماڻهن تي جن کي هي حڪم ڏنائين ۽ هزار افسوس!! انهن ماڻهن تي جن جي حق ۾ هي فتوا صادر ڪن.

مان بدڪار ۽ بي اعتبار هيس ته نعمان جي گهر ۾، جنهن فقط رسمي طرح مون کي پنهن جي بستري جي زينت بڻايو، جيتوڻيڪ ان وقت روح ۽ جذبات جي قانون مطابق مونکي ازدواجي زندگي جو ڪوبه سليقو نه هو. مان هني پنهنجي نظر ۾ ذليل هئس ۽ خدا جي نظر ۾ به ڇاڪاڻ ته هن جي خيرات جي تڪرن سان مان پنهنجو دوزخ پريندي هئس ۽ بيوس پنهنجي جسم کي هن جي عيش جو شڪار بڻائيندي هيس. پر هاڻي منهن جي زندگي بي داغ آهي. محبت جي ناموس مون کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي. هاڻو! هاڻي مان شريف ۽ امانتدار آهيان ڇاڪاڻ ته مون پنهن جي جسم کي خيرات جي تڪرن ۽ پهنجي زندگي کي قيمتي

ڪپڙن جي عيوض وڪڻڻ چڏي ڏنو آهي.

" هائو! ان وقت مان بد چلن ۽ جرم پيشه هئس، جڏهين دنيا مونکي نعمان جي معزز زال سمجهندي هئي ۽ اج جڏهين مان شريف ۽ نيڪ ڪردار ٿي وئي آهيان ته مون کي ذليل ۽ ڪريل خيال ڪيو پيو وڃي -

انسانن جي ذات کي جسم جي پيمائي سان ڪچڻ ۽ روح کي ماده جي ترازي ۾ تورڻ، جهالت ۽ بد مذاقي جي حد ناهي ته ٻيو ڇاهي؟

ياسمين هٿ سان دريءَ جي طرف ڏنو ۽ شهر جي سڄي طرف اشارو ڪيائين، سندس آواز اڳي کان گهڻو بلند ٿي ويو هو ۽ معلوم پئي ٿيو ته ڪيسي رستن تي، چتين تي ۽ درين ۾ برائين ۽ ڪسٽيي جون چرندڙ پرندڙ تصويرون نظر اچي رهيون هيون، حقارت ۽ بيزاري جي انداز ۾ هن چيو:

" انهن خوبصورت گهرن ۽ عاليشان محلاتن کي ڏسو! جن ۾ شهر جا ممتاز ۽ معزز ماڻهو رهن ٿا انهن ريشمي پردن سان سجايل پٽين ۾ بدڪاري سان گڏو گڏ بي ايماني ۽ انهن سوتهري چتين هيٺ سجاوت ۽ سينگار جي فريب مکر فريب رهن ٿا - انهن گهرن کي ڏسو ۽ گهڻي غور سان

ڏسوءَ جي ظاهر ۾ ته بزرگي، برتري ۽ خوشحالي جا آئينيدار آهن پر در حقيقت انهن غارن کان وڌيڪ حيثيت نه ٿا رکن جن ۾ ذلت، سنگدلي ۽ بدبختي لڪل آهي- هي چمڪندڙ قبرون آهن، جن ۾ اکين جي ڪجل ۽ لبن جي سرخي جي پردي ۾ ڪمزور عورت جي فريب ڪاري ۽ جن جي ڪنبڻ ۾ سون ۽ چانديءَ جي چمڪ سان گڏ مرد جي زوري ۽ بيدردي لڪل آهي- هي بلند مرتبي وارا محل جنجون ديواريون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيون آهن، جيڪڏهن انهي ۽ مڪر ۽ فريب کان واقف ٿي وڃن جو سندن مٿان چانيل آهي ته ڦاٽي پون ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي زمين تي ڪرن- هي اهي جايون آهن جنکي هڪ ڳوٺاڻو ڳوڙهن پرپل نظرن سان ڏسي ٿو ۽ پر جيڪڏهن ڪيس خبر پئجي وڃي ته انهن عاليشان محلن ۾ رهندڙن جون دليون، انهيءَ محبت جي شيريني کان بلڪل خالي آهن جنهن سان سندس ڳهرواريءَ جو سينو پر آهي، ته هو بي اختيار حقارت جي ڪل ڪلندو ۽ انهن تي رحم کائيندو ڳوٺ موٽي ويندو-"

ياسمين منهن جو هٿ جهلي مونکي دريءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويجهو وٺي آئي، جتان هوءَ انهن محلن ۽ عاليشان
جاين کي ڏسي رهي هئي ۽ چوڻ لڳي:
”اڇ! مان توکي انهن ماڻهن جو پيد ٻڌايان،
جنجي مثال تيڻ مون پاڻکي پسند نه ڪيو - ڏسو!
هن محل جي طرف ڏسو! جنهن سنگمرمر جا ٿنبا،
پٽل جا ڪتهڙا ۽ شيشي جون دريون آهن - هتي
هڪ دولتمند رهي ٿو، جنهنکي پنهنجي ڪنجوس
پيءُ کان بي شمار دولت ورثي ۾ ملي آهي ۽ جو
ناپاڪ گهٽين جي بد چلني ۽ بد اخلاقي جي پاڇي
۾ پاڃي وڏو ٿيو آهي - ٻه سال ٿيا آهن جو هن
هڪ عورت سان شادي ڪئي جنهنجي متعلق ڪيس
هنکان زياده خبر نه هئي ته هنجو پيءُ خانداني
شريف ۽ شهر جي معزز ماڻهن ۾ وڏو درجو رکندڙ
آهي - اڃان شادي‌ءَ جو پهريون مهينو ئي ختم نه
ٿيو هو جو هن پنهنجي زال جي طرف کان منهن
مٽي ڇڏيو ۽ بدچلن عورتن سان موجون ڪرڻ
لڳو - هن انهي‌ءَ ويچاري‌ءَ کي محل ۾ اڪيلي ڇڏي
ڏنو جيئن ڪو شرابي، شراب جي خالي بوتل
کي ڇڏي ڏيندو آهي - شروع شروع ۾ ته هي‌ءَ
قسمت جي ڪنڌل روئندي پٽيندي ۽ رڙيون ڪندي
رهي پر آخرڪار پنهنجي غلطي محسوس ڪندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس صبر آيو ۽ هن سمجهيو ته سندس گهوڙهـا انهيءَ ڪان وڌيڪ قيمتي آهن ته هڪ بيوفا هوس پرست مرد جي نقصان تي وهايا وڃن - هاڻي هيءَ عورت هڪ حسين ۽ جميل ۽ شيرين گفتار نوجوان تي دل و جان سان فدا آهي - پنهنجي دل جي جذبات سان سندس روح کي تسڪين بخشينـدي رهي ٿي ۽ پنهن جي مڙس جي مال ۽ زر سـان سندس ڪيسا پريندي رهي ٿي ، سندس مڙس ڪانئس منهن مٽي ڇڏيو ۽ هن پنهنجي مڙس کي وسـاري ڇڏيو -

هاڻي هن گهر جي طرف ڏسو! جنهنجي چوڌاري وڻندڙ گل بوٽا آهن ، هن جو مالڪ هڪ شاهـي خاندان جو فرد آهي ، جو دولت جي ورهاست ۽ اخلاق جي سستي سبب پنهنجي مرتبي کان ڪري چڪو آهي - گهڻا سال ٿيندا جو هن شخص هـڪ بدصورت پر تمام مالدار عورت سان شادي ڪئي ۽ هنجي دولت تي قبضو ڪرڻ ڪان پوءِ ڪيـس وساري ڇڏيو - هنجي مال ۽ زر جي بدولت هڪ نوجوان ۽ حسين عورت سان نينهن جو ناتو ڳنڍيو ۽ ڪيس حسرت ۽ پشيماني سان پنهنجن آگرين کي چڪ پائڻ ۽ جذبات جي باهه ۾ جلڻ لاءِ ڇـڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو- هاڻي هيءَ عورت پنهنجو سمورو وقت وار سينگارڻ، سرمو پائڻ ۽ پائوڊر- ڪريم سان منهن رنگڻ ۾ وڃائيندي آهي- پنهنجي جسم کي اطلس ۽ ريشم سان سينگاري ٿي ته جيئن شايد ڪنهن ايندڙ ويندڙ جي نظر پڇجي وڃي پر غريب آئيني ۾ پنهن جي عڪس ڪان سواءِ ڪنهن ٻئي جي نگاهن کي اڃان تائين پنهنجي طرف مائل ڪري نه سگهي آهي-

هاڻي هن وڏي جاءِ جي طرف ڏسو جا چتسالي سان سينگاريل آهي- هي خوبصورت پر بدسيرت عورت جو گهر آهي جا پنهنجي پهرين مڙس ڪان پوءِ سندس دولت جي اڪيلي وارث بڻي ۽ دنيا جي منهن بند ڪرڻ لاءِ هڪ ارادي ۽ طبيعت جي ڪمزور شخص سان نڪاح ڪيو-

هيءَ تازين مکڙين جي رس چوسيندڙ مک وانگر پنهنجي نوخيز عاشقن جي جواني سان پنهن جي هوس جي باه وسائيندي رهي ٿي-

هاڻي هن گهر کي ڏسو جنهنجا وڏا ڪمرا ۽ خوبصورت محراب نظرن لاءِ جنت جي راحت آهن- هن گهر جو مالڪ دنياوي خواهشن جو غلام ۽ بيحد لالچي آهي- ڪيس هڪ زال آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسم نهن کان چوڻي تائين حسن و جمال ۽ روح بلڪل پاڪيزه ۽ شيرين - منجهس جسماني ۽ روحاني پاڪيزگيون اتين مليون ويون آهن جيئن شعر ۾ معني جي نزاڪت سان گڏ راڳ جو سر- هوءَ محبت جي ٿي جيئڻ ۽ محبت جي ٿي مرڻ لاءِ پيدا ڪئي وئي هئي پر سندس پيءُ هر جنسن وانگر سندس پيءُ جواني کان اڳ نا موزون تاتي جي پاڃاري سندس ڳردن ۾ وڌي- هاڻي هوءَ ڏينهون ڏينهن ڳرندي پئي وڃي- دپيل جذبات جي گرمي سندس جسم کي شمع وانگر ڳاري رهي آهي ۽ آهستي آهستي اهڙي طرح فنا ٿي رهي آهي جيئن انداريءَ جي واءَ ۾ لطيف خوشبوا هوءَ ڪنهن اهڙي حسين شخص جي محبت لاءِ بيقرار آهي جنهنکي هوءَ محسوس نہ ڪري ٿي پر ڏسي ڏسي سگهي- هوءَ موت جي آرزو ۾ مري رهي آهي ۽ پنهنجي بي مزي زندگي کان تنگ ٿي ڪري گهري ٿي تہ جلد کان جلد ان شخص جي غلامي کان آزاد ٿي وڃي- جنهنجا ڏينهن ۽ راتيون سون ۽ چاندي گڏ ڪرڻ ۾ گذرن ٿا ۽ جو ان منحوس گهڙيءَ تي ڏند ڪرٽي ٿو جڏهين هن هڪ اهڙي عورت سان شادي ڪئي جنهن مان ڪوبہ پٽ پيدا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تيو جو سنڌس مال و متاع جو وارث ۽ سنڌس پيڙهيءَ جو باعث بڻجي -

هاڻي هن اڪيلي جاءِ جي طرف ڏسو! جنهن جي چوڌاري باغيچا آهن. هي هڪ بلند خيال ۽ روشن خيال شاعر جو گهر آهي جنهن جو رستو روحانيت آهي - شاعر جي زال نهايت ڪم عقل ۽ چيڙاڪ آهي - هوءَ سندس شعرن تي نفرت ڪندي آهي چاڪاڻ تہ اهي سندس سمجهہ کان ٻاهر آهن - هوءَ هنجي ڪارنامن تي کلندي آهي ڇاڪاڻ تہ اهي سندس لاءِ عجيب آهن - شاعر هاڻي هڪ شادي شده عورت جي محبت ۾ خوش آهي جا سندس ذهن کي تازگي بخشي ٿي ۽ بيان ۾ رواني پيدا ڪري ٿي - پنهنجي توجه سان سندس دل کي روشن ڪري ٿي ۽ پنهنجي مسڪراهٽن ۽ محبت ڀريل نگاهن سان غير فني خيالات سندس دماغ تائين پهچائي ٿي -"

ياسمين ڪجهہ دير جي لاءِ چپ ٿي ويٺي ۽ دريءَ جي ڀرسان هڪ ڪرسيءَ تي وڃي ويٺي - غالبا سندس دل انهن جاين جي مڪر ۽ فريب کي ڏسندي ڏسندي تنگ ٿي پئي هئي ۽ آهستي آهستي چوڻ لڳي:

”هي ٿي اُهي محل آهن جن جي ڪميٽين جهڙو ٿيڻ مون کي هرگز پسند ناهي. هي ئي اهي قبرون آهن جن ۾ مان پنهنجي زندگي کي دفن نه ٿي ڪري سگهان. هي ئي اهي ماڻهو آهن جن جي رسم ۽ رواج کان مان نجات حاصل ڪئي آهي ۽ جن جي سماجي پابندين جي پاچاري پنهن جي ڪنڌ تان لاهي ڦٽي ڪئي آهي. هائو! هي ئي اهي ماڻهو آهن، جي جسم سان شادي ڪندا ۽ روح کان بيزار رهن ٿا. مونکي يقين آهي ته رب جي نالي کان ناواقفيت ڪانسواء انهن وٽ بخشش جو ڪوبه وسيلو ناهي. مان هنن ماڻهن تي ڪا فتوا نه ٿي صادر ڪيان پر ساڻن همدردي رکان ٿي. مان ساڻن نفرت به نٿي ڪيان پر مان سندن هن ڳالهه کان نفرت ڪيان ٿي ته هو تمام آساني سان ظاهرداري، ڪوڙ ۽ بديءَ جا غلام ٿي وڃن ٿا. مان سندن سماج جي حقيقت اوهان کي انهيءَ لاء نٿي ٻڌايان ته مون کي سندن غير موجودگي وڻي ٿي پر ان لاء ته هن گروه جي اصليت چڱي طرح ظاهر ڪيان جنهن ۾ ڪلهه تائين مان خود شامل هئس پر اڄ آزاد آهيان. هيءَ مان اوهان کي انهن ماڻهن جي زندگي ڏيکاري

وهي آهيان جي منهنجي باري ۾ خراب ڪان خراب جملا استعمال ڪنتا، فقط انهيءَ لاءِ تہ مون پنهنجي روح جي آرام ۽ خوشي لاءِ سندن ساٿ ڇڏي ڏنو ۽ سندن فريب ڪارين جي اونداهي رستي ڪان هٽي ڪري پنهنجون نظرون انهيءَ روشني تي کوڙيون جا انصاف، سچائي ۽ دلي دوستي جي روشني آهي-

مان خوش آهيان تہ اتهن ماڻهن مون کي پنهنجي سماج مان ڪيڏي ڇڏيو- ڇاڪاڻ تہ هي رتم فقط ان قابل قدر هستي کي ملندو آهي جا ظالم ۽ جور خلاف بغاوت ڪري- غلامي تي جلاوطني کي ترجيح نہ ڏيندڙ، آزادي جي حقيقي لطف ڪان محروم رهندو آهي-"

"ڪلهہ تائين مان هڪ لذيذ دسترخوان جي حثيت رکندڙ هوس ۽ نعمان ان وقت مون وٽ ايندو هو جڏهين سندس نفس جي بک کيس مجبور ڪندي هئي، اسان ٻنهي جا روح ذليل خادمن وانگر هڪ ٻئي کان بيگانہ هئا- پر جڏهين مونکي حقيقت جو نور نظر آيو تہ هن بندگي کان سون کي نفرت ٿي وئي- مون چاهيو ٿي تہ جهڙي طرح ٿي سگهي پنهنجي مقدر تي شڪر گذار رهان پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان اٿيڻ نه ڪري سگهيس . منهنجي روح سڄي عمر ان خوفناڪ ٻت جي پوڄا ۾ گذارڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جنهنکي ماضي جي جهالتن قانون جي نالي سان تراشيو هو . مون پنهنجا سڀ زنجير ٽوڙي ڇڏيا، ليڪن ان وقت، جڏهين محبت مون کي پڪاريو ۽ منهنجو روح ان طرف وڃڻ لاءِ بيقرار ٿي ويو .

مان نعمان جي گهر مان اهڙي طرح نڪتس جيئن قيد خاني مان قيدي . مون عزت و جاهه ۽ شان و شوڪت کي لت هڻي ڇڏي ۽ هن گهر ۾ هلي آيس جو محبت کان سواءِ ٻين سڀني قسمن جي بناوٽن کان خالي آهي . مون کي يقين آهي ته جو ڪجهه مون ڪيو آهي سو نيڪ ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ ته قدرت هي ڪڏهين نه ٿي گهري ته مان پنهنجي هٿن سان پنهنجا پر ڪٽي ڪري ڪنڊ ۾ وڃي ڪران ۽ چوندي رهان ته زندگي ۾ منهن جو حصو هي ٿي هو . هيءَ الله جي مرضي هرگز ٿي نه ٿي سگهي ته مان پنهنجي سڄي عمر، راتيون روئي روئي گذاري ڇڏيان ۽ چوندي رهان ته صبح ڪڏهين تيندو؟ ۽ صبح ٿي وڃي ته چوان ته ڏينهن ڪڏهين پورو ٿيندو؟ خدا ڪڏهين به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسند نہ ٿو ڪري تہ انسان تباھ ٿي وڃي - الله، انسان جي دل ۾ سعادت جي تمنا امانت ڪئي آهي ۽ ان سعادت ۾ خود سندس عظمت پوشيده آهي -

هي آهي جناب منهنجو داستان ۽ هي آهي منهنجي فرياد ــ جنهنڪي مان بار بار چوان ٿي ۽ ماڻهو ننتا ٻڌن پر پنهنجا ڪن بند ڪري ٿا ڇڏن هو ڊڄن ٿا تہ متان سندن روحن ۾ فساد نہ برپا ٿي وڃي - ڪين خوف آهي تہ ڪٿي سندن سماج جون پاڙون نہ لڏي وڃن ۽ اها سندن متان نـــہ اڇي ڪري - هيءَ آهي اها ڪٿن ماٺري جنهن ۾ مان پٽڪي رهي هيس جو مون کي پنهنجي منزل مقصود ملي وئي - هاڻي جڏهن مان مـــري ۽ وڃان تہ ۽ منهنجو روح الله تعاليٰ جي سامهـــون حسرت ۽ نا اميدي جي بجاءِ فرحت ۽ خوشـــيءَ سان دلين وانگر وڃي ٻهندو ۽ مان بنا رڪاوٽ پنهنجي دل، جا برف وانگر پاڪ ۽ صاف آهـــي، ان سڀ ڪان وڏي حاڪم جي حضور ۾ پيـــش ڪندس، انهيءَ لاءِ تہ مون پنهنجي ”روح“ جي خلاف جو خدا جي ذات جو هڪ جزو آهـــي ـــ ڪوئي ڪم نہ ڪيو ۽ پنهنجي دل جـــي آواز ۽

فرشتن جي نغمن جي پڙلاءَ ڪانسواءِ، ڪنهن ٻئي آواز تي لبيڪ نه چيو - هيءَ آهي منهنجي ڪهاڻي جنهنکي بيروت جا باشنده زندگــي لاءِ لعنت ۽ سماج جي لاءِ روڳ سمجهن ٿا - پر اهي پنهنجــي ڪٿي تي پڇتائيندا، جڏهين زمانو سندن تاريــڪ دلين ۾ محبت جو ٻج پوکيندو، جهڙي طـــرح مرده جسمن سان پريل زمين مان سچ گل ٻوٽـــا پيدا ڪندو آهي -

انهيءَ ڪري جڏهين ڪوبه واٽهڙو منهنجــي قبر جي پرسان لنگهندو ته سندس آڏهون سامهون سلامتي سان ٿيندو جا ڪيس هيٺئن چئــي ڪـــري ٻيهاريندي:

" هت ياسمين هميشه جي ننڊ ستــل آهـــي، جنهن شريفانه محبت جي ناموس کي زنده رکڻ لاءِ پنهنجو پاڻ انسانن جي هتراد و قانونن جي غلامي کان ڇڏايو ۽ پنهنجو منهن سچ جي روشني طرف ڪيو ته جيئن پنهنجي جسم جو پاڇو ڪنـدن ۽ مرده کوپرين تي پوندو نه ڏسي.

★

ياسمين اجان چپ نه ڪئي هئي ته دروازو کليو ۽ هڪ خوبصورت نازڪ اندام نوجوان ڪمري ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخل ٿيو، جنهنجي اکين مان طلسمي شعاع نڪري رهيا هئا ۽ چپن تي وڻندڙ مرڪ کيڏي رهي هئس - ياسمين فورا اٿي ڪري ٿي ۽ نهايت محبت سان هنکي پانهه کان جهلي مون وٽ وٺي آئي - پوءِ هن نوجوان کي منهنجو نالو وڏي احترام سان ۽ مون کي سندس نالو معنيٰ پريل نگاهن جي سفارش سان ٻڌايو - مان سمجهي ويس ته هي اهو انسان آهي جنهنجي خاطر ياسمين دنيا ۽ ان جي رواجي ۽ قانوني پابندين کي ٺوڪر هڻي ڇڏي -

اسين سڀ چپ چاپ ويهي انهن ڳالهين تي غور ڪري رهيا هئاسين جي عين هن وقت هڪ ٻئي جي متعلق اسان جي علم ۾ آيون هيون، ايتري تائين جڏهين هڪ منٽ گذري ويو جو پنهنجي دامن ۾ هن خاموشي کي سانڍيرڻ ويٺو هو، جنهنجي ذريعي روح آسمان جو سير ڪرڻ لڳن ٿا، ته مون نگاه ڪڻي انهن ٻنهي جي طرف ڏٺو - هو ٻئي پاسو پاسي ۾ ملائي ويٺا هئا، مون کي انهن ٻنهي ۾ هڪ اهڙي ڳالهه نظر آئي جا هن کان اڳ مون ڪڏهين نه ڏٺي هئي ۽ مان اُن گهڙيءَ ياسمين جي داستان جو مطلب سمجهي ويس - مون

کي معلوم ٿي ويو ته سماج جي خلاف، جا پنهن جي ٺهيل قانونن کان بغاوت ڪندڙن کي سندن سرڪشي جي سببن جي جاچ ڪرڻ ڪانسواءِ پيڙڻ گهري ٿي، ياسمين جي فرياد جو انجام ڇا آهي؟ مون هڪ مجسم آسماني روح انهن پنهي جي جسمن ۾ داخل ٿيندي ڏٺو، جو شباب ۽ اتحاد جي زيور سان سينگاريل هو، مون ڏٺو ته محبت جو ديوتا انهن پنهي تي پنهنجي پاتهن جو پاڇو ڪيون بيٺو آهي ته جيئن ڪين زماني جي طعنن ۽ مهڻن کان محفوظ رکي ۽ گهاٽي دوستي سندن منهن مان بکي رهي آهي جن تي خلوص پاڪيزگي جو نور جلوه ريز آهي - مون پنهنجي عمر ۾ پهريون دفعو سعادت ۽ نيڪ بختي کي ٻن اهڙين هستين تي پاڇو ڪندي ڏٺو، جن کي مذهب ذليل ۽ قانون مردود قرار ڏنو هو -

ٿوري دير ڪانپوءِ مان انهن ۽ خاموشي جي زبان ۾ مان پنهنجي قلبي تاثرات جو اظهار ڪندي ڪانئن رخصت ٿيس -

مان ان ننڍڙي گهر مان نڪتس، جنهن کي بي لوث جذبات، خلوص ۽ محبت جو عبادتگاه بڻايو هو ۽ انهن شاندار حويلين جي وچهو لنگهند و

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي گهر طرف روانو ٿيس، جنهنجي پيدن ڪان ياسمين مونکي واقف ڪيو هو- مان ياسمين جي داستان ۽ سندس بنيادن ۽ نتيجن تي غور ڪري رهيو هوس- پر اجان مون آباديءَ ڪي طئي نہ ڪيو هو تہ نعمان ياد آيم ۽ سندس نا اميدي ۽ بد بختي جو عذاب، بت بڻجي منهنجي نگاهن جي سامهون اچي موجود ٿيو- مون پنهنجي دل ۾ چيو:

” نعمان بد قسمت ۽ مظلوم آهي! پر ڇا خدا نعمان جي ٻڌندو جڏهين ياسمين پنهنجي مظلوميءَ جو دل ڏڪائيندڙ داستان ٻڌائيندي؟ الزام جي قابل آها عورت آهي جڏهن پنهنجي آزاديءَ نفس جو چونڊ مجو ۽ نعمان کي ڇڏي هلي وئي، يا اهو مرد، جنهن ان ڪان پهريائين جو الٽ ياسمين جو روح محبت جي رهنمائي ۾ سندس طرف مائل ٿئي ڪيس پنهنجو غلام بڻايو؟ انهن ٻنهي ۾ ظالم ڪير آهي ۽ مظلوم ڪير؟ خطا ڪندڙ ڪير آهي ۽ بي خطا ڪير؟ “

زماني جي حالتن کي ڄاڻندي ۽ واقعن تي غور ڪندي مون پنهنجي دل ۾ چيو:

” اهڙيون عورتون بہ آهن، جي پنهنجي غريب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهرن کي ڇڏي ڪري خداوندان - زر ۽ مال جا پاسا وجي وسائين ۽ قيمتي پوشاڪن ۽ عيش ۽ عشرت جي شوق ۾ انڌيون ٿي ڪري ذلت ۽ خواري جي غار ۾ وجي پون، پر ڇا ياسمين به انهن مان آهي، جنهن پنهنجي مال ۽ دولت ۽ عاليشان حويلي کي ڇڏي ڪري مفلس جي جهوپڙي پسند ڪئي، جنهن ۾ پراڻن ڪتابن جي قطارن کان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي؟ دنيا ۾ اهڙين عورتن جي به ڪمي ناهي جي پنهنجي جهالت جي سبب عورت ذات جي فضيلت کي موت جي ننڊ سمهاري ڇڏين ۽ پنهنجي نفساني خواهشن کان شڪست کائي ڪري فقط جسماني لذتن جي خاطر پنهنجن مڙسن کي روئيندو پٽيندو ڇڏي ڏين ۽ انهن مردن جي پاسن ۾ وڃي ويهن جي نسبتا وڌيڪ ڪريل ۽ ڪميڻا هوندا آهن! نه ڇا ياسمين به جسماني خواهشن جي زير اثر هئي، جڏهين هن سر - عام پنهنجي آزادي جو اعلان ڪيو ۽ ان نوجوان سان هميشه لاءِ وابسته ٿي وئي جو نهن کان چوٽيءَ تائين روحانيت آهي! ڇا سندس لاءِ اهو ممڪن نه هو جو پنهنجي مڙس جي گهر رهندي لڪ چوريءَ انهن نوجوانن جي جوانين سان کيڏندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي ها، جي سنڌ جي حسن جا پوڄاري ۽ سنڌ ناز نخري تي شهيد ٿيڻ کي پنهنجي لاءِ وڏي رحمت سمجهن ها!

حقيقت هي آهي ته ياسمين بدقسمت هئي - ٺوڪري هن نيڪ بختي کي تلاش ڪيو ۽ جڏهين ڪيس حاصل ڪيو تڏهين سانس وابسته ٿي وئي - هي آهي سنڌ ڏوهه جنهنجي بدلي ۾ انساني سماج ڪيس حقير سمجهي ٿي ۽ قانون مردود!"

وڏي غور ۽ فڪر لاءِ سون پنهنجي دل کان پڇيو:

"چا عورت لاءِ جائز آهي ته هو پنهنجي نيڪبختي جي قيمت مڙس جي بدبختي کي قرار ڏئي؟"

دل اُن جواب ۾ ورائيو:

"چا مرد لاءِ جائز آهي ته هو پنهنجي عيش ۽ راحت لاءِ زال کي خواهشن جو غلام بنائي؟"

★

مان پنهنجن انهن خيالن ۾ غرق وڃي رهيو هوس ۽ ياسمين جو آواز منهنجي ڪنن ۾ وڃي رهيو هو، ايتري تائين جو مان آبادي کان ٻاهر کليل ميدانن ۾ نڪري ويس -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوري ڏينهن جو ٿڪل ٽٽل سج مغرب جي سيج ۾ آرام ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو هو، بلغن ۽ ٻنين آرام ۽ راحت جي پردي ۾ روپوش ٿيڻ چاهيو ٿي، پکي شام جو لاتيون لنوي رهيا هئا ـ ملان هلندي هلندي بيهي رهيس ۽ ڪجهه سوچڻ لڳس ـ ٿڌو ساهه کڻي مون چيو:

"هي ون آسمانتي آزادي جي روبرو صبح جي هير جي حرڪتن کان فرحت اندوز ۽ جلال آزادي جي سڌهون سج چنڊ جي ڪرڻن کان خوش ٿي رهيا آهن ـ هي پکي گوشه ـ حريت سان سر گوشيون ڪري رهيا آهن ۽ آبشارن جي ويجهو آزاديءَ جي چوڏاري لاسلوا ڏئي رهيا آهن - هي گل آزاديءَ جي فضا ۾ پنهنجي خوشبوءِ جي هڳاءَ سان دماغ کي معطر ڪري رهيا آهن ـ ۽ صبوح جي ڪوار جي اچڻ ڪري ٽڙي رهيا آهن- مطلب ته هن جهان جي هر شيءِ طبيعي قانون جي تحت گذر ڪري رهي آهي ۽ خوش آهي - پر هڪ انسان آهي، جو هن نعمت کان محروم آهي- سندس پاڪ ۽ بي اندازه روح، دنيا جي محدود قانونن ۾ جڪڙيو ويو آهي - سندس جسم ۽ روح لاءِ هڪ قانون ٺاهيو ويو آهي جو ناقص به آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سخت ٻہ - سندس جذبات ۽ خواهشن لاءِ خوفناڪ ۽ تنگ قيد خانہ بڻايو ويو آهي ۽ سندس دل ۽ دماغ لاءِ هڪ اونهي اونداهي قبر کوٽي وئي آهي - جيڪڏهين ڪوئي هن ظلم ۽ بي انصافي جي خلاف آواز بلند ڪريٿو تہ ماڻهو ان کي باغي، بدمعاش ۽ بد اخلاق ڪوٺين ٿا - ايتري قدر ڪريل ۽ ذليل جو ڪيس قتل ڪيو وڃي -

پر ڇا انسان هميشہ سماج جي هن ناڪارہ قانون جي غلامي ڪندو رهندو، يا زمانو ڪيس روحاني اصول تي زندگي بسر ڪرڻ لاءِ آزاد ڪرائيندو؟ ڇا انسان هميشہ ذلت جي غارن ۾ پيو رهندو - يا پنهن جون اکيون سج تي کپائيندو تہ جيئن پنهنجي جسم جو پاڇو ڪن ڪچري ۽ مردہ کوپرين تي پوندو نہ ڏسي؟"

قبرن جي فرياد

امير، انصاف جي ڪرسيءَ تي جلوه افروز هو - سڄي ڪٻي سلطنت جا عاليٰ دماغ وزير هئا، جن جي جهونن چهرن تي علم و فضل جو نور چٽيل هو - هيڏانهن هوڏانهن سپاهي تلوارون جهليو ۽ نيزا اُڀا ڪيو بيٺا هئا - سامهون تماشبينن جو ميڙ هو، جنهن ۾ ڪي ته اهڙا هئا جنڪي فقط تماشي جو شوق گهلي آيو هو - ۽ ڪي اهڙا هئا جنڪي تازن ڏوهن جي فيصلي جو انتظار هو -

سيني جا ڪنڌ جهڪيل، نگاهون هيٺ ۽ ساهه روڪيل هئا، ڇو ته امير جي اکين ۾ هڪ قوت هئي جا مٿن رعب ۽ خوف طاري ڪري رهي هئي ۽ سندن دلين ۾ توجهه ۽ خواهش جو ٻج رنبي رهي هئي -

مجلس ختم ٿي ۽ فيصلي جي گهڙي قريب اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي — امير پنهنجو همٿ مٿي ڪنيون ۽ بلند آواز ۾ چيائين:

”ڏوهين کي هڪ هڪ ڪري منهنجي اڳيان حاضر ڪيو ۽ ٻڌايو! سندن ڏوهه ۽ گله ڪهڙا ڪهڙا آهن؟“

قيد خاني جو در کوليو ويو، جنهن جي ڪاريون پٽيون اڃا معلوم ٿي رهيون هيون جيئن اوباسي ڏيندي وقت ڪنهن خوفناڪ جانور جي نڙي! سندس هڪ ڪنڊ مان هٿڪڙين ۽ ٻيڙين جي ڇم ڇم سان گڏ قيدين جي آهه ۽ زاري جا آواز بلند ٿيا — ماڻهن نگاهون مٿي کنيون ۽ ڪنڌ موڙي موڙي ڏٺو — جيڪو ته اڃا قبر جي اونهائين مان موت جي شڪار کي نڪرندي ڏسي ڪانءِ پنهنجي نگاهن جي ذريعي قانون سان اگرائي ڪرڻ چاهي ٿي.

توري دير ڪانهه پوءِ به سپاهي هڪ نوجوان جا ڏورا ٻڌي، عدالت جي ڪمري ۾ آيا، جنهنجي نراڙ جا وٽ ۽ مڪل نهاريا، خود داري ۽ حوصله مندي جو آئينو هئا. هڪي ڏوهين جي ڪنهڙي ۾ ڏڪي سپاهي ٻه قدم پوئتي هٽي ويا. امير توري دير تائين ڪيس غور سان ڏٺو ۽ پڇيو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هن نوجوان جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟ جو اسان جي سامهون اهڙو اوچو ڳاٽ ڪيون بيٺو آهي جو چڻ ته عدالت جي ڪٽهڙي ۾ ناهي پر ڪنهن تخت جي جاءِ تي آهي!“

سلطنت جي وزيرن مان هڪ جواب ڏنو:-

”هي قاتل آهي، ڪلهه هن حڪومت جي هڪ ذميدار آفيسر جو، جڏهين هو سرڪاري طرح گهوڙن جو گشت ڪري رهيو هو، مقابلو ڪيو ۽ کيس زمين تي ڪيرائي قتل ڪري ڇڏيو - جنهن وقت هن کي گرفتار ڪيو ويو تنهن وقت مقتول جي رت ۾ رنگيل تلوار سندس هٿ ۾ هئي -“

امير ڪاوڙ مان ڪنبڻ لڳو ۽ غيظ ۽ غضب جا تير سندس اکين مان وسڻ لڳا - گجندي چيائين:

”هن کي تاريڪي ۾ واپس وٺي وڃي زنجيرن ۾ جڪڙيو ۽ سڀان صبح سندس ئي تلوار سان سندس سر قلم ڪري مرده جسم کي جهنگل ۾ اڇلي ڇڏيو ته سندس گوشت ڪانون ۽ ڳجهن جي خوراڪ ٿئي ۽ هوا سندس سڙيل لاش جي بدبوءِ سندس اهل و عيال ۽ يارن دوستن تائين پهچائي!!“

نوجوان کي قيدخاني ۾ موڪليو ويو، ماڻهن جون افسوس ڪندڙ اکيون سندس تعاقب ڪري

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

رهيون هيون ۽ فضا گهرن ۽ تڏن ساهن سان ڀريل هئي - هاء! هو مظبوط جسم ۽ حسين صورت نوجوان !!

هاڻي سپاهي هڪ نازڪ اندام ۽ حسين و جميل، نوجوان عورت کي گرفتار ڪري وٺي آيا، جنهن جي منهن تي مايوسي ۽ نااميدي جي زردي ڇانيل هئي - اکيون لڙڪن سان پر هئس ۽ ڪنڌ حسرت ۽ شرمساري جي بار کان جهڪيل!

امير کيس ڏسي ڪري پڇيو:

”۽ هن سڪل سڙيل عورت جو ڪهڙو ڏوه آهي؟ جا اسان جي ساهون اهڙي طرح بيٺي آهي جهڙي طرح حقيقت جي پير ۾ پاڇو!“

هڪ سپاهي جواب ڏنو:

”هيءَ هڪ بدڪار عورت آهي - ڪلهه رات جڏهين سندس مڙس گهر پهتو نه هيءَ پنهن جي ڪنهن يار سان ستل هئي، کيس پوليس جي حوالي ڪيو ويو ۽ سندس يار ڀڄي ويو --“

امير هن کي غور سان ڏنو ۽ هوءَ شرم کان زمين ۾ پيهي وئي - ظلم ۽ سنگدلي جي شدت کان ڏند ڪرٽيندي امير حڪم ڏنو:

”هنکي قيد خاني جي اونداهين ۾ وٺي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنبڻ ۾ اچليو تہ ھيءَ پنھنجي سيج کي يـاد ڪري، جنھنکي ھن پنھنجي بدڪارين سان تلپاڪ ڪري ڇڏيو آھي - ھن کي ماکيءَ ۾ ڦوہ جـو پاڻي ملائي پياريو تہ ھيءَ انھن ڇمين جي لـذت کي ياد ڪري، جي مذھب ۽ قانون جي نگاھن ۾ حرام آھن ۽ سيان صبح کيس ننگو ڪري شھر کان ٻاھر وٺي وڃو ۽ سنگسار ڪري سندس جسم کي اتي ئي ڀيل ڇڏيو تہ سندس گوشت ٻگھڙ چيري ڦاڙي کائين ۽ ھڏا ڪيوليون ماڪوڙيـون چٽ ڪن -"

نوجوان عورت ڦبدختي جي الوتداھين ۾ گـر ٿي وئي - ان وقت حاضرين امير جي عدل ۽ انصاف تي حيرت آميز خوشيءَ جو اظھار بہ ڪـري رھيا ھئا ۽ ھن نوجوان عورت جي غمزدہ چھري جـي دلڪشي ۽ ڏکويل نگاھن جي بيوسي تي افسوس بـہ !

ھاٿي سپاھين ھڪ ڪمزور ۽ پوڙھي شخص کي آندو، جو پنھنجن ڏڪندڙن ۽ ٿڙڪندڙن گوڏن کي اٿين گھلي رھيو ھو ڇو تہ اھـي سـنـدس گوڏڙيءَ جا پراڻا ڦاٽل داسن آھن - اپاجھون نيڻن سان ٿن ڇئي طرفن ڏٺو، وچاري جي نگاھن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مايوسي، محتاجي ۽ بد بختي ڇانيل هئي —
امير هن جي طرف ڏسي ڪري حقارت ڀريل
انداز ۾ چيو:
”۽ هي ڇا ڪو شخص جو ڪهڙو ڏوهه آهي؟
جو اهڙي طرح ٻڌو آهي جيئن جيئرن ۾ مثل!“
هڪ سپاهي جواب ڏنو:
”هي چور آهي، ڪالهه رات جو هن ديول
مان چوري ڪئي، پر معصوم راهبن کيس پڪڙي
ورتو، تلاشي وٺڻ تي سندس جهوليءَ مان مقدس
قربان گاهه جا ٻرتن نڪتا —“
امير هڪ اهڙي ڏنو جيئن ڪا بکايل گرجهه
مثل جهرڪيءَ کي ڏسندي آهي ۽ وڏي آواز ۾
چيائين:
”هن کي قيد جي تنگ ۽ اونداهي تهه خاني
۾ وجهي سندس جسم کي فولادي زنجيرن ۾
جڪڙيو! ۽ سڀاڻي صبح کيس هڪ وڏي وڻ ۾
لٽڪائي سندس ڳچيءَ ۾ ريشمي رسيءَ جي سرڪڻي
ڦاهي وجهو! ڏهه ڏينهن ڪري وڃڻ کان پوءِ سندس
جسم کي اتي ئي ڇڏيو ته جيئن عناصر سندس
آڱرين جا سنڌ سنڌ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏين ۽ هوا
سندس جسم جي عضون کي اڏائي وڃي!!“

چور کي قيدخاني ۾ وٺي ويا ۽ ماڻھو پاڻ ۾ سس پس ڪرڻ لڳا:

”ھن بيپ ايمان پوڙھي کي پاڪ دبول جي قانون چورائڻ جي جرئت ڪيئن ٿي؟“

امير انصاف جي ڪرسيءَ تان اٿيو ۽ سپاھين جي دستي سان روانو ٿي ويو.

سلطنت جا ڪاروباري به سندس پوئتان پوئتان روانا ٿيا ۽ تماشبين به آهستي آهستي ٽڙي پکڙي ويا. هاڻي ان جاء تي ڪير به نه هو سواء قيدين جي فريادن ۽ بي سهارن جي آهن جي، جي فضا ۾ اٿين لرزي رهيون هيون جيئن پتين تي پاڇا!

جو ڏيٺو هو سو ٿيو پر مان اتي ئـــي ويٺو رهيس، انهيءَ آئيي وانگر جو چرندڙ پرندڙ پاڇن اڳيان رکيل هوندو آهي. اُن وقت مـــان انهن قانونن تي غور ڪري رهيو هوس جي انسان، انسان لاء ناهيا آهن ۽ ان بيوقوفي تي مان دل ئي دل ۾ ڪڙهي رهيو هوس جنهن کي دنيا عـــدل ۽ انصاف چوي ٿي ــ مان ان وقـــت زندگـــي جي اسرار جي تلاش ڪري رهيو هوس ۽ هستي جي انجام سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هـــوس، ايتري تائين جو منهنجو دماغ پريشان ٿي ويـــو.

فڪر منهنجي ذهن ۾ اٿين ڪر ٿي وبا جيئن شفق بادلن ۾ لڪي ويندي آهي - آخرڪار مان اتان دل ئي دل ۾ چوندو نڪتس:

”ڳاه زمين جي عناصر ڪي چوسي ٿو ۽ ٻڪريون ۽ رڍون ڳاه کي چٽ ڪن ٿيون، بگهڙ، رڍن ۽ ٻڪرين کي شڪار ڪري ٿو ۽ گينڊو بگهڙ کي ماري ڪاٽي ٿو - شينهن گينڊي کي ڦاڙهي وجهي ٿو ۽ موت شينهن کي فنا ڪري ڇڏي ٿو - ڇا ڪا قوت اهڙي به آهي جا موت تي غالب پئجي ظلمن جي سلسلي کي ابدي انصاف ۾ بدلائي ڇڏي؟ ڇا ڪا قوت اهڙي به آهي جا هنن سڀني مڪروه اسباب کي بهتر نتيجن ۾ تبديل ڪري ڇڏي؟ - ڇا ڪا قوت اهڙي به آهي جا زندگيءَ جي، هنن سڀني جزن کي سٽ ۾ ڪري کلندي کلندي پنهنجو پاڻ ۾ جذب ڪري وٺي؟ - ڇا ڪا قوت اهڙي به آهي جا قاتل ۽ مقتول کي، بدڪار ۽ سندس يار کي، چور ۽ انهن ديول جي پادرين، جنهن جو مال چوري ڪيو ويو، ڪنهن اهڙي عدالت ۾ پيش ڪري جا امير جي هن عدالت کان گهڻو بلند ۽ عالي هجي؟“

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن، ماڻ شهر کان ٻاهر، انهن سرسبز ميدانن ۾ هليو ويس، جتي خاموشي مِن موهيندڙ خوشبوءِن عام جام ڪندي آهي ۽ فضا جي پاڪيزگي، حسرت ۽ نا اميدي جي انهن جراثيمن کي نابود ڪري ڇڏيندي آهي جي تنگ ۽ تاريڪ گهرن ۾ جنم وٺندا آهن - واديءَ جي قريب پهچي ڪري مون ڏٺو: عقابن، ڪانون ۽ ڳجهن جا ولر لامارا هڻي رهيا آهن، اهي ڪڏهين زمين تي لٿا ٿي ۽ ڪڏهين آسمان ۾ اڏاڻا ٿي - سڄي فضا سندن رڙين ۽ اڏرندڙن پرن جي ڦڙ ڦڙ سان گونججي رهي آهي - حقيقت حال کي معلوم ڪرڻ لاءِ ٻه چار قدم اڳتي وڌيس ته ڏٺم: هڪ مرد جو مرده جسم هڪ وڏي وڻ ۾ ٽنگيل آهي، هڪ عورت جو اگهاڙو لاش انهن پٿرن ۾ پيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي جنهن سان ڪيس سنگسار ڪيو ويو آهي ۽ هڪ نوجوان جو ڏڙ ڌڙ خاڪ ۽ خون ۾ ليٿڙيل آهي ۽ گهڃي پري ڪري پئي آهي -

ملان بيٺي رهيس، منظر جي هيبت ٿاڪي سهن جي بيناڻي تي هڪ ڳوٺو ۽ اونداهو پردو وجهي ڇڏيو - سون اک متي ڪنئي ته خون ۾ ليٿڙيل لاشن جي وچ موت جي ٻاڇي ڪانسواءِ ڪجهه ڏسڻ ۾ نه آيو - موت ڪن ڏنيو ته انساني قانون جي شڪار جي چوڌاري لاڙا هڻندڙ ڪانون جي ڪانءِ ڪانءِ سان گڏ تباهي جي فرياد ڪانسواءِ سون ڪي ڪجهه ٻڌڻ ۾ نه آيو -

”آدم جا ٽي لخت - جگرا جي ڪلهه تائين زندگيءَ جي جهوليءَ ۾ هئا، اڄ موت جي چنبي ۾ اچي ويا !!

ٽي شخص ! جن ظاهري طرح قانون جي خلاف ورزي ڪئي ۽ انڌي قانون ڪين تيوڙي نهايت سنگدلي سان پائمال ڪري ڇڏيو !!

ٽي هستيون! جنکي جيئالت ڏوهي قرار ڏنو - ڇاڪاڻ ته اهي ڪمزور هيون - ۽ قانون ڪين موت جي حوالي ڪري ڇڏيو - ڇاڪاڻ ته اهو طاقتور هو!! “

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ شخص ٻئي شخص کي قتل ڪيو ته دنيا
چيو:
”هي ظالم قاتل آهي!“ پر جڏهين امير
هنکي قتل ڪرائي ڇڏيو ته چيو: ”هي امير انصاف
ڪندڙ آهي!“
هڪ شخص ديول مان چوري ڪئي ته ماڻهن
چيو: ”هي بدمعاش چور آهي!“ پر جڏهين امير
سندس زندگي کسي ورتي ته چيائون: ”هي امير
احترام جي قابل آهي!“
هڪ عورت پنهنجي مڙس جي امانت ۾ خيانت
ڪئي ته سڀ نندا وڏا چوڻ لڳا: ”هيءَ ڪميڻي
بدچال آهي!“ پر جڏهين امير سندس پوشاڪ
لهرائي ڪيس بزارين ۽ گهٽين ۾ گهمرايو ۽ سڀني
جي سامهون سنگسار ڪرايو ته چيائون: ”هي
امير شرافت جو پتلو آهي!“
خون وهائڻ حرام آهي پر امير جي لاءِ ڪنهن
حلال ڪري ڇڏيو؟
مال چورائڻ ڏوهه آهي، پر ڪنهن کي زندگي
جي نور کان محروم ڪري ڇڏڻ، عظمت ۽
بزرگي جو سبب ڪنهن قرار ڏنو؟
عورت جو مڙس جي امانت ۾ خيانت ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خراب آهـــي پـــر ڪيس سنگسار ڪـرڻ ڪنهن سنو قرار ڏنو؟

اسين برائي جو مقابلو ان ڪان ٻه وڏي برائي سان ڪيون ٿا ۽ چئون ٿا: ”هي قانون آهي!“

اسين فساد جو خاتمو ان ڪان ٻه وڏي فســاد سان ڪيون ٿا ۽ رڙيون ڪيون ٿا: ”هي ناموس آهي!“

اسين ڏوه تي غالب پوڻ لاءِ ان ڪان ٻه وڏو ڏوه ڪيون ٿا ۽ شور ڪيون ٿا: ”هــي انصاف آهي!“

ڇا امير ڪڏهين ٻه پنهنجي ڪنهن دشمن کي قتل نه ڪيو آهي؟

ڇا هن ڪڏهن ٻه پنهنجي ڪنهـن ڪمـــزور زيردست جي مال ۽ جائيداد تي زبردستي قبضو نه ڪيو آهي؟

ڇا ڪا حسين عورت سندس شهواني جذبات ۾ طوفان برپا ڪرڻ جو سبب نه بڻي آهي؟

ڇا هو پنهن جي سموري زندگي ۾ انهن گناهن کان بچيو رهيو آهي، جو سندس لاءِ قاتل کــي قتل ڪرائڻ، چور کي قاسيءَ تي لٽڪائڻ ۽ زانيءَ کي سنگسار ڪرائڻ جائز ٿي ويو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير هو جنهن ڦاسي ڏيڻ لاءِ چور کي وڻ ۾ لٽڪايو؟ ڇا هن جهان سان فرشتا هيٺ لهي آيا هئا، يا اُهي ئي ماڻهو هئا جي هر شيءِ کي جا انهن جي هٿ چڙهي وڃي ٿي، ماڻهو جو ڪير سمجهن ٿا!

ڪير هو جنهن قاتل جو سر ڪپيو؟ ڇا آسمان کان پيغمبر نازل ٿيو هو؟ يا اهي ئي سپاهي هئا جي ماڻهن کي قتل ڪن ٿا ۽ پاڻيءَ وانگر ڪنڌن رت وهائين ٿا!

ڪير هو جنهن زانيءَ کي سنگسار ڪيو؟ ڇا زهدان - شب زنده وار پنهنجي حجرن مان نڪري آيا هئا؟ يا اُهي ئي ماڻهو هئا جي هر وقت گناهن ۾ پريل ۽ اونداهي جي پردن ۾ لڪي ڪري موجود ڪن ٿا!

قانون ـــــــ قانون ڇا آهي؟ ڪير آهي جنهن ڪيس سج جي ڪرڻن سان گڏ آسمان کان هيٺ لهندي ڏٺو آهي؟ ڪهڙو بشر آهي جنهن الله جي دل کي ڏسي ڪري عالم انساني جي متعلق سندس مرضيءَ کي حاصل ڪيو آهي؟ ۽ ڪهڙي زماني ۾ فرشتا انسانن کي چون آيا هئا ته ”ڪمزورن کي زندگي جي نور کان محروم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏيو! غريب ۽ زبون حال مائين کي موت جي تير جو نشانو بڻايو ۽ خطاڪارن کي فولادي پيرن سان چيپاڻي ڇڏيو!!"

منهن جو دماغ انهن فڪرن جي ڪشمڪش ۾ ۽ منهن جا جذبات انهن خيالن جي چڪتاڻ ۾ مبتلا هئا جو مون ڪنهن جي قدمن جو آواز ٻڌو، جو آهستي آهستي منهنجي ويجهو ٿي رهيو هو - مون ڏٺو: هڪ نوجوان عورت، ويڙهيل سيڙهيل، ٻنل ٻاڏل، خوف مان چئني طرفن ڏسندي، وڻن جي جهنڊ مان نڪتي ۽ انهن ٽهي لاشن وٽ وئي، جڏهين هن نوجوان جو وڍيل سر ڏٺو تڏهين رنج ۽ غم کان دانهن نڪري ويس ۽ ان جي طرف نوڙي ڪري کيس پنهنجي ڏڪندڙ ڪرائين جي وچ ۾ کڻي ڪيو، سندس اکين مان بي اختيار لڙڪ جاري ٿي ويا ۽ هن مقتول جي گهنڊيدار وارن کي پنهنجي هٿ ۾ کڻي ڪري هڪ اهڙي دردناڪ ۽ دل چيريندڙ آواز ۾ روئڻ شروع ڪيو جو سندس دل جي گهرائين مان نڪري رهيو هو، جڏهين هوءَ روڄ راڙي ۽ ماتم جي شدت کان ماندي ۽ نا اميدي جي هجوم کان هارائي ويئي تڏهين پنهنجي هٿن سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلدي جلدي قبر کوٽڻ لڳي - هڪ چڱي موچاري قبر کوٽڻ کان پوءِ هن نوجوان جي لاش کي گهلي انهيءَ وڏو ۽ هڪ قيامت خير اطمينان سان سندس رت ۾ رنگيل سر کي سندس ٻنهي ڪلهن جي وچ تي رکي ڪري قبر کي مٽيءَ سان لتي ڇڏيو ۽ انهيءَ تلوار جي ڦر کي قبر مٿان کوڙي ڇڏيو، جنهن سان سندس سر وڍيو ويو هو - جڏهين هوءَ وڃڻ لڳي تڏهين مان سندس طرف وڌيس، مونکي ڏسي ڪري هوءَ ڇرڪي وئي ۽ خوف کان ڪيس اهڙي ته ڏڪڻي اچي ورتو جو هوءَ زمين تي ڪري پئي - گرم گرم لڙڪ، بارش وانگر سندس اکين مان جاري هئا، ڏڌو ساهه پريندي هن چيو:

” جيڪڏهين تنهنجي خواهش هجي تہ امير وٽ پلي منهنجي شڪايت ڪر! چاڪاڻ تہ منهن جي لاءِ اهوئي بهتر آهي تہ مان مري وڃان ۽ ان شخص سان وڃي ملان جنهن مون کي بدنامي جي چنبي مان ڇڏايو، ان جي مقابلي ۾ جو مان سندس لاش کي ڳجهن ۽ جهنگلي جانورن جي خوراڪ لاءِ ڇڏي ڏيان — “

مون چيو:

” مصيبت جي ماريل ڀيڻ! مان تہ پاڻ تنهن

جي اچڻ ڪان اڳ هن جي جواني جي موت تي ماتم ڪري چڪو آهيان - مون ڪان نه ڊڄ، پر مونکي ٻڌاءِ! هن توکي ڪهڙي طرح بدنامي جي چنبي ڪان نجات ڏياري؟"

غم جي شدت ڪان سڏڪا پريندي هن چيو:

"امير جو موڪليل هڪ آفيسر ڍل وصول ڪرڻ لاءِ اسان جي ڳوٺ ۾ آيو، جڏهين هن مون کي ڏٺو ته خوفناڪ پسنديدگيءَ جي چمڪ سندس اکين ۾ پيدا ٿي ۽ هن منهنجي غريب پيءُ تي ايتري ته وڏي ڍل مڙهي، جنهنکي ڪوبه دولت مند ڏئي نه ٿي سگهيو، ڍل جي سونين مهرن جي عيوض هن مونکي امير جي محل ۾ پهچائڻ لاءِ جهليو - مون روئي روئي ڪيس رحم جي درخواست ڪئي پر هن هڪ ٻه نه ٻڌي - مون ڪيس پنهنجي پيءُ جي ٻڍاپي جو واسطو ڏنو، پر سندس دل نه پني - مجبورن مون دانهون ڪوڪون ڪري ڳوٺ وارن ڪان مدد گهري، ته هي نوجوان جو منهنجو مڱيندو به هو، آيو ۽ مونکي هن ظالم جي هٿن مان ڇڏايائين - آفيسر غصي جي ڪري آپي ڪان ٻاهر نڪري ويو ۽ چاهيائين ته ڪيس ساري وجهي پر نوجوان ڦڙتي ڪئي ۽ سامهون پٽ تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنگيل ترار لاهي ۽ آفيسر کي زمين تي ڪيرائي هڪ ٺُي هٿ ساڻ سندس ڪم پورو ڪري ڇڏيو. مردانگي جي ناموس ڪيس پيچ لاء مجبور ته ڪيو، جو علم ڏوهارين جو ڪم آهي - هي شجاعت ۽ خود داري جو پتلو انهي ٺي ٺيتو رهيو ايتري تائين جو سپاهي آيا ۽ ڪيس گرفتار ڪري وٺي ويا.

انهن چٽي هن موت ڏي اهڙي نظر ساڻ ڏٺو جنهن سنهنجي دل کي چيري وڌو ۽ سيني ۾ غم جي آگ جا شعلا ڀڙڪائي ڇڏيا - هوءَ تڪڙا تڪڙا قدم کڻي اتان هلي وئي. قضا سندس دردناڪ آواز ۽ دل ڏاريندڙ روح ڏاڙهي ساڻ گونجندي رهي.

ٿوري دير کان پوءِ موت ڏٺو ته هڪ نوجوان ڪوٽ جي پاڻهي ساڻ پنهنجو منهن ڍڪيو اچي رهيو آهي - زانيه جي لاش ويجهو پهچي هن پنهن جو ڪوٽ لاٿو ۽ هن جي اگهاڙي جسم تي وجهي ڇڏيو - پوءِ خنجر ساڻ جو دن ڀريت هيو، قبر کوٽيائين ۽ آهستگي ساڻ سندس لاش کي کڻي اتي ۾ دفن ڪيائين، اهڙي طرح جو سندس تيڻ ساڻ اٿڪن جي لانيد هئي ۽ دل قابوءَ کان ٻاهر - اٿ کم کان واندي ٿيو، کان پوءِ، هن آس پاس جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوٽن مان گل ٻئي هڪ گل دستو ٺاهيو ۽ انهيءَ قبر تي رکيو - جڏهين هن وڃڻ جو ارادو ڪيو تڏهين مون ڪيس ٻيهارڻو ۽ چيو:

” تهجو هن ٻي ٻار ۽ مددگار عورت سان کهڙو ناتو آهي، جو تو جان جوکي ۾ وجهي امير جي حڪم جي خلاف ورزي ڪئي ۽ سندس چچريل لاش کي شڪاري پکين جي خوراڪ ٿيڻ کان بچايو؟ “

هن منهن جي طرف ڏٺو، سندس اکيون جي رنج ۽ بيداريءَ جي ڪري ڳوڙهون هيون سي ڇڳيءَ پر سندس ڏکن سورن جو داستان ٻڌائي رهيون هيون - گهٽيل آواز ۾ ڏک سان پريل ٿڌا ساهه کڻندي، هن چيو:

” مان اهوئي بدنصيب آهيان جنهن جي ڪري هن کي سنگسار ڪيو ويو آهي - ملان ۽ هيءَ انهيءَ وقت کان هڪ ٻئي کي گهرندا هئاسين جڏهين اسين اڃان ننڍڙا هئاسين ۽ گهرن ۾ کيڏندا وتندا هئاسين - عمر سان گڏ اسانجي محبت به وڌندي رهي - ايتري تائين جو اها اسان جي دلين جي ملڪه بڻجي وئي جنهن جي خدمت اسان پنهنجو ايمان سمجهندا هئاسين - محبت اسان ٻنهي کي پنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي طرف مائل ڪيو ۽ جڏهين ڏنائين ته اسان پنهنجي روح جو هر مزو سندس لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي تڏهين سيني سان لڳايائين -

هڪ ڏينهن جو ذڪر آهي ته مان شهر کان ڪيڏانهن ٻاهر ويل هوس ته هن جي والد سندس شادي زوري هڪ اهڙي شخص سان ڪرائي جنهن کان ڪيس بي حد نفرت هئي - جڏهين مان موٽي آيس ۽ مون کي هن حادثي جو اطلاع مليو ته منهن جا ڏينهن وڏا ۽ اونداهين راتين ۾ بدلجي ويا ۽ منهنجي زندگي هڪ سانده ڪشمڪش ۽ هميشه جو عذاب بڻجي وئي - مان پنهنجي جذبات کي دٻائڻ ۽ .... پنهن جي نفس جي خواهش تي غالب پوڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس، پر محبت کي موٽي فتح حاصل ٿي ۽ مونکي چوري چوري هن وٽ اڻين وڃي وئي جيئن اڪين وارو انڌي کي وٺي ويندو آهي -

خوش قسمتي سان مونکي هن جون نور سان ڀريل اکين ڏسڻ ۽ سريلي آواز ٻڌڻ جو موقع مليو - مون ڏٺو ته هن اڪيلي ويٺي ٿي پنهن جي قسمت تي رنو، پنهن جي ان محبت جو ماتم ڪري رهي هئي جا خوشحال تيئ کان اڳ ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سماجي جهالتن تي قربان ڪئي وئي. سان تسوري فاصلي تي سندس سامهون ويٺي. خاموشي اسانجي گفتگو هئي ۽ پاڪبازي اسان جي محافظ. پر افسوس جو هڪ ڪلاڪ ئي نه گذريو هو جو اوچتو سندس مڙس آيو. مونکي ڏسندي ئي هن جا ڪميڻا جذبات سجاڳ ٿيا ۽ هن پنهنجي بيدرد هٿن سان هن جي نازڪ گردن پڪڙي رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون:

”يارو! اچو!! رنڊيءَ ۽ سندس يار کي ڏسو!!!“

پاڙيسري ڊڪندا ڊوڙندا آيا ۽ ڪانئن تسوري دير پوءِ پوليس به اطلاع ملڻ تي آئي. ظالم مڙس هن غريب کي سپاهين جي سخت ۽ بيرحم هٿن جي حوالي ڪيو جي کيس زبردستي اهڙي حالت ۾ وٺي ويا جو هوءَ پنهنجا وار پٽيندي ۽ ڪپڙا ڦاڙيندي رهي — رهيس مان، سو مونکي گرفتار ڪرڻ نه درڪنار پر ڪنهن هي به نه پڇيو: ”تون ڪير آهين؟“ انڌو قانون ۽ ذليل سماج عورت جي خطا معاف نه ٿو ڪري، جيڪڏهن ڪانئس ڪا غلطي ٿي وڃي، پر مرد سندس مقابلي ۾ ڪيئن به معافي ۽ درگذر جو مستحق آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوجوانن پنهن جي ڪپڙن سان منهن ڍڪي
شهر ڏانهن موٽي ويو ۽ مان پنهن جي جڳه تي
ويٺي ڪيس غور سان ڏسي رهيو هوس ۽ تڏا ساھ
پريندو رهيس -

جنهن وقت ڪنهن هوا جي جهوٽي وڻ جي
ٽارين کي لوڏيو تي ته ڦاسيءَ تي لٽڪيل چور
جو لاش به لڏيو تي ۽ چڻ ته هوا ۾ رهندڙ روحن
کي التجا ڪري رهيو هو ته ڪيس به ڦاسيءَ تان
لاهي ڪري غيرت ۽ محبت جي شهيدن جي پر ۾
زمين جي سيني مٿان سمهارين -

هڪ ڪلاڪ ڪان پوءِ قاتل تتل رلي ۾ هڪ
ڏبري ۽ ڪمزور عورت نظر آئي - ڦاهيءَ تي
ٽنگيل چور جي لاش وڃهو پهچي بيهي رهي ۽
دانهون ڪري پنهنجو سينو ڪٽڻ لڳي - ٿوري دير
ڪان پوءِ هوءَ وڻ تي چڙهي ۽ پنهنجي ڏندن سان
رسيءَ کي ڪپيائين - لاش زمين تي اڇين ڪريو
جيئن پائيءَ ۾ پنل ڪپڙو ڪرندو آهي - هاڻي اها
عورت هيٺ لٿي ۽ انهن بنهي نٿين قبرن جي پرسان
هڪ بي قبر کوٽي لاش کي دفن ڪيو ۽ مٿس
مٽي وجهڻ ڪان پوءِ آس پاس ڪان به ڪانيون ڪٺي
آئي هئي جنهن جو صليب ٺاهي قبر جي مٿن ڪان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙيائين -

جڏهين هن وچڙ جي ارادي سان پنهنجو منهن ان طرف ڪيو جتان هوءَ آئي هئي ته مون ڪيس بيهاري پڇيو:

”توکي اهڙي ڪهڙي ضرورت پئي جو هڪ چور کي دفنائڻ لاءِ هٿ آئينءَ؟“

لڙڪن سان پرپل اکين سان، جن کي رنج ۽ بدبختي جي پاڇن ڪارائي ڇڏيو هو، هن مونڏي ڏٺو ۽ چيو:

”هي منهنجو پاڪدامن ۽ نيڪ ڪردار مڙس آهي جو ڪلهه تائين منهنجي مصيبتن جو ساٿي ۽ منهنجن ٻچن جو غمگسار ٻيءُ هو —— منهن جن انهن پنجن ٻارن جو ٻيءُ جي ٻڪڻ کان ڦٿڪي رهيا آهن، جن مان سيني کان وڏو اٺن سالن جو آهي ۽ سيني کان ننڍو ٽيهه پياڪ آهي! هي چور ناهي پر ڪڙمي هو ۽ ديول جي زمين ڪاهڻ جو ڪم ڪندو هو، جنهن جي بدلي ۾ پادري کيس صرف ايتري ماني ڏيندا هئا جنهن کي اسين شام جو کائڻ کان پوءِ صبح جي لاءِ هڪ گره به نه بچائي سگهندا هئاسين - هن پنهنجي سموري جواني ديول جي ٻنين کي پنهنجي رت ۽ پگهر سان آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ۽ انهن جي باغن کي پنهنجي ٻارن جي قوت سان سر سبز رکڻ ۾ قربان ڪري ڇڏي. پر ان محنت ۽ جانفشاني جو بدلو ڪيس هي مليو جو جڏهين پوڙهو ٿيو ته تمام گهڻي محنت ڪيس ٿڪائي وڌو ۽ نت نئين بيمارين اچي گهيريو ته ڪيس هيٺن ڇڏي ڪڍيو ويو ته "هاڻي ديول کي ٿهنجي ضرورت نه رهي. جڏهين تنهن جا ٻار جوان ٿين ته ٻيهر اسان وٽ موڪلجانءِ ته ڪين ٿهنجي جاءِ ڏيون." هن پادرين اڳيان منٿون آزيون ڪيون ۽ جڏهين انهن تي ڪوبه اثر نه ٿيو ته فرياد لاءِ مونکي انهن وٽ موڪليائين. مان ويس ۽ مسيح نامه ڏيءَ جو واسطو وجهي ڪين رحم جي درخواست ڪيم. مون ڪين فرشتن ۽ خدا جي نيڪ ٻانهن جا قسم وڌا ليڪن نه انهن کي اسان ٻنهن زال مڙس تي ڪو ترس آيو نه اسان جي معصوم ۽ ڀڪايل ٻارن تي. مجبور ٿي منهن جو مڙس محنت مزوري جي خيال سان شهر ويو. پر اتان به هو ناڪام واپس موٽيو ڇاڪاڻ ته ٻنگلن ۾ رهندڙ خدمت چاڪري لاءِ به تندرست ۽ توانا جوان پسند ڪن ٿا. چئني طرفن کان مايوس ٿي ڪري هي ته ڏڪيو، پر ماڻهن ڪيس خيرات جي

۾ قابل نہ سمجھيو بلڪ هيئن چوندا لنگهي ويا تہ
”تو جهڙي ڪاهل ۽ حرام هڏ کي خيرات ڏيڻ
جائز ناهي -“

هڪ رات جو ذڪر آهي، غربت ۽ لاچاري
اسان کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو هو، پار بڪ ڪان
زمين تي ليٽڙاٽيون پائي رهيا هئا، ڪچڙ واري پار
منهن جي ڇاتي تي چوسي پر ڪير نہ هٿڻ ڪري
زار زار روئي رهيو هو - هي حال ڏسي منهن جي
مڙس جي سنهن جو رنگ اڏامي ويو ۽ هو رات
جي اونداهي ۾ نڪي ڪري ديول جي ان ڪوٺڙي
۾ وڃي گهريو جنهن ۾ پادري اناج شراب جو
ذخيره رکندا آهن، پنهنجي پٺيءَ تي هڪ ڳوڻ
کڻي جڏهين موٽي رهيو هو تہ پادري سجاڳ ٿي
پيا ۽ کيس پڪڙي خوب ماريو ۽ گاريون ڏنيون
صبح ٿيڻ تي هيئن چئي کيس پوليس جي
حوالي ڪيو ويو ”هي چور آهي جنهن ديول جا
سونا ٿانو چوري ڪري کڻي وڃڻ چاهيا ٿي -“
سپاهي هن کي گرفتار ڪري وٺي ويا ۽ امير جي
حڪم سان ڦاهيءَ چاڙهايو تہ جيئن سندس گوشت
سان ڳجهون ۽ ڪانو پنهنجو پيٽ ڀرين، فقط ان
گناهہ جي بدلي ۾ تہ هن اناج جي وڏيڪ حصي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پنهنجي ٻچڻ جو پيٽ پرڻ چاهيو ٿي، جو هن ڏيول جي نوڪريءَ واري زماني ۾ پنهنجي محنت سان جمع ڪيو هو.

غريب عورت هاي وٺي. سندس پڳل تنل لفظن مان غمگين پاڇا بلند ٿي ڪري چٽني طرفن اهڙي طرح پکڙجي ويا جيئن دونهين جي ٿنين مان هوا ڪيڏندي رهي هجي.

★

مان انهن ٿنهي قبرن جي وچ ۾ ويٺو هوس، ان ڏڪندڙ ڪنبندڙ ڏوهاري وانگر جنهنجي زبان دل جي بي حد صدمي بند ڪئي هجي ۽ سندس اکين مان لڙڪن جو هڪ قطرو ڳل تي ٿمي اچي جو سندس سيني جذبات جو آئينيدار هجي. مون ڪجهه سوچڻ چاهيو پر منهنجو ذهن ان لاءِ آماده نه ٿيو چاڪاڻ ته ذهن ان گل مثل هوندو آهي جنهن جون پنکڙيون اونداهي ۾ مرجهائجي وڃن ٿيون ۽ رات جي پاڇن کي پنهنجي خوشبوءِ سان نه ٿيون نوازين.

مان ويٺو هوس ۽ انهن قبرن مان مظلوميت جي فرياد آيري رهي هئي — جهڙي طرح ماتريءَ جي خلائن مان ڪو هيرو ايرندو آهي — ۽ مون

تائين پنهنجو آواز پهچائڻ لاءِ منهنجي ڪنن جــي چوڌاري ڦري رهي هئي -

مان خاموش بيٺو هوس - جيڪڏهين انسانيت خاموشي جي گفتگو سمجهي سگهي ها ته جانوريت مقابلي ۾ الوهيت کي وڌيڪ قريب هجي ها -

مان بيٺو تڏا ساهه کڻندو رهيس - جيڪڏهــن منهنجي تڏن شوڪارن جا شعلا آس پاس جي وڻن کي ڇهن ها ته آهي به لرزي اٿن ها، پشيماني جي سبب پنهنجون پاڙون ڇڏي سرڪن ها، پنهن جي ٿارين سان امير ۽ سنڌ، فوج جو مقابلو ڪن ها ۽ پنهنجي ٽڙن سان ديول جون ديواريون پاڙ رين جي مٽان ڪيرائين ها -

مان بيٺو ڏسي رهيو هوس، منهنجي نــــگاهن سان گڏ لطف ۽ شفقت جي شيريني ۽ رنج ۽ غم جي تلخي انهن نئين قبرن تي وسي رهي هئـــــي - هڪ نوجوان جي قبر تي جنهن هڪ ڪمـزور ۽ بي سهاري ڪنواري ڇوڪري جي عزت بچائي ۽ ان ڏاريندڙ ڦاڙيندڙ جانور جي چنبي ڪان ڇڏايو ۽ ماٺهن سنڌس شرافت ۽ شجاعت جي بدلي سنڌس سر ڪپي ڇڏيو - هن نوجوان ڇوڪريءَ اها تلوار سنڌس قبر تي انهيءَ لاءِ کوڙي هئي ته ظلــم ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهالت جي حڪومت ۾ مردانگيءَ جي انجام جو داستان ٻڌائڻ لاءِ دنيا جي سامهون هڪ يادگار باقي رهي -

هڪ نوخيز حسين عورت جي قبر، جنهن ڪي جسماني خواهشن جي بيدار ٿيڻ ڪان اڳ روحاني محبت ڇهيو، ۽ هوءَ سنگسار ڪئي وئي، فقط ان لاءِ ته سندس دل مرندي دم تائين پنهنجي محبوب جي امانت ڪانسواءِ ٻي ڪنهن شيءِ کي قبول نه ڪيو - سندس حبيب سندس مٽيءَ تي گلن جو گلدستو ان لاءِ سجايو هو ته اهي مرجهائڻ ۽ ڇڻڻ ڪان اڳ انهن هستين جي انجام تي روشني وجهن، جن کي محبت آن قوم ۾ عزت ۽ امتياز بخشيو، جنهن کي ماديت انڌو ۽ جهالت ٻوڙو ڪري ڇڏيو آهي ـــــ ۽ هن غمزده مفلس جي قبر تي، جنهن جون ٻانهون ڏيول جي ٻمن ۽ باغن جي خدمت ڪندي ڪنڌي ٿڪجي پيون ته ياد رين پين مضبوط ٻانهن ڪان ڪم وٺڻ لاءِ ڪس ٻاهر ڪڍي ڇڏيو - مجبور تي ڪري هن چاهيو ته محنت مزوري ڪري پنهنجي ننڍڙن ٻچـــڙن لاءِ ڪو ماني گيهو حاصل ڪري - پر ڪنهن به ڪانئس ڪم وٺڻ پسند نه ڪيو- پوءِ هن پنهنجي خودداريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڳالهه ڳوٺي پڻ چاهيو پر ڪنهن الله
جي بندي کيس خيرات به نه ڏني ۽ جڏهن سيٺي
طرفن کان مايوس ٿي وڃڻ کان پوءِ هن ڪوشش
ڪئي ته اُن اناج مان جنهن کي هن رت ۽ پگهر
جي پورهئي سان جمع ڪيو هو ڪجهه ٿورو اَن
ڪٺي اچي ته ماڻهن کيس پڪڙيو ۽ امير قاهي
چاڙهائي ڇڏيس - سندس بيوه سندس قبر تي صليب
ان لاءِ کوڙيو هو ته رات جي خاموشيءَ ۾ آسمان
جي تارن کي انهن بهادرين جي ظلم جو شاهد بڻائي
جي مسيحي تعليمات کي انهن تلوارن سان بدلي
ڇڏين ٿا، جن سان سر ڪٽيا وڃن ٿا ۽ جن جون
تيز ڌارون مسڪينن ۽ ڪمزورن جي جسمن کي
پنهنجي غذا بڻائين ٿيون -

آفتاب شفق جي پردي ۾ روپوش ٿي ويو هو
جڻ ته انسانن جون مصيبتون ڏسندي ڏسندي
ٿڪجي پيو آهي ۽ انهن جي ظلم ۽ ستم جي
زيادتي کيس عاجز ڪري وڌو آهي - شام، تاريڪي
۽ سڪون جي تندن سان اُڻيل هڪ ٿلهي چادر
ڍڪيندي اچي رهي هئي، ته جيئن کيس فطرت جي
جسم مٿان وڌو وڃي - مون آسمان ڏي ڏسي
ڪري قبرن ۽ سندس پيدن طرف هٿ ڪنيا ۽ بلند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواز ۾ چوڻ شروع ڪيم:
”او شجاعت ۽ مردانگي! هيءَ تنهنجي ئي
تلوار آهي جا منيءَ ۾ ڪتل آهي!!“
”او محبت! هي تنهنجا ئي گل آهن جن کي
باهه جي شعلن جهٽيو آهي!!“
”۽ او مسيح ناصري! هي تنهنجو ئي صليب آهي
جنهنکي رات جي اونداهين لڪائي ڇڏيو آهي!!“

★

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

فنڪار

جڳھ: بيروت ۾ يوسف مسرت جو گھر

زمانو: سومر خزان جي هڪ رات - سنھ ١٩٠١ع

افراد

پال	گويو ۽ اديب
يوسف مسرت	اديب ۽ مضمون نگار
مس هيلينا مسرت	يوسف مسرت جي ڀيڻ
سليم	شاعر ۽ عود نواز
خليل	سرڪاري ملازم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پردو کڇي ٿو

يوسف مسرت جي گهر جو هڪ
سينگاريل ڪمرو، جنهن ۾ چئني طرفن
ڪتابن ۽ ڪاغذن جا ڍير آهن - خليل
پائپ پي رهيو آهي - مس هيلينا مسرت
ڪجهه آڻي رهي آهي ۽ يوسف مسرت
سگريٽ جو دونهون اڏائي رهيو آهي -

خليل - (يوسف مسرت جي طرف مخاطب ٿيندي) اوهان جو مضمون ”فنون لطيفه ۽ ان جو اخلاقي اثر“ اڄ منهنجي نظر ڪان گذريو - قسم خدا جو! واه جو لکيو اٿو!! جيڪڏهن منجهس مغربي رنگ نه هجي ها، ته حقيقت هي آهي ته پنهنجي موضوع جي لحاظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانءَ بهترين مضمونءَ هو - مسرت صاحب!
سان انهن ماڻهن مان آهيان جي فرنگي ادب
جي اثرات کي عربي زبان لاءِ نقصانڪار
سمجهن ٿا-

يوسف مسرت- (مرڪندي) اوهانءَ ٺيڪ فرمايو،
اوهان جو فرنگي لباس پهرڻ، فرنگي ٽانون
۾ کاڌو کائڻ ۽ فرنگي ڪوچن تي ويهڻ
خود اوهان جي قول جي ترديد ٿو ڪري-
انهن سيني ڳالهين ڪانسواءِ مان ڏسندو
آهيان ته اوهان عربي ڪتابن جي مقابلي ۾
انگريزي ڪتابن جي مطالع طرف وڌيڪ
مائل آهيو.

خليل: انهن متاچري ڳالهين کي ادب ۽ فن سان
ڪوبہ واسطو ڪونهي-

يوسف مسرت- نہ! تعلق آهي ۽ تعلق بہ زندھ
۽ فطرتي تعلق!!! جيڪڏهين اوهانءَ ذرو
غور ڪيو تہ معلوم ٿي ويندوءِ تہ فن اسان
جي رهڻي سهڻي، اسان جي لباس، اسان جي
مذهبي ۽ اجتماعي روايتن سان نہ پر اسان
جي سماجي زندگيءَ جي هر پاڱي سان
گهرو تعلق رکن ٿا-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خليل - مجيم تہ مجبورا مون کي يورپ جون ڪي شيون اختيار ڪرڻيون ٿيون پون پر تنهن هوندي بہ مان مشرقي آهيان ۽ مرندي دم تائين مشرقي رهندس ۽ اهوئي سبب آهي جو مان چاهيان ٿو تہ عربي ادب سينــي اجنبي اثرات کان پاڪ ۽ صاف رهي -

يوسف مسرت - خوب: تنهن جو مطلب هي ٿيو تہ اوهان عربي زبان ۽ ادب کي موت جي ننڊ سمهارڻ گهرو ٿا -

خليل - اهو ڪيئن؟

يوسف مسرت - قديم قومون جيڪڏهن جديد قومن جي ثمرات کان فائدو نہ وٺن تہ سندن ادب مري وڃي ٿو ۽ سندن معنوي زندگي تباه ٿي وڃي ٿي -

خليل - اوهان جي ڳالهہ دليل طلب آهي -

يوسف مسرت - هڪ نہ پر هزارين دليل!

(ايتري ۾ پال ۽ سليم اچن ٿا ۽ حاضرين سندس آجيان لاءِ اٿن ٿا)

يوسف مسرت - اچو! سائين اچو!! (پال جي طرف رخ ڪري) بلبل - شام تشريف فرمايو!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(مس هيلينا، پال جي طرف ڏسي ٿي، سندس ڳل ڪجهه لالي مائل ٿي وڃن ٿا ۽ منهن تي خوشي جي لهر نمودار ٿئيس ٿي)

سليم- اوهان کي خدا جو قسم يوسف صاحب، جيڪڏهن اوهان پال لاءِ ڪو هڪ لفظ به چڱو استعمال ڪيو آهي-

يوسف مسرت- اٿين چئو؟

سليم- (ڪجهه چرچي طور ۽ ڪجهه سنجيدگيءَ جي انداز ۾) انهيءَ لاءِ ته هي ڪنهن به عزت ۽ ڪنهن به تعريف جو حقدار نه آهي چالاڪ ته هن جون عادتون ۽ خاصيتون عجيب و غريب آهن- چالاڪ ته هي پاڳل آهن-

پال- (سليم کي) ڇا مان اوهان کي انهيءَ لاءِ پاڻ سان آندو آهي ته اوهان منهنجي ڪمزورين تي روشني وجهو، منهنجي اخلاق ۽ عادتن کي کولي بيان ڪريو-

مس هيلينا- ڇا ٿيو؟ سليم صاحب! ڇا اوهان پال جي ڪنهن ٿئين ڪمزوريءَ جو پتو لڳايو آهي؟

سليم - هن جوڻ پرائيون ڪمزوربون هميشه نئيون رهنديون ايتري تائين جو هي مري وڃي ۽ زمين جو هڪ حصو ٿي وڃي -

يوسف مسرت - بڏاء ته سهي، ڇا ٿيو؟ اسان هيءَ حقيقت "الف" کان "ي" تائين بڌڻ گهرون ٿا -

سليم - (پال کي) پال صاحب! اجازت آهي ته مان اوهان جا ڏوهه ڳڻايان يا اوهين پاڻ ئي قبولي ڇڏيندو؟

پال - منهن جي ته مرضي آهي ته تون قبرستان وانگر خاموش ۽ پوڙهي جي دل وانگر چپ چاپ رهه -

سليم - چڱو! هاڻي ته مان ضرور بڌائيندس!!

پال - معلوم ٿو ٿئي ته اوهان مونکي تنگ ڪرڻ ٿا چاهيو -

سليم - منهن جي مرضي آهي ته اوهان جي حماقت هنن کي بڌايان ته هي پاڻ ئي فيصلو ڪن.

هيلينا مسرت - (سليم کي) بڌايو! اسين پڌي رهيا آهيون!! (پال کي) ممڪن آهي ته اوهان جي جا برائي سليم صاحب ظاهر ڪرڻ گهري ٿو، تنهن ۾ اوهان جو ڪسن

ظاهر ٿئي.

ڊال - جهڙي طرح مون ڪوبہ اهڙو پلائــــي جهڙو ڪم نہ ڪيو آهي، اهڙي طرح مون ڪـان ڪا برائي بہ ڪانہ ٿي آهي - پر جا ڳالهہ اسان جو دوست سليم صاحب بيان ڪــرڻ گهري ٿو سا منديکان ئي ذڪر ڪــــرڻ جي قابل نہ آهي - انهيءَ ڪانسواءِ مان نہ ٿو چاهيان تہ اجوڪي محفل جـــي رات ـهن جي ئي ذڪر ۾ وڃائي وڃي-

هيلينا مسرت - چڱو! پلا اسان کي ٻڌڻ ڏيو!!

سليم - (سگريٽ دکائي يوسف مسرت جي پرسان وڃي ويهي ٿو) اوهان کي جلال پاشا جي پٽ جي شاديءَ جي باري ۾ تہ معلـــوم هوندو ۽ شايد هيءَ بہ خبر هونـــدي تـہ گهوٽ جي پيءُ وٽ ڪلهہ رات عيش دار محفل هئي جنهن ۾ شهر جي شريف ۽ معزز ماڻهن کي دعوت هئي ـــ (پال جي طرف اشارو ڪندي) هي صاحب بہ سڏيو ويــو هو ۽ هنن سان گڏ اوهان جو هي خاڪسار بہ - مون کي سڏ ڏيڻ جو سبب هي هو تہ دنيا کي خبر آهي تہ مان سفر توڙي قيام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڀاچي وانگر ساڻس گڏ رهان ٿو ۽ ڀال صاحب ـــــ خدا ڪيس قيامت تائين زنده ۽ سلامت رکي! ـــــ جيستائين ساڻن ساز ۽ وچايان تيستائين ڳائيندو ٿي ته ـــــ خير اسين جلال پاشا وارن وٽ سڀ کان آخر ۾ پهتاسين ڇاڪاڻ ته اسان جو ڀال صاحب جڏهين به ڪٿي تشريف کڻي ويندا آهن تڏهين بادشاهن وانگر سڀ کان آخر ۾ تشريف کڻي ويندا آهن -

محفل ۾ شهر جي حاڪم ۽ پادريءَ کان سواءِ ٻيا به تمام گهڻا ماڻهو هئا - جن ۾ حسين ۽ معزز خواتين، اديب، شاعر، رئيس ۽ ليڊر به شامل هئا - اسين ٻئي ويهي رهياسين - اسان جي چئني طرفن کان عود ۽ لوبان جون مهڪندڙ ۽ دکندڙ ڪونڊيون هيون يا شراب جون صراحيون ۽ پيالا، اهل - محفل پال کي اهڙي طرح ڏسي رهيا هئا ڄڻ ته آسمان کان ڪو فرشتو لهي آيو هجي ۽ عورتون کيس جام ۽ مٺائي جون ٿالهيون ۽ گلن جا گلدسته اهڙيطرح پيش ڪري رهيون هيون جهڙي طرح ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سورمي کي جنگ جي ميدان کان موٽڻ تي
اٿينز جون عورتون پيش ڪنديون هيون!
مختصر ڳالهه ته سڄي محفل ۾ اسان جو
پال صاحب ئي تعظيم ۽ خاطر تواضع جو
مرڪز بڻيو رهيو ....

آخر مون پنهنجو عود چيڙيو، تنهن
ضرب تي جناب پال صاحب پنهنجي مقدس
چپن کي جنبش ڏني ۽ هڪ شعر سريلي
آواز ۾ پڙهيو - عمر ابن الفارض جي قصيدي
جو صرف هڪ شعر:
مون کان سواءِ هر شخص پنهنجي محبوب
کي وساري سگهي ٿو
ها! مون کان سواءِ هر عاشق بي وفا آهي -
هي شعر پڙهي ڏکري داستانن جا ڳوڙها
بي اختيار سٽي ڪڍي ويا، جن ته ڪين پنهن
جا پاڪيزه ۽ طلسماتي نغمه پڙهائيندو لاءِ

ابراهيم موصلي ابديت جي پردن مان

---

١. هڪ ساز جو قسم.
٢. خليفي هارون رشيد جي دربار جو هڪ نامور ۽ باڪمال ڳويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪري آيو هجي - پر پوءِ پال صاحب
خاموش ٿي ويا - ماڻهن سمجهيو ته شايد
شراب جو هڪ جام پڻ ڪان پوءِ ڪجهه
ٻڌائيندا پر پاڻ خاموش جو خاموش رهيا.

پال - (سنجيدگي جي انداز ۾) مون کي اميد آهي
ته اوهان هن قصي کي اتيئي ختم ڪندا -
چاڪاڻ ته مون ۾ هاڻ ان بي مزي ڳالهه
ٻڌڻ جو تاب ناهي ۽ مون کي هي به يقين
آهي ته اوهين هن بي معنيٰ بڪواس کي
ٻڌي ڪري خوش ڪونه ٿيندا -

يوسف مسرت - پال صاحب اوهان کي پنهن جي
سر جو قسم، باقي حصو به ٻڌڻ ڏيو!

پال - (پنهنجي جاءِ تان اٿندي) معلوم ٿو ٿئي ته
اوهان هن بي مزي داستان کي منهن جي
موجود ٿيءُ ڪان وڌيڪ ضروري سمجهو ٿا
تنهنڪري سان وڃان ٿو -

هيلينا مسرت - (پال کي معنيٰ خيز نگاهن سان
ڏسندي) پال! وڃو ته سهي!! اسين هر
حال ۾ اوهان سان آهيون.

(پال وڃي رهيو - هاڻي سندس منهن
تي مهر ۽ اطمينان جا آثار آهن)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سليم - (سلسلہ بيان کي جاري رکندي) ھا! تہ
مون عرض ڪيو ھو، حضرت قبلہ پال
صاحب جن ھڪ شعر ٻڌايو —— عمر ابن
الفارض جي قصيدي جو صرف ھڪ شعر
۽ چپ ٿي ويا، ٻين لفظن ۾ چئي سگھجي
ٿو تہ سائينجن ھنن بکايل مسڪينن کي
"طعام الوھيت" جي ھڪ گرہ سان ذوق
آشنا ڪيو ۽ ٻوءِ دستر خوان کي لت ھڻي
رکابين ۽ گلاسن کي چور چور ڪري
ڇڏيو ۽ تنھن کانپوءِ اھڙي طرح خاموش
ٿي ويھي رھيا جھڙي طرح نيل درياھ جي
ڪناري جي ڀر ۾ ابوالھول! عورتون ھڪ
ٻئي پٺيان وتس آيون ۽ نرم ۽ مٺي انداز
۾ وڏ ڊڪ ٻڌائڻ لاءِ عرض ڪيو پر ھن
سيني کان معافي گھرندي پئي چيو تہ
ٻڪام جي ڪري منھن جي نڙيءَ ۾ سور
آھي - شھر جي ڪن معزز ماڻھن بہ گذارش
ڪئي پر ھن ھڪ بہ نہ ٻڌي - ائين پئي
معلوم ٿيو تہ الله سندس دل کي پٿر بڻائي
ڇڏيو آھي ۽ سندس نغمن کي ناز نخرو!
اڄ رات کانپوءِ جڏھين اھل - محفل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مايوسي بدمزگيءَ جي حد تائين پهچي وئي
تڏهين جلال پاشا کين سامهين ڪمري ۾
گهرايو ۽ اشرفين جي ست پڙي سندن
ڪيسي ۾ وجهي ڪري چيو: ”پال صاحب
اسانجي محفل کي لطف ۽ خوشي يا بيڪيفي
۽ بدمزگي ۾ ختم ڪرڻ اوهان جي وس
آهي، ان ڪري مون کي اميد آهي ته
اوهان هن ناچيز نذر کي جو اجورو نه آهي
پر منهنجي طرفان اوهان جي خدمت ۾
”نذرِ عقيدت“ آهي قبول فرمائيندا ۽
مون سان گڏ سيني محفل وارن جي اميدن
تي پاڻي نه ڦيريندا.“

هي پڌي پال صاحب جڻ غصي ۾ پرجي
ويا، منهن ڳهڻ ۽ خوداري ڪان سرخ ٿي
وين ۽ اشرفيون پر واري ڪرسيءَ تي ڪٽي
اڇلايائون ۽ فتح مند بادشاهن واري انداز ۾
فرمايائون: ”جلال پاشا! اوهان منهن جي
بي عزتي ٿي نه پر مون کي ذليل به ڪري
رهيا آهيو - مان اوهان جي گهر تڇڻ ڪائڻ
يا پنهنجي فن کي سون ۽ چانديءَ جي چند
ٽڪرن تي وڪڻڻ نه پر اوهان کي اوهان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي خوشيءَ جي مبارڪ ڏيڻ آيو هوس."
پال جي انهن لفظن جلال پاشا کي آپي ڪان
ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ سندس منهن مان ڪي
اهڙا سخت جملا نڪري ويا جنهن ڪري
اسان جي نازڪ طبيعت ٻال کي اتان لعنت
ملامت ڪندي اٿڻو پيو، مون غريب کي
۽ پنهنجو عود ڪشو پيو ۽ خوب صورت
قداور حسينن، قيمتي شرابن ۽ وڻندڙ طعامن
کي ڇڏي هن هي يتيمان ٻتيان هلڻو پيو -
مون سڀ ڪجهه هن سنگدل ۽ جفاڪار جي
دوستيءَ تي قربان ڪري ڇڏيو - هائـــو!
مون پنهنجون سڀ دلچسپيون هن ديوتــا
جي قربان گاهه تي صدقي ڪري ڇڏيـون
پوءِ به هي منهن جو تشڪر ادا نه ٿو ڪري،
منهن جي جوانمرديءَ جو داد نه ٿو ڏئي،
منهن جي محبت ۽ منهن جي خلوص جـو
اعتراف نه ٿو ڪري -

يوسف مسرت - (ٽهڪ ڏيندي) سچ پچ هـــي
قصو اهڙو ته دلچسپ آهي جو جيڪر سونهري
اکرن ۾ لکيو وڃي!

سليم - اجهان مون پنهنجي ڳالهه ختم ٿي ڪائـــي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي آهي! سچو مزو تہ سندس ٻچاڙي ۾
آهي! اها شيطاني ٻچاڙي جنهن کي ايرانين
جي اهرمن ۽ هندن جي شو ديوتا خواب
۾ بہ ڏٺو هوندو.

پال - (مس هيلينا کي) مان فقط اوهان جي ڪري
چپ آهيان ۽ اميد ٿو ڪيان تہ هاڻي هن
ٺرڙي جي ٺر ٺر کي اتيئي ختم ڪرائيندو.

مس هيلينا - ال! هن کي چوڻ ڏيو، ڳالهہ جو
انجام ڪٿي ڪهڙو ٿي ٿو هجي پر اسين تہ سڀ
سان اوهان سان آهيون -

سليم - (پيو سگريٽ دکائي چوڻ شروع ڪري ٿو)
مون چيو هو تہ اسين ٻئي جلال پاشا جي
گهر مان اهڙيطرح نڪتاسين جو پال انهن
معزز ماڻهن کي گهڻي وقت ڳالهائي رهيو هو
۽ مان دل ئي دل ۾ پال کي - تنهن کان
پوءِ ـــــ ۽ تنهن کانپوءِ ڇا اوهين سمجهو
ٿا تہ اسان پال جي جاءِ تي پهتاسين؟ ڇا
اوهان هي گمان ڪري رهيا آهيو تہ گذشتہ
رات اهڙي طرح ختم ٿي وئي؟ نہ! پڌو، ۽
تعجب ڪائو!! هيءَ تہ اوهان کي خبر آهي
تہ حبيب سعادت جو گهر جلال پاشا جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر جي بلڪل ويجهو آهي ۽ انهن ٻنهي گهرن جي وچ ۾ فقط هڪ ننڍڙو باغ آهي- ۽ هيءَ به اوهانکي خبر آهي ته حبيب سعادت شراب، راڳ ۽ تصوراتي زندگيءَ جو شوقين آهي، تنهن ڪري (پال جي طرف اشارو ڪندي) هن صاحب جي فدائين مان آهي- جڏهين اسين جلال پاشا وارن وٽان نڪتاسين تڏهين پال صاحب وچ رستي ۾ ٿوري دير بيهي رهيو ۽ ٻنهي جي پيشاني ڪٽي جهلي چئي ته ڪو تمام وڏو سپه سالار ڪنهن سرڪش ملڪ کي فتح ڪرڻ جي تدبير سوچي رهيو هجي، اوچتوئي هي حبيب سعادت جي گهر مڙيا ۽ دروازي وٽ پهچي زور زور سان ڪڙو کڙڪائڻ لڳا- حبيب، رات واري پوشاڪ ۾ اکيون مهٽيندو، اوٻاسيون ڏيندو، ٻڙ ٻڙ ڪندو نمودار ٿيو پر جڏهين هن پال جي صورت ڏٺي ۽ خبر پيس ته سان به ٻنهن جو عود بغل ۾ دٻايون ساٿس گڏ آهيان ته سندس منهن ٻهڪڻ لڳو ۽ اکيون چمڪڻ لڳس ڄڻ ته آسمان جا دروازا سندس اڳيان کليا پيا هجن- آدريا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندي خوشيءَ جي انداز ۾ هن پڇيو:
”اوهان صاحبن هن مبارڪ گهڙيءَ ڪيئن مهرباني ڪئي؟“
ڀال جواب ڏنو ”اسين انهيءَ لاءِ آيا آهيون ته جلال پاشا جي پٽ جي شاديءَ جي سلسلي ۾ تو وٽ خوشي ملهايائون.“
حبيب چيو: ”ڇا جلال پاشا جي گهر ۾ اوهان جي لاءِ گنجائش نه هئي جو غريب خاني کي عزت بخشيو؟“
ڀال جواب ڏنو: ”پاشا جي گهر جي ديوارين کي اهي ڪن ڪونهن جي راڳ ۽ ساز جي جهنڪار ٻڌي سگهن، تنهن ڪري اسين تو وٽ آيا آهيون. چڱو هاڻي شراب ڪباب جو بندوبست ڪر، ڳالهيون ختم!“
ڳالهه مختصر، دور شروع ٿيو، ڀال مشڪل سان هڪ يا ٻه جام پيتا هوندا جو اٿيو ۽ اهي ديون ڪولي ڇڏيائين جي پاشا جي گهر جي ٻاهرين باغ جي طرف کانديون هيون، تنهن کان پوءِ موڙانهن عود وڌايائين ۽ حاڪماڻي انداز ۾ چيائين: ”موسي! هيءَ وٽ پنهنجي لٺ ۽ ڪيس ازدها بڻائي زمين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي چڙي ڏي ته مصر جي سيني نانگن کي
ڳهي وڃي - وٽ ۽ نهاوند جو سر ڇيڙ-"
پال، جلال پاشا جي گهر جي طرف منهن
ڪري بلند آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو -
(سليم هڪ گهڙيءَ لاءِ چپ ٿي وڃي ٿو،
منهن مان ڇرچي جا اهڃاڻ ختم ٿي وڃنس
تا ۽ سنجيدگيءَ سان آهستي آهستي چوي ٿو)
"مان پال کي پندرهن سالن کان سڃاڻان
ٿو - انهيءَ وقت کان سڃاڻانس، جڏهين
اسين ننڍڙا هئاسين ۽ هڪ ئي مدرسي ۾
پڙهندا هئاسين - مون کيس خوشيءَ جي
حالت ۾ به ڳائيندي ڏٺو آهي ۽ غم جي
حالت ۾ به - مون کيس ماتم ڪندڙ ساءِ
وانگر ماتم ڪندي به ڏٺو آهي ۽ عاشق
وانگر ڳائيندي ۽ فاتح وانگر نعرا هڻندي
به - مون کيس رات جي خاموشيءَ سان
ڳالهيون ڪندي به ڏٺو آهي، جڏهين
شهر ۽ شهرواسي مٺن خوابن جي آغوش ۾
آرامي هوندا هئا ۽ لبنان جي وادين ۾ دور
دراز عباد تگاهن جي گهٽين جي، درميان
به جڏهين فضا سحر ۽ جلال سان لبريز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندي هئي - هائو! مون کيس هزارين دفعا ڳائيندي ٻڌو آهي ۽ انهيءَ سبب ڪري مون کي غلط فهمي هئي ته مان سندس روح جي هر سکون ۽ هر چر پر کي سمجهان ٿو - پر ڪلهه رات، جڏهين هن جلال پاشا جي گهر جي طرف منهن ڪري اکيون بند ڪيون ۽ هي شعر ڳايو:
”مان روزانو پنهنجي دل جي فريفتگي تي روئان ٿو
۽ جيتري قدر روئان ٿو، منهنجي دل جي فريفتگي وڌندي رهيتي.“
جڏهين پال غزل جي مصرن کي اهڙيطرح اٿلايو پٿلايو جهڙي طرح هوا خزان جي پنن کي اٿلائيندي پٿلائيندي آهي ته مون پنهنجي دل ۾ چيو: ”نه! اج تائين مان پال جي روح جي ظاهري بناوت کان واقف هوس پر هن وقت سندس حقيقي وجود پسي رهيو آهيان. هن کان اڳ مان پال جي زبان کي ڳائيندي ٻڌندو هوس پر اج مان سندس روح کي ٻڌي رهيو آهيان پال غزل پنيان غزل ۽ راڳ پنيان راڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳائيندو رهيو ايتري حد تائين جو موتکي
سڄي فضا عاشقن جي ڌڙڪندڙ ۽ ٻرندڙ
روحن سان گوجندي محسوس ٿيڻ لڳي، جي
گذريل ڏينهن جا واقعات وري وري بيان
ڪري رهيا هئا ۽ انهن رازن کي بينقاب
ڪري رهيا هئا جي راتين انسان جي
ڪوڙين اميدن ۽ وهمن ۾ لڪائي رکيا
آهن - هائو! منهن جي محترم ڀال!! (ڀال
جي طرف اشارو ڪندي) هي شخص ڪلهه
رات، فن جي ڏاڪڻ رکي ڪري ستارن
جي دنيا ۾ پهچي ويو ۽ عجب جهڙي
ڳالهه آهي جو صبح تائين اتان نه لٿو -
ان وقت تائين خاموش نه ٿيو جيستائين
زبور جي لفظن ۾ "پنهن جي دشمنن کي
پيرن هيٺان لتاڙي نه ڇڏيائين" جلال پاشا
جي مهمانن جڏهين ڀال کي حبيب سعادت
جي گهر ۾ ڳائيندي ٻڌو تڏهين گهڻا مرد
۽ عورتون درين ۾ اچي بيٺا. ڀال جڏهين ته
ڪو تان تي هنيون يا دم تي ڪنيائين ته
ٻڌندڙن جي منهن مان بي اختيار آهه
نڪري ٿي وئي - ڪجهه ماڻهو نشي ۾

چور باهرين باغ ۾ نڪري آيا ۽ وٽن جي
هيئان بيٺي هن ٽن جي ديوتا جي ڪمالات
تي حيرت جو اظهار ڪرڻ لڳا جو ساڳئي
وقت ڪين بي عزتو ۽ ذليل ڪري رهيو
هو ۽ سندس دلين کي آسماني شراب سان
سرشار ڪيو! اتهن مان ڪي ماڻهو پال کي
پسنديدگي ۽ احترام جي لفظن سان ياد ڪري
رهيا هئا ۽ ڪي ڪيس ٻرو ڀلو چئي رهيا هئا
اڄ صبح هڪ مهمان ڪان مونکي معلوم ٿيو ته
جلال پاشا شير وانگر گجندو ڪڏهين هن
ڪمري مان هن ڪمري ۾ پئي ويو ۽
ڪڏهين هن ڪمري مان هن ڪمري ۾
پئي آيو - هو پال کي گاريون ڏئي رهيو
هو ۽ خصوصا انهن مهمانن تي جي هڪ
هٿ ۾ شراب جو جام ۽ ٻئي هٿ ۾ مٺائي
جي ٿالهي کڻي باهرين باغ ۾ نڪري آيا
هئا، تمام سخت ڪاوڙجي رهيو هو - هي
آهي واقعو جو ڪلهه رات ٿيو، هاڻي فرمايو!
هن ٻاڪل فنڪار ۽ سندس عجيب و غريب
عادتن جي متعلق اوهان صاحبن جي ڪهڙي
راء آهي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خليل- اِهو تمام واقعي عجيب آهي پر منهن جي راءِ ۾ آهي، جنهن جو اظهار، مان هن تمام احترام جي باوجود ڪرڻ تي مجبور آهيان، جو پال صاحب جي خداداد قابليت جي متعلق منهن جي دل ۾ آهي، ته هنن ڪجهه غلطي ڪئي، جهڙي طرح هنن حبيب سعادت جي گهر گذاريو اهڙي طرح جلال بقا جي جاءِ تي به گذاري سگهيا ٿي- (يوسف مسرت کي مخاطب ٿي ڪري) فرمايو، يوسف صاحب! اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟

يوسف مسرت- مان پال صاحب کي قصوروار نه ٿو سمجهان- جيئن ته مان سندس دل جي ڳالهه معلوم ڪرڻ نه ٿو گهران، مان سمجهان ٿو ته هي شخصي مسئلو آهي جو فقط سندن ذات سان تعلق رکي ٿو پيو ته مون کي هيءَ به خبر آهي ته فنڪار خصوصا موسيقارن جو اخلاق، انساني جماعت جي عام اخلاق کان مختلف هوندو آهي، تنهن ڪري اهو انصاف ۽ صداقت کان بعيد ٿيندو جيڪڏهن اسين سندن اعمال کي به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪسوٽيءَ تي پرکيون جنهن ڪسوٽي تي عام انسانن جا اعمال پرکيا ويندا آهن.
فنڪار ـــــــ ۽ فنڪار مان منهنجو مطلب اهو تخليق ڪندڙ آهي، جو پنهن جي جذبات ۽ خيالات لاءِ نيون نيون صورتون تراشيندو آهي ـــــــ پنهن جي عزيزن ۽ دوستن ۾ رهندي به اڪيلو هوندو آهي، هو نه فقط پنهن جي وطن ۾ پر هن دنيا ۾ به هڪ پرديسي آهي، هو پنهن جو منهن مشرق طرف ڪندو آهي جڏهين زماني جو رخ مغرب طرف هوندو آهي - هو پنهن جن انهن اندرين اُمنگن کان متاثر هوندو آهي- جن جي چند چاڻ هو پاڻ به نتو ڪري سگهي - هو مسرور ۽ خوش ماڻهن ۾ رنجيده ۽ مغموم، ماڻهن ۾ مسرور ۽ خوش هوندو آهي - هو طاقتورن ۾ ڪمزور ۽ ڪمزورن ۾ طاقتور آهي - فنڪار هر پابندي کان آجو آهي پوءِ ڪٿي دنيا کانئس خوش هجي يا ناراض -

خليل - يوسف صاحب! اوهان جي هن گفتگو جو مفهوم اهوئي آهي جو اوهان ”فنون لطيفہ“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري مضمون ۾ ظاهر ڪيو آهي - مونکي
معاف فرمائيندا جيڪڏهين مان پنهنجا لفظ
وري چوان ته مغربي روح ـــ اهو فرنگي
روح جنهن جي تعليم اوهان ڏئي رهيا آهيو،
نسلي ۽ قومي اعتبار کان اسان جي زوال ۽
تباهي جو ڪارڻ ٿيندو -

يوسف مسرت - ته ڇا اوهان هي سمجهي رهيا آهيو
ته ڪلهه رات پال صاحب جن جو ڪجهه
ڪيو اهو هن فرنگي روح جو عڪس آهي
جنهن کان اسين نفرت ڪيون ٿا -

خليل - پال صاحب جي شخصيت جو احترام ڪندي،
عرض ڪرڻو پوي ٿو ته جو ڪجهه هنن
ڪيو، مون کي ان تي سخت حيرت آهي -

يوسف مسرت - اوهان جي خيال ۾ پال صاحب
کي هن ڳالهه جي بلڪل آزادي حاصل
ڪانهي ته هو جتي چاهين ۽ جڏهين چاهين
پنهن جي فن جو مظاهرو ڪن؟

خليل - نه!! هنن کي پوري آزادي حاصل آهي ته
جو چاهين سو ڪن؟ پر مان ڏسان ٿو ته
اسان جي اجتماعي زندگي هن قسم جي
آزادي ۽ جو ساٿ نه ڏئي سگهندي - انهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ جو اسان جون خواهشون، عادتون ۽
اسان جا رسم ۽ رواج ڪنهن هڪ فرد کي
انهيءَ جي اجازت نه ٿا ڏين جو ڪالهه رات
پال صاحب جن ڪيو، خاص طرح اهڙيءَ
حالت ۾ جڏهين سندن ڪو نقصان بہ نه
هو -

مس هيلينا- هي بحث مفيد بہ آهي ۽ دلچسپ بہ،
پر جڏهين سندس باني اسان ۾ موجود آهي
تہ چو نه کيس موقع ڏنو وڃي تہ آهي پنهن
جي وڪالت پاڻ ڪن-

پال- (طويل خاموشي کان پوءِ) مون گهريو ٿـي
تہ سايم صاحب هن قصي کي نه ڇيڙين ڇاڪ
منهن جي نه مرضي هئي تہ جو ڪجهہ ڪالهه
رات ٿيو سو ڪلهه رات سان ئي ختم ٿي
وڃي پر ڏسان ٿو تہ منهنجي خاموشي ٻين
جي لاءِ غلط فهمي جو باعث ٿي رهي آهي
تنهن ڪري هن موضوع تي مجبوراً پنهنجي
خيالن جو اظهار ڪرڻو ٿي پوي ٿو - هي
مون کي بہ خبر آهي ۽ اوهين بہ ڄاڻو ٿا
تہ منهن جا واقف ڪار اڪثر مونتي اعتراض
ڪن ٿا - ڪو مونکي مغرور سمجهي ٿو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو مڪمل ڪوڙو ۽ ڪو فتويٰ صادر ڪريٿو ته مان ڪمينو آهيان ۽ ڪميني لاءِ عزت ڪانهي - اوهان کي خبر آهي ته هن جو ڪهڙو سبب آهي؟ هن جو سبب خود منهن جي فطرت آهي - هائي منهن جي اها فطرت، جنهن کي جيڪڏهن مان بدلي گهران به ته بدلجي نه سگهان - پر ماڻهن کي مون سان ۽ منهن جي فطرت سان ڪهڙو غرض! ڇا هو منهن جي وجود کي فراموش نه ٿا ڪري سگهن؟ شهر ۾ گهڻائي ميراثي ۽ قوال آهن، گهڻائي شاعر ۽ قصيده نگار آهن، گهڻائي ننگا ۽ بکيا آهن، جي پنهن جي خيالن، پنهن جن جذبن ۽ پنهنجن آوازن کي وڪرو ڪن ٿا ته فقط ايترو پر چند سڪن، ٽڪرن يا شراب جي هڪ جام جي بدلي پنهنجو روح به وڪيو ڇڏين، ۽ هن راز کي شهر جي رئيسن ۽ سرمائيدارن معلوم ڪيو آهي تنهن ڪري امير ڏسون ٿا ته آهي ادين ۽ فنڪارن کي معمولي قيمت تي خريد ڪن ٿا ۽ پنهنجي محفلن ۽ ايوانن ۾ ڪين اهڙي طرح وڏماڻپائي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمونو بڻائي پيش ڪن ٿا جهڙي طرح
ميدانن ۽ بازارين ۾ پلن گهوڙن ۽ قيمتي
گاڏين ڪي ـــ هائو! شاعر ۽ گويا،
مشرق ۾ ملنگن ڪان به ڪريل آهن - هو
غلامن وانگر آهن جن جا فرض آهن نه هو
شادين ۾ ڳائن، محفلن ۾ نچن، غم جي
مجلسن ۾ ماتم ڪن ۽ قبرن تي مرثيه پڙهن
هو بي جان اوزار آهن جن کي غم جي
ڏينهن ۽ خوشيءَ جي راتين ۾ گردش ڏني
ويندي آهي ۽ جيڪڏهن هو غم ۽ خوشي
جي اظهار جو وسيلو نه بڻجن ته ڪين اهڙي
طرح هڪ ڪنڊ ۾ ڦٽو ڪيو ويندو آهي.
ڇو ته آهي اهو تجارت جو سامان آهي
جنهن جي ڪابه قيمت ڪانهي مان هن
سلسلي ۾ رئيسن ۽ سرمائيدارن کي ڏوهي
نه ٿو سمجهان پر انهن اديبن، شاعرن ۽
گوين کي قصوروار سمجهان ٿو جن کي
ضمير ناهي ۽ پنهنجي خوديءَ جي عزت نه
اٿن - مان ڪين انهيءَ ڪري الزام ٿو ڏيان
ته هو پاڻ کي ڪريل ۽ ڪميڻن ماڻهن ڪان
بلند نه ٿا ڪري سگهن - هائو! ڪين انهيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ لعنت ۽ ملامت جو حقدار سمجهان ٿو
تہ اهي ذلت ۽ حقارت تي موٽ کي ترجيح
نہ ٿا ڏين!!

خليل - (جوش ۾ اچي) ڪلهہ رات ماڻهو اوهان
کي خوشامد آميز التجائون ڪري رهيا هئا.
هر ممڪن طريقي سان چاهي رهيا هئا تہ
اوهان هڪ راڳ يا هڪ گيت ٻڌائي ڪين
فخر ۽ مسرت بخشيو، پوءِ بہ اوهين اهو
سمجهي رهيا آهيو تہ جلال پاشا وٽ اوهان
جو گائڻ اوهان جي ذلت ۽ حقارت جو
سبب هو!

پال - جيڪڏهين مان جلال پاشا وٽ ڳائي سگهان
هان تہ ضرور ڳايان هان پر جڏهين مون
پنهن جي چوڌاري نظر ڪئي تہ انهن رئيسن
کي ڏٺم جي اشرفين جي ڇڻ ڇڻ کان
سواءِ ٻيو ڪوبہ آواز ٻڌي نہ ٿي سگهيا،
يا انهن وڏن ماڻهن کي، جي زندگيءَ جي
باري ۾ فقط ايتروئي ڄاڻن ٿا تہ پاڻ کي
دولت ۽ عزت جي بلندين تائين پهچائين
۽ ٻين کي ذلت ۽ مفلسي جي اونهين غارن ۾
ڌڪي ڇڏين - مون چئني طرفن تلاش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي. پر ڪوبہ اهڙو شخص مون کي نظر نہ آيو جو ذرڙو بہ خيال کي سجائي سگهي. اهوئي سبب هو جو مون انهن اندن جي سامهون پنهنجو سينو چاڪ ڪري نہ رکيو ۽ انهن پوزن کي پنهنجي دل جا ڀيد ٻڌائي نہ سگهيس. موسيقي روح جي زبان آهي. اهو هڪ لڪل وهڪرو آهي جو ڳائيندڙ ۽ حاضرين مجلس جي روحن جي وچ ۾ موجود هوندو رهيتو، تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو ٻڌي ۽ ٻڌي ڪري سمجهي نہ سگهي تہ موسيقار جي اظهار ڪمال تي شرمندگي ڇاڻجي وجهي ٿي ۽ سنجهس پنهنجي فن جي تماشش جو شوق فنا ٿيو وڃي، جنهن جون لطافتون سندس دل جي گهرائين ۾ پوشيده هونديون آهن. موسيقي اُن ستار جي مثل آهي جنهن جي تارن ۾ چڪ ۽ نغمہ آگين لرزش جي صلاحيت هجي، آهي تارون جيڪڏهن ڍريون ٿي پيون تہ سندن خاصيت فنا ٿي وڃي ٿي ۽ پوءِ سنجهن ۽ عام تارن ۾ ڪوبہ فرق نہ ٿو رهي (اُتي ٿو ۽ بہ چار قدم ڪئي ڪري آهستي آهستي

ڇوي ٿو) منهنجي روح جون تارون ٻــ
جلال پاشا وارن وٽ ڏريون ٿي ويون، جڏهين
مون کي پتو پيو ته محفل جو هر فرد ـــ
پوءِ ڪٿي اهو مرد هو يا عورت ـــ ظاهردار
۽ بناوتي آهي، رسم و رواج جو غـلام ۽
حماقت ۽ جهالت جو پتلو آهي، ذهنــي
اعتبار کان خالي ۽ خوش مذاقي جي لحاظ
کان نسورو چٽ آهي ـــ رهيون سـندن
التجائون ۽ خوشلنديون، سو اهي به ان
ڳالهه جون طلبگار هيون ته مان خامـوش
رهان، پر جيڪڏهين مان به کهڻ پيــن
ڏيڏر صفت ڳائيندڙن ملان هجان هــان ته
مونکي ڪوه، الزام نه ڏني ها!

خليل - (چرچي طور ڳالهه ڪاٽيندي) تنهن کان
پوءِ اوهان حبيب سعادت جي گهر ويا ۽
ڪين ستائڻ لاءِ ـــ صرف ستائڻ ۽ ذليل
ڪرڻ لاءِ ـــ صبح تائين ويٺي ڳائيندا
رهيا!

ڀال - مان صبح تائين ان لاءِ ڳائيندو رهيــس ته
پنهنجي دل جو اوپر ٻاهر ڪيان - پنهنجي
سر تان هڪ وڏو بار لاهي ڦٽو ڪــرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهريو ٿي، رات سان گڏ زندگي ۽ زماني
تي ملامت ڪرڻ چاهيو ٿي - مان فقط ان
لاءِ ڳائيندو رهيس چاڪاڻ ته مونکي انهن
تارن جي ڪسڻ جي سخت ضرورت محسوس
ٿي رهي هئي جي جلال پاشا وارن وٽ
ڍريون ٿي پيون هيون - ليڪن خليل
صاحب! پوءِ به جيڪڏهين اوهين اهو
سمجهو ته مون ڪين ستائڻ ۽ ذليل
ڪرڻ چاهيو هو ته اوهان کي اختيار آهي
جو چاهيو سمجهو — فن هڪ آزاد پکي
آهي، جڏهين وڻيس ٿو فضا ۾ پرواز ڪري
ٿو ۽ جڏهين وڻيس ٿو زمين تي لهيو اچي-
دنيا جي ڪابه طاقت نه کيس قيد ڪري
سگهي ٿي نه سندس فطرت کي بدلي سگهي
ٿي - فن هڪ بزرگ روح آهي جو خريد
و فروخت کان بالا تر آهي - اهل - مشرق
کي گهرجي ته هن حقيقت کي سمجهن ۽
اسان جي فنڪارن جو — جي پارس کان
به زياده ناياب آهن - فرض آهي ته هو
پنهنجي نفس جو احترام ڪن چاڪاڻ ته
هو هڪ ظرف آهي جنهنکي الله آسماني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شراب سان پري ٿو.

يوسف مسرت. پال صاحب! مان اوهان سان بلڪل متفق آهيان، اوهان هن موضوع تي پنهن جي خيالات جو اظهار اهڙي ته خوبي سان ڪيو آهي جو منهن جي امڪان کان ٻاهر هو. اوهان فنڪار آهيو ۽ مان صرف فن پارکو. مون ۾ ۽ اوهان ۾ اهوئي فرق آهي، جو ڪٿن انگورن ۽ پراڻي شراب ۾ هوندو آهي!

سليم. پال صاحب جي گفتگو ۾ اهڙوئي تاثير آهي جهڙو سندن ڳالهين ۾ تنهن ڪري ٻڌندڙن لاءِ تسليم ۽ قبول ڪانسواءِ ٻيو چارو ناهي!

خليل. مون نه تسليم ڪيو آهي ۽ نه ڪڏهن تسليم ڪندس. اوهان صاحبن جو هي فلسفو ته اتهن بيمارين مان هڪ بيماري آهي جا يورپ جي اثر ڪري اسان ۾ گهر ڪري وئي آهي.

يوسف مسرت. خليل صاحب! جيڪڏهن اوهين پال صاحب کي ڳائيندي ٻڌو ته سڄو فلسفو وسري وڃيوَ ۽ سندن سامهون سر تسليم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڪائڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڇڏيو.
(نوڪرياڻي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي
۽ هيلينا مسرت کي چوي ٿي ته ڪاڏو
ميز تي رکيو ويو آهي.)
يوسف مسرت- (اٿي ڪري سيني کي چوي ٿو)
اچو سائين! تشريف آڻيو - اڄ اسان اوهان
لاءِ لذيذ ـــــ نهايت لذيذ ـــــ ڪاڏو
تيار ڪرايو آهي، جو ممڪن آهي ته ٻنهي
خوشبوءِ ۽ ذائقي جي لحاظ کان پال صاحب
جي طبيعت مطابق هجي.
(سڀ اٿن ٿا - يوسف مسرت - خليل ۽
سليم ٻاهر هليا وڃن ٿا پر پال ۽ مس هيلينا
وچ ڪمري ۾ بيٺا رهن ٿا هو هڪ ٻئي
کي نهايت غور سان ڏسن ٿا ۽ سندن
اکين ۾ هڪ ناقابل بيان روشني آهي)
هيلينا- (آهستي) ڇا توکي خبر آهي ته ساان
ڪلهه رات تنهنجو ڳالهه ٻڌي رهي هئس؟
پال- (حيرت ۾) هيلينا! منهنجي دل جي ملڪا!!
هي تون ڇا چئي رهي آهين؟
هيلينا- (شرم ۽ خوف جي انداز ۾) ڪلهه رات
مان ٻنهي جي پيءُ مريم وٽ سمهڻ وئي هئس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪاڻ تہ سندس مڙس ٻاهر ويل هـو ۽
ڪير اڪيلي ۾ ڊپ پئي ٿيو -

ڊمل - توهن جي پيٽيوي جو گهر ڇا اتي ڪٿي آهي؟

هيلينا - هنن جي ۽ حبيب سعادت جي گهر جي
وچ ۾ فقط هڪ نندي گهٽي آهي -

ڊال - ۽ ڇا تو مون کي ڳائيندي به ٻڌو؟

هيلينا - مان تنهن جي روح جي پڪـــار اڄ رات
ڪان صبح تائين ٻڌندي رهيس - مون تنهن
جو گانو انهيءَ حد تائين ٻڌو گويا خـدا
کي ڳالهائيندي ٻڌم -

(ساڄهون واري ڪمري ۾ يوسف مسرت
جو آواز ايندي ٻڌن ٿا)

آ و ا ز

پال صاحب ! اچو!! ڪاڏو تڏو تـــي رهيو
آهي.

(پال ۽ هيلينا وڃن ٿا)

(پردو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنوار جي سيج

کهوٽ ڪنوار عبادتگاهہ کان نڪتا، اڳيان اڳيان فانوس هئا ۽ پٺيان پٺيان خوش و خورم ڇاڇي۔ ڇوڪراڙي نوجوان ڇوڪرا نغمہ آلاپي رهيا هئا ۽ نوجوان ڇوڪريون خوشيءَ جا راڳ ڳائي رهيون هيون۔

ڇيچ کهوٽ جي گهر پهتي، جو نهايت قيمتي غاليچن ۽ زر برق ساز و سامان سان سينگاريل ۽ سرور ۾ آٽينڊز خوشبوءِ سان معطر هو۔ کهوٽ

---

(۲) هي شمالي لبنان جو بلڪل سچو واقعو آهي جو اٺويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ پيش آيو۔ سونکي سندس اصلاع ان علائقي جي هڪ معزز خاتون کان مليو جا خود بہ عين کهاڻي جو هڪ ڪردار آهي۔ (جبران)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنوار هڪ بلند تخت تي ويٺي ويـــا ۽ مهمان
ريشمي ڪوچن ۽ مخملي ڪرسين تي - سڄو وسيع
ڪمرو ماڻهن سان ڀرجي ويو -

غلامن شراب جون صراحيون آنديـــون، دور
شروع ٿي ويو، جام ۽ منتر جي سريلـي آواز ۽
خوشيءَ ۽ سرور جي نور سان سڄي فضا نغمه ريز
ٿي وئي -

ڳائڻ وڄائڻ وارا آيا ۽ پنهنجي جادو ڀريـــل
نغمن سان اهل محفل کي بي خود ڪرڻ لڳا -
سندن سريلا آواز ۽ عود جا سر، محفل وارن جي
تن ساهن ۽ طبلي جي ٿاپ سان هم سر ٿي ڪري
سينن کي گرمائش بخشي رهيا هئا -

پوءِ دلڪش ڇوڪريون نچڻ لاءِ اٿيون - آواز
جي لهرن سان گڏ سندن جسم به اهڙي طرح لچڪڻ
لڳا جهڙي طرح صبح جي ڏمر جي هلڪين هلڪين
موجن ۾ نرم ۽ نازڪ شاخون - جڏهين هو نچيون
ٿي ته سندن زريءَ سان ڀريل رقص واري پوشاڪ
جي گهيري ۾ ڪجهه اهڙيون لهرون پيدا پئـــي
ٿيون جو چڻ ته چنڊ جا ڪرڻا سفيد ٻادلن مـــان
ڪيڏي رهيا هجن -!

نگاهون مٿي کڻي هيون ۽ سر سندن قدمن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڪيل، انهن نوجوانن جا روح ساڻن گڏ اُٿي پئجي رهيا هئا ۽ هوس پرست پيرن جون دليون سندن حسن و جمال جي رعب کان ڦاٽي رهيون هيون.

جام جو دؤر تيز کان تيز تر ٿيندو ويو. شرابي ٻڍن جون اميدون ۽ تمنائون شراب ۾ غرق ڪرڻ لڳا، گوڙ گهمسان ۾ اضافو ٿي ويو، سنجيدگي رخصت ٿي وئي، آزادي ۽ بي باڪي ٻڍن جو جهنڊو کوڙيو، دماغ بيڪار ٿي ويا، تن من ٻڙڪي اٿيا، دليون بيقرار ٿي ويون ۽ سڄي گهر جي اهڙي حالت ٿي وئي جو ته هڪ ٻيل رباب، جنهن جون تارون ڪنهن جماعتي همت زور زور سان وڄائي پئي پيڏيون هجن ۽ منجهائنس اهڙا نغما پيدا ٿيندا هجن جن ۾ سر به هجي ۽ بي سرائپ به —!

هڪ طرف ڪنهن چوڪري، ناز ۽ نخري واري انهن حسينه سان پنهنجي محبت جا راز بيان ڪري رهي هئي ته ٻئي طرف هڪ نوجوان دلي گرمجوشي ۽ سان پنهنجي محبوبه جا شيرين لفظ ۽ دل ڦريندڙ ڳالهيون هڪ هڪ ڪري پنهنجي ذهن ۾ ياد ڪري رهيو هو. هڪ طرف اڌيڙ عمر شرابي جام تي جام چاڙهي رهيو هو ۽ ڳائيندڙن کي انهن گيتن کي وري وري ٻڌائڻ جي فرمائش ڪري رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جي سندس جوانيءَ جا آئينيدار هئا. ٻئي طرف هڪ عورت نگاهن سان انهيءَ مرد تي نڪتچيني ڪري رهي هئي جو سواءِ سندس جي ٻين ميني عورتن کي محبت ڀريل نگاهن سان ڏسي رهيو هو هن ڪنڊ ۾ هڪ پڪي عمر خاتون مرڪندڙن نگاهن سان نوجوان ڇوڪرين جو انهيءَ نيت سان جائزو وٺي رهي هئي ته پنهنجي مربي پٽ لاءِ ڪا سٺي ڪنوار چونڊي. هوڏي دريءَ وٽ هڪ شادي شده عورت ويٺي هئي، جنهن جي مڙس بيهوشيءَ ۽ بي خبريءَ ۾ ڪيس پنهنجي يار سان ڪجهه دير گڏ ويهڻ جي مهلت ڏني هئي. قصو مختصر ته محفل جي محفل شراب ۽ غزل جي سمنڊ ۾ غرق هئي. عيشي جيئڙن پنهنجو پاڻ مئہ ۽ مستي جي موجن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ ماضيءَ جي غم ۽ مستقبل جي فڪر کان بيپرواه، حال جي بد مستين ۾ گم هئا.

هي سڀ ڪجهه ٿي رهيو هو ۽ حسين ڪنوار هن عيش ۽ عشرت جي محفل کي پنهن جي غمگين نگاهن سان ائين ڏسي رهي هئي جيئن هڪ مايوس قيدي، قيد خاني جي تاريڪ ديوارين کي ڏسندو آهي. سندس نگاهون ٿري گهري انهيءَ ڪنڊ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن وڃي رهيون هيون جتي هڪ ويهن سالن جو نوجوان، هن تمام خوشيءَ جي گوڙ گسان ڪلان بي نياز، ان گهايل پکيءَ وانگر، جو پنهنجي ولر کان وڇڙي ويو هجي، اڪيلو ويٺو هو — پنهنجي پانهن سان سينو دٻايون جڻ ته "قلب- گريزان" کي قبضي ۾ آڻڻ گهرندڙ هجي- ۽ ڪمري جي فضا ۾ ڪنهن غير محسوس شيءِ تي نگاهون کوڙي، جڻ ته سندس روح، جسم کان جدا ٿي ڪري خلا ۾ تاريڪين جي پاڇن پٺيان پٺيان ڀڄڪي ڀوڙي رهيو هجي-!

رات ڏري ۽ مجلس هڪ شور و غل جو منظر بڻجي وئي- دماغن تي اثرو ته خمر چاڙهجي ويو جو زبانون ٻيءَ پوڻ لڳيون — گهوٽ — اهو اڌ پڙ عمر جو بدخصلت انسان، نشي ۾ مست، پنهنجي جڳهه تان اٿيو ۽ مهمان نوازي طور ميزانن ۾ چڪر هڻڻ لڳو-

ان وقت موقع وٺي ڪنوار هڪ ڇوڪريءَ کي اشاري سان سڏيو- هوءَ آئي ۽ سندس پير ۾ اچي ويٺي- ڪنوار بيقراريءَ سان شڪي نگاهن سان چئني طرفن ڏٺو جڻ ته ڪو خاص راز ڪير پڌائڻ گهرندو هجي- هوءَ ڇوڪري سان اهستي ٻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وِڇهو ڌي ويٺي ۽ ڏڪندڙ ۽ ڪنبندڙ آواز ۾ آهستي آهستي کيس چوڻ لڳي:

”مان توکي ان ساعيٽ جو قسم ٿي ڏيان ٿي، پياري ساهيڙي! جنهن تنديءَ ۾ ٿي اسان ٻنهي ۾ هڪ دل پيدا ڪري ڇڏي آهي، ان شيءِ جو قسم ٿي ڏيان ٿي جا دنيا ۾ توکي سڀ کان پياري آهي - انهن ٻيدن جو قسم اٿئي جي تنهن جي سيني ۾ لڪل آهن - ان محبت جو قسم ٿي ڏيان ٿي جنهن اسان ٻنهي جي روحن کي ڇهي ڪين هڪ شعاع پٺاٽي ڇڏيو آهي - تنهن جي دل جي راحت ۽ پنهن جي درد جو قسم ٿي ڏيان ٿي ته تون هاڻ سليم وٽ وڃ ۽ کيس چؤ ته هو ماڻهن جي نظرن کان بچي ڪري باغ ۾ هليو وڃي ۽ اتي ٻيد جي وڻ ۾ منهن جو انتظار ڪري! سوسن! تون وٽس ليلائج اتري. تاڻين جو هو اقرار ڪري، کيس گذريل ڏينهن جي ياد ڏيارج، محبت جو واسطو ڏجانس ۽ چئجانس ته هو ۽

بد نصيب معذور آهي - چئجانءِ: هوءَ
قسمت جي ستايل مرڻ گهڙيءَ تي آهي
۽ ان کان اڳ جو تاريڪي کيس
پنهنجي چادر ۾ ويڙهي ڇڏي، چاهي
ٿي ته تنهن جي سامهون پنهن جو سينو
چاڪ ڪري رکي- چئجانءِ: هوءَ غم جي
ماريل موت جي چنبي ۾ آهي ۽ ان
کان اڳ جو دوزخ جا ڀڙڪائيندڙ شعلا
کيس پنهنجي جهوليءَ ۾ سهيڙين، چاهي
ٿي ته تنهجي اکين جي نور سان پنهن
جي دل کي ٿڌو ڪري - چئجانءِ:
هوءَ خطاوار آهي ۽ گهري ٿي ته تنهن
جي سامهون پنهن جي گناهن جو اقرار
ڪري تو کان معافي گهري - وڃ سوسن!
جلدي وڃ، منهن جي خاطر سليم کي
کي عرض ڪر!! هنن خنزيرن جي
پهري کان نه ڊڄ!!! شراب سندن ڪنن
تي به پڙدا وجهي ڇڏيا آهن ۽ سندن
اکين تي به —"

سوسن، ڪنوار جي پير مان اٿي ڪري
غمگين ۽ اڪيلي سليم وٽ وڃي ويٺي ۽ سس پس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سنڌس محبوبه جو نياپو ڪيس ٻڌائڻ لڳي-
سوسن جي منهن مان ان وقت محبت ۽ خلوص
جا آثار ظاهر هئا پر سليم ڪنڌ جهڪايون خاموشيءَ
سان سنڌس ڳالهيون ٻڌي رهيو هو- جڏهين هوءَ
سڀ ڪجهه چئي چڪي تڏهين سليم سنڌس طرف
ڏٺو، ان اجايل وانگر جو آسمان سان ڳالهيون
ڪندڙ گبند تي پاڻيءَ سان پريل ڪٽورو ته ڏسي پر
پهچ کان ٻاهر هئڻ جي ڪري ڏک کان دل کي
سروڙي چپ ڪري وڃي- گهٽيل آواز ۾، جو
ڄڻ ته زمين جي تهه مان ايندي معلوم ٿي رهيو
هو، هن جواب ڏنو:

"چڱو! مان باغ ۾ وڃان ٿو ۽ بيد جي وڻ
۾ سنڌس انتظار ڪندس-"

هيئن چئي هو پنهن جي جاءِ تان اٿيو ۽ باغ
ڏانهن هليو ويو-

ٿوري دير کان پوءِ ڪنوار به اٿي ۽ سليم
جي پنيان پنيان، نشي ۾ ٻڏل مردن ۽ حسن ۾
مگهن عورتن جي وچان ٿيندي نڪري وئي-

باغ ۾ پهچي ڪري، جتي رات پنهجي اونداهي
چادر وڇائي ڇڏي هئي، هن پنهنجون وڪون
تڪڙيون ڪڻ شروع ڪيون ۽ هر هر پٺتي سڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسڻ لڳي، انهيءَ بيقرار هرڻ مثل جو ڪنهن حملي ڪندڙ جانور ڪان ڊڄي ڪري پنهن جي آستاني طرف تيزيءَ سان ڊڪي رهيو هجي، هوءَ بيد جي وڻن طرف وڃي رهي هئي جتي سليم سندس انتظار ۾ هو - پاڻ کي پنهنجي يار جي پاسي ۾ پسي ڪري هوءَ ساٿس چنبڙي وئي ۽ پنهنجون ٻانهون ڪٽي سندس ڳچيءَ ۾ وڌائين ۽ چوڻ شروع ڪيائين پر اهڙيءَ طرح جو جيتري تيزيءَ سان لفظ منهن مان نڪري رهيا هئا ايتري ئي سان لڙڪ سندس اکين مان وهي رهيا هئا-

”ٻڌ منهن جا پيارا، غور سان ٻڌ! مان پنهنجي ناداني ۽ تڪڙ تي شرمندي آهيان، ايتري تہ شرمندي آهيان جو شرمساريءَ منهنجي دل ڀڃي وڌي آهي- سليم، مان توکي، هائو! صرف توکي ئي پيار ڪيان تي ۽ سڄي عمر توکي ئي پيار ڪندي رهندس- ماڻهن مون کي پڙڪايو هو تہ تو مونکي وساري ڇڏيو آهي- مونکي ڇڏي ڪنهن ٻيءَ سان محبت ڪرڻ لڳو آهين- سليم! ماڻهن مونکي گهڻوئي ڪجهہ چيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇڻ جي زبانيءَ ساڻ منهنجي دل ۾ زهر
پيدا ٿو ڪري. تنهنجي نهن سان منهنجي سيني
کي چاڪ ڏنا ۽ پڇڻ جي ڪوڙن سان
منهنجي روح تي وزني بار وڌو هڪ
”شريفزادي“ مون کي چيو ته تون
مون کي نفرت جي نگاه سان ڏسين ٿو
۽ تنهنڪري تو مونکي ڇڏي ڏنو
آهي ۽ ٻيءَ سان ناتو جوڙيو اٿئي - هن
مڪار مونتي مصيبتن جا ڏونگر ڏاريا ۽
مونکي برغلايو ته ماڻ سندس هڪ
مائٽ سان شادي ڪيان ۽ ماڻ ڏوڪي
۾ اچي ڪري راضي ٿي وئس - پر سليم!
منهنجو مڙس تو کان سواءِ ٻيو ڪير
ناهي ۽ هائي، هائو! هائي جڏهين منهن
جي اکين تان پردو لٿو آهي تڏهين ماڻ
هن گهر مان نڪري ڪري تو وٽ
آئي آهيان ۽ اهو ارادو ڪري ته هائي
ڪڏهين به واپس نه وينديس - ماڻ تو
وٽ انهيءَ لاءِ آئي آهيان ته تو کي
پنهنجي آغوش ۾ جذب ڪري ڇڏيان -
دنيا ۾ ڪابه اهڙي طاقت نظر نه ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي جا مونکي پيهر آن مرد جي پاسي
۽ وبهاري سگهي جنهن کي نفرت ۾
بيوسي جي حالت ۾ منهنجو مڙس بڻايو
ويو آهي - سليمرا مان ان گهوٽ کي ڇڏي
آئي آهيان جنهن کي مڪر ۽ فريب
منهنجي زندگي تي مڙهيو هو، انهيءَ
پيءُ کي ڇڏي آئي آهيان جنهن کي
تقدير منهنجو وارث بڻايو هو، انهن
گلن کي ڇڏي آئي آهيان جن جو هار
پاد ريءَ منهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو هو -
انهيءَ قانون کي ڇڏي آئي آهيان
جنهنکي رسم و رواج جي پابند ڏين منهن
جي پيرن جو زنجير بڻايو هو - ۽ هائو!
مان انهن سيني شين کي انهيءَ گهر ۾
ڇڏي آئي آهيان جو تنشي ۽ ڪميٽيپ
جو آستانو لڳو پيو آهي - هت توسان
ڪاڏي پري — تمام بري — هلي
وڃان، دنيا جي بر ڏيءَ پر هلي وڃان -
جتي ۽ برين جي دنيا ۾ گم ٿي وڃان -
اڄ سليمرا رات جي اونداهي ۾ لڪي
ڪري هن گهر مان پڇي هلون - اڄ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ جي ڪناري تي هلون ۽ ڪنهن
اهڙي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي وڃون جا
اسان کي ڪنهن نامعلوم ۽ ڏورانهين
ملڪ ۾ پهچائي ڇڏي - سليم! جلدي
ڪر!! فجر ٿيڻ کان اڳ اسان کي
دشمن جي قبضي کان نڪري وڃڻ
گهرجي!!! ڏس، سليم ڏس!! هي سون
جا زيور، هي قيمتي هار ۽ منڊيون،
هي عمدا جواهر، اسان جي مستقبل جي
ضمانت آهن - ڪين وڪڻي ڪري اسين
اميرن وانگر شان و شوڪت سان
زندگي گذاريندا سين — چوا سليم تون
ڳالهائين ڇو نه ٿو؟ مون ڏي ڏسين
ڇو نه ٿو؟ مون کي چمين ڇو نه ٿو؟
ڇا تون منهنجي دل جي دانهن ۽ منهن
جي من جي پڪار ٻڌي رهيو آهين؟
ڇا توکي يقين نه ٿو اچي ته مان پنهن
جي ٿرس ۽ پيءُ ماءُ کي ڇڏي ڪري،
شاديءَ واري جوڙي ۾ توسان ڀڄڻ
آئي آهيان؟ پيارا! سليم ڳالهاءِ!! اچ!
جلدي ڪر!! هي ڳرڙون هيري جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪرن کان به زياده قيمتي ۽ تاج شاهي
ڪان به وڌيڪ مهانگيون آهن!!"

ڪنوار ڳالهائي رهي هئي ۽ سندس آواز ۾ هڪ نغمو هو: زندگي جي سڀ کان زياده شيرين ۽ موت جي ڪوڙاڻ کان وڌيڪ ڪوڙو، پرن جي سر سر کان زياده لطيف ۽ موجن جي گوڙ کان زياده گهرو - اهڙو نغمو جو مايوسي ۽ اميد، لذت ۽ غم، راحت ۽ رنج ۽ انهن جذبات ۽ خواهشن جي وچ ۾ جنبش ۾ هو جي عورت جي سيني ۾ لڪل هوندا آهن.

پر نوجوان خاموش ويٺي ٻڌي رهيو هو، سندس دل ۾ محبت ۽ ناموس جي جنگ تي رهي هئي - محبت جا مشڪلاتن کي آسان ۽ اونداهين کي روشن ڪندي آهي ۽ ناموس جو انسان کي خواهشن ۽ تمنائن کان باز رکندو آهي - محبت جا خدا جي طرفان دل تي نازل ٿئي ٿي ۽ ناموس جنهن کي انساني پيروي، دماغ جي هر رڳ ۽ ذري ذري ۾ داخل ڪري ڇڏي ٿي.

ڪجهه وقت کان پوء، جو ۽ پهچي خاموشي خوفناڪي ۾، ان تاريڪ عهد سان ملايو ٿي، جنهن ۾ قومون عروج ۽ زوال جي وچ ۾ لوڏن ۾ هونديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، نوجوان پنهنجو ڪنڌ مٿي کنيون - شرافت محبت تي غالب پئجي چڪي هئي، هن منتظر ۽ ڏنل ڇوڪري جي طرف ڪن اکيون ڦيريون ۽ نرم آواز ۾ چيائين:-

”اڙي عورت! وڃ، پنهنجي مڙس جي
ڪچ آباد ڪر!! وڃ، چاڪاڻ ته خدا
جي مرضي اهائي هئي - خوابن جون
سڀ تصويرون بيداريءَ فنا ڪري
ڇڏيون آهن - جلد وڃ، ۽ خوشين جي
گود ۾ سکي ٿي! ڪٿي ائين نه ٿئي
جو ڀهرڀدار توکي ڏسي وٺن ۽ دنيا
چوي ته تو شاديءَ جي رات اهڙي
طرح پنهنجي مڙس جي امانت ۾ خيانت
ڪئي جهڙي طرح جدائي واري زماني
۾ پنهنجي محبوب سان دغا ڪئي
هئي -“

ڪنوار ڏکي وئي ۽ اهڙيطرح بي چين ٿي وئي جهڙي طرح مرجهايل گل هوا جي جهوٽي سان پريشان ٿي ويندو آهي - ڏکايل انداز ۾ هن چيو:

”جيستائين منهنجي جان ۾ ساهه جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڙهن پساهه باقي آهي تيستائين مان هن گهر ۾ موٽي ڪانه ويندس. مان هن گهر کي ـــ هن گهر جي هر شيءِ کي اهڙي طرح ڇڏي آئي آهيان جهڙي طرح جلاوطن قيدي ان جاءِ کي ڇڏيندو آهي جتي هن پنهنجي جلاوطنيءَ جا ڏينهن اڪيلائيءَ ۽ بيوسيءَ ۾ گهاريا هجن. سليم مون کي نه ته، مون کي خيانتڪار نه چوؤ! چاڪاڻ ته محبت جو هٿ جنهن منهنجي ۽ تنهنجي روح کي هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏيو آهي سو پادريءَ جي هٿ کان وڌيڪ طاقتمند آهي جنهن منهنجي جسم کي منهن جي مڙس جي مرضيءَ جي هٿ وڪڻي ڇڏيو آهي. اڄ! مان پنهنجون ٻانهون تنهنجي ڪنڌ ۾ اهڙي طرح وجهان جو ڪابه قوت ڪين ڇڏائي نه سگهي. تو کي اهڙي طرح ياڪر پايان جو موت به اسان کي هڪ ٻئي کان جدا نه ڪري سگهي ـ!"

نوجوان وڏيءَ مشڪل سان سنڌس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻانهون پنهنجي ڪنڌ مان ڇڏايون ۽ نفرت ۽ حقارت جي انداز ۾ چيائين:

”مون ڪانءِ پري ٿي ـ مان توکي وساري چڪو آهيان ـ هائو، مون توکي وساري ڇڏيو آهي ۽ توکان نفرت ڪيان ٿو!! ماڻهن توسان ڪوڙ ڪونه ڳالهايو آهي مان ڪنهن ٻئي جي محبت ۾ گرفتار آهيان ـ ٻڌ ءِ! مان ڇا ڇٽي رهيو آهيان؟ ڇٽي رهيو آهيان ته مان توکي وساري چڪو آهيان ـ ايتري حد تائين جو تنهنجي وجود کي به فراموش ڪري ڇڏيو اٿم ـ مان توکان نفرت ٿو ڪريان ايتري جو تنهنجي صورت کان بيزار آهيان ـ هل ـ پري ٿي! مون کي پنهنجو رستو وٺڻ ڏي!! وڃ! پنهن جي مڙس وٽ واپس وڃ! ۽ سنڌس با وفا زال ٿي گذار!!“

ڪنوار دردناڪ آواز ۾ چيو:

”نه ـ نه، مون کي تنهنجي ڳالهين تي يقين ناهي! تون مون سان محبت ڪرين ٿو ـ مون تنهنجي اکين ۾ محبت جي

معني ڏني آهي ۽ جڏهين تنهنجي جان
کي ڇهيو اٿم ته جيئن محبت کي ڇهيو
هجيم - تون مون سان محبت ڪرين
ٿو! محبت ڪرين ٿو!! محبت ڪرين
ٿو!!! بلڪل اهڙي طرح جهڙي طرح
مان توسان ڪيان ٿي - هن گهر جو
ذڪر ٿي چيا، مان هتان تنهنجي آغوش
کان سواءِ ڪاڏي نه ويندس - هي
منهن جو پڪو ارادو آهي - مان اُتي
ئي ان لاءِ نه توسان گڏ جي ڪٺهين
نامعلوم سر زمين تي هلي وڃان تنهن
ڪري يا ته مون سان گڏ هل يا مون
کي پنهن جي هٿن سان قتل ڪر - [٩٩]
نوجوان اڳي کان زياده بلند آواز ۾

چيو:

” مون کي ڇڏي ڏي نه ته مان واڻيون
کري انهن سڀني مهمانن کي هت جمع
ڪندس جي تنهنجي شاديءَ جي خوشيءَ
۾ شرڪت لاءِ گهرايا ويا آهن ۽ کين
تنهنجي هن ذلت جو تماشو ڏيکاري
تو کي سندن وات جو نوڪاريل ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سندن زبانن جي هڪ شرمناڪ چوٽي
ٻڌائي ڇڏيندس - تہ فقط ايترو پر سان
هت ان عورت کي بہ سڏيندس جا
منهن جي دل جي راڻي آهي - هوءَ
توتي ڪلدي، پنهن جي فتح تي خوش
ٿيندي ۽ تنهن جي شڪست تي ٺٺول
ڪندي - "

هيئن چئي ۽ پاڻهن کان جهلي ڪيس
ڌڪو ڏئي ڇڏيو -

ڪنوار جو روپ بدلجي ويو - اکين ۾
چمڪ پيدا ٿي ويس ۽ سندس سچي محبت، اميدون
۽ فريادون، ڪاوڙ ۽ سنگدلي ۾ بدلجي ويون -
ان غضبناڪ شيهڻ وانگر جنهن جو ٻچو ڪسيو
ويو هجي، يا سمنڊ وانگر جنهن ۾ واچوڙن طوفان
پيدا ڪيو هجي، هن رڙ ڪئي:

"ڪير آهي جو مون کان پوءِ تنهنجي
محبت جو مزو ماڻي؟ منهن جي دل
ڪالسواءِ ٻي ڪهڙي دل آهي جا تنهن
جي ٻمين جو لطف ۽ مزو حاصل
ڪري؟

ائين چئي چوري چوريءَ هڪ تيز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏهار خنجر پنهنجي ڪپڙن مان ڪڍيائين ۽ وچ
جهڙي تيزيءَ سان هن جي سيني ۾ هڻي ڪڍيائين
هو ائين ڪري جيئن طوفان جي سنڌي سان تاري
پچي ڪرندي آهي - ڪنوار سندس مٿان جهڪي،
هٿ ۾ خنجر هٿس جنهن مان رت جا ٽيپا ٽمي
رهيا هئا - سليم موت جي ڀاڪي ۾ پنهنجون گهوريون
اکيون کوليون، ڇپن ۾ چر پر ٿي ۽ ڪمزور ساه
سان گڏ هي جملا سندس زبان مان ادا ٿيا:

”منهن جي پياري!! هاڻي منهنجي ويجهو
آءُ!! منهن جي ليليٰ!! منهنجي قريب
آءُ!! مون کي نه ڇڏ، زندگي موت
کان زياده ڪمزور آهي ۽ موت،
محبت کان زياده ڪمزور - پڏ! پڏ!!
خوش دل برائين جا ٿهڪ پڏ!!! پڏ!
ساغر جي جهنڪار پڏ!! پڏ، منهنجي
پياري! منهن جي ليليٰ!! تو مون کي
انهن ٿهڪن جي سنگدلي ۽ پيالو جي
تلخي کان نجات ڏياري — منهن جون
اکيون انهن هٿن کي چمن ٿيون جن
منهن جون سڀ پابنديون ختم ڪري
ڇڏيون - منهن جي چپن کي چم جن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوڙ ڳالهايو ۽ دل جي ڳالهه لڪائي.
منهن جي ڪمزور اکين کي پنهن جي
آڱرين سان جي رت ۾ رنگيل آهن،
بند ڪر - ليلي! جڏهين منهن جو روح
فضا ۾ پرواز ڪري وڃي تڏهين هي
خنجر منهنجي پاسي ۾ رکي ڇڏ جان ۽
۽ چئجانءِ ته هن حسد ۽ نا اميدي جي
ڪري خود ڪشي ڪئي آهي - منهن
جي ليلي! مان توسان محبت ڪندو
هوس، تو کان سواءِ، منهن جو ٻيو
ڪوبه نظر جو مرڪز نه هو - پر مون
پنهن جي دل، پنهنجي شرافت ۽ پنهن
جي زندگي جي قرباني کي انهيءَ کان
بهتر سمجهيو ته تنهن جي شاديءَ جي
رات توسان پيچي ملان - منهن جي دل
جي راڻي! ان کان اڳ جو ماڻهو
منهن جي لاش کي اچي ڏسن، مونکي
چم - مونکي پيار ڪر - مون کي چم.
منهن جي ليلي!!! "

سليم پنهن جو زخمي هٿ دل تي رکيو
ڪنڌ ٻ زرکيو ۽ سندس روح اڏري ويو - ڪنوار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنڌ ڪٽي گهر جي طرف ڏٺو ۽ درد ڀريون دانهون ڪري چوڻ لڳي:

”اچو، انسانو! اچو- گهوٽ ڪنوار
هت آهن- اچو ته مان توهان کي ڀنهن
جي سيج ڏيکاريان- سهنڊڙو! سجاڳ
ٿيو!! مدهوش! هوش ۾ اچو!! محبت،
موت ۽ زندگي جا راز ڏسڻ لاءِ جلد
اچو!!“

ڪنوار جي دانهن ۽ ڪوڪن تي گهر جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ وچڻ لڳي- جڏهين هي آواز عيش ۽ خوشيءَ ۾ ٻڏل شرابين جي ڪنن ۾ پهتا ته سندن روح ڪنبي ويا- حيران پريشان ٿي ڪري هنن چئني طرفن ڏسڻ شروع ڪيو جڻ ته سندن ڪن ڪين ڏوڪو ڏئي رهيا هئا- ٿوري دير کان پوءِ هو اٿيا ۽ دروازن کان نڪري هيڏانهن هوڏانهن گهوليندڙ نظرن سان ڏسڻ لڳا- جڏهين هنن ڪنوار کي مقتول جي لاش ويجهو ڏٺو تڏهين ڊپ مان پوئين پيرين ڀڄڻ لڳا- منجهائن ڪنهن کي به جرئت نه ٿي ته اڳتي وڌي اصل قصي جي خبر لهي- ڪنوار جي هٿ ۾ تيز ڌار خنجر ۽ مقتول جي سيني مان رت جو ڦوهارو نڪرندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏمي ڪري سندن زبانون بند ٿي ويون ۽ سندن ساهه سڪي ويو.

ڪنوار ڏانهن ڏٺو. سندس چهري جو رنگ ڏک جي ڏاڪڙي ڪلان روشن هو. هن ڪست مان دانهن ڪئي:

”بزدلو! ويجهي اچو!! هن خنجر ڪلان نه ٻچو. هي هڪ مقدس هٿيار آهي جو توهان جي ناپاڪ جسمن ۽ تاريڪ سينن ۾ داخل نه ٿي سگهندو. ڏسو! هن خوبصورت نوجوان کي ڏسو!! جو گهوٽ جو لباس پهريل آهي. هي منهن جو محبوب آهي ۽ ڪيس مون قتل ٿي ان لاءِ ڪيو آهي جو هي منهنجو محبوب آهي. هي منهن جو گهوٽ آهي ۽ مان سندس ڪنوار.

اسان گهٽوٽي ڳولهيو، پر هن دنيا ۾ جنهن کي توهان ماڻهن پنهنجي رسمي پابندين سان تنگ، پنهن جي جهالتن سان تاريڪ ۽ پنهن جي حرص ۽ طمع سان بيڪار بڻائي ڇڏيو آهي، اسانکي ڪابه اهڙي سيج نه لڌي جا اسان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريم ونڊڻ جي قابل هجي - تنهن
ڪري اسان بهتر سمجهو ته ڪرن
ڪان پري — ٻئي جهان ۾ هليا وڃون.
بزدلو! ويچھي اچو!! تي سگھي ٿو ته
توهان ڏسي سگهو ٿا ته اسانجي چهرن
تي خدائي نور ڪيڏي رهيو آهي ۽
اسان جي دلين مان الوهيت جا مٺا
آلاپ ايري رهيا آهن - ڪٿي آهي هوءَ
مڪريل؟ جنهن منهنجي يار جي باري
۾ مون کي ڪوڙيون ڳالهيون ٻڌايون.
مون کي چيائين ”هو نوڪي وساري
مون سان محبت ڪرڻ لڳو آهي، هن
مونسان محبت ئي انهيءَ لاءِ ڪئي آهي
ته جيئن نوڪي وساري ڇڏي“. ڇا
هن فتنه انگيز هي سمجهيو ته منهن جي
۽ سدس مائٽ جي مٿي تي پادريءَ
جي هٿ رکڻ سان ئي ڪيس مون تي
فتح حاصل ٿي؟ ڪٿي آهي؟ ڪٿي
آهي؟ هوءَ ڌوڪيباز شريفزادي! ڪٿي
آهي؟ جهنمي نانگڻ! مان ڪيس دعوت
ٿي ڏيان ته اچي ۽ ڏسي هن توهانکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن جي يار جي شادي جون خوشيون ملهائڻ لاءِ ڪٺو ڪيو هو ۽ نه ان شخص جي خوشين لاءِ جنهن کي هن منهنجي لاءِ چونڊيو هو.

توهين منهنجي گفتگو نه سمجهي سگهندو. ڪٿي پريشان آواز ۽ ڪٿي فرشتن جا گيت. ليڪن توهين پنهن جي اولاد کي ان عورت جو قصو ٻڌائيندا جنهن شاديءَ رات پنهن جي يار کي خون ڪيو. توهين منهن جي ڳالهه ڪندؤ ۽ پنهن جي گنهگار چپن سان مون تي لعنت وجهندؤ پر توهان جي اولاد مون کي مبارڪباد ڏيندي. ايندڙ زمانو يقينا سچائي ۽ روح جي حڪومت جو زمانو هوندو.

۽ اڙي بيوقوف انسان! پنهن جي ڪميٽپ، حيلن بهانن ۽ مال و دولت جي وسيلي مونکي پنهن جي زال بڻائيندڙ! تون ان بد قسمت گروه جو نمائيندو آهين جو اونداهي ۾ نور تلاش ڪري، جبل مان پاڻي ڪڍڻ گهري

تو ۽ رڻ پٽ ۾ ڳان تڙڻ جو خواهشمند
آهي - تون ان ملڪ جو باشندو آهين،
جنهن پاڻ کي اهڙي طرح جهالت جي
حوالي ڪري ڇڏيو آهي جهڙي طرح
انڌو پنهنجو پاڻ انڌي رهنما جي حوالي
ڪندو آهي- تون ان ڪوڙي مردانگي جو
نمونو آهين جا هارن ۽ چوڙين جي لاءِ
گردن ۽ ٻانهون کپي ڇڏيندي آهي-
وڃ! مون توکي معاف ڪيو ڇاڪاڻ
ته خوش روح ڪوچ ڪرڻ وقت دنيا
جي سيني ذلتن ۽ حماقتن کي معاف
ڪري ڇڏيندا آهن - *

ڪنوار خنجر مٿي ڪنيون ۽ ان اڃايل وانگر جو بيصبريءَ سان پاڻيءَ جو پيڙل وتو پنهن جي چپن سان لائيندو آهي، عزم ۽ همت سان پنهن جي سيني ۾ چيوٽي ڏنو ۽ پنهن جي يار جي پاسي ۾ ڪري پئي - ان بوٽي مثل جنهن جون پاڙون ڏاتي سان وڍيون ويون هجن - عورتن ۾ ڏڪڻي پئجي وئي ۽ انهن خوف ۽ غم جي شدت ڪان زور زور سان روئڻ شروع ڪيو - منجهاڻن کي ته بيهوش ٿي ويون - مردن ۾ ڪ هڪ گوڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪسان برپا ٿي ويو ۽ هــو ڊپ ۽ هراس ۾ ڏڪندا ڪنيندا زخمين جي ويجهو آيا، ڪنــوار جا سڪرات جي حالت ۾ هئي ۽ جنهن جي شفاف سيني مان رت جو ڦوهارو وهي رهيو هو، سنــدن طرف ڏنو ۽ چيائين:

”ملامت ڪندڙو! خبردار، اسان جي
ويجهو نه اچو! نه اسان جي جسمن کي
هڪ ٻئي کان جدا ڪجو! نه ته اهــو
مقدس روح جو اسان جي مٿان پاڇــو
ڪيو ڏينو آهي، توهان جون ڪچيون
گهتيندو ۽ نهايت سنگدلي ۽ بيرحميءَ
سان توهان کي زمين تي ڏسيندو –
اسان جي جسمن کي بڪايل زمين جي
وات جو گره ٿيڻ ڏيو! وڃو! وڃو-
زمين کي موقعو ڏيو ته اها اسان کي
پنهن جي سيني ۾ محفوظ ڪري- جهڙي
طرح هوءِ ٻڄن کي بهار جي مند اچڻ
تائين سردين جي برف کان محفــوظ
رکندي آهي-“

ڪنوار سليم جي لاش جي اڄان ٻـــ،
قريب ٿي وئي ۽ ٻڌهن جا چپ سندس سرد چپن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪئي رڪيائين - هي پڇاڙيءَ جا آخري پساھن سان سندس وات مان نڪتا:

”منهن جا حبيب! ڏس!! منهن جي دل جا گهوٽ ڏس! حاسد ڪيئن نه اسان جي سيج جي چئني طرفن کان بيٺا آهن - سندن نگاهون ڪهڙي نه طرح اسان تي کتل آهن - ٻڌ! سندن ڏندن جي ڪڙڪڻ ۽ پاسرين جي ترڪڻ جا آواز ٻڌ!! سليم! تو مدتون منهن جي انتظار جون تڪليفون سٺيون - ڏس! هاڻي مان تنهن جي آهيان - منهن جا حبيب! اسين گهڻائي ڏينهن اونداهين ۾ غمگين ۽ حيران گذاريا، هاڻي مون پنهنجا سڀ بند ڇڇي ڇڏيا آهن ۽ سڀ زنجير ڪٽي ڇڏيا اٿم ته جيئن اسين سج جي گرمي ۽ روشني کان هڪ نئين زندگي حاصل ڪريون! سليم! ڏس! هڪ هڪ تي ڪري سڀ نقش فنا ٿي چڪا آهن - هر شيءِ منهنجي نظرن کان لڪي وئي آهي - هاڻي مون کي تو کان سواءِ ٻيو

کجھ بہ نظر نہ ٿو اچي - هاءِ! منهن
جا چپ، پيارا سليم! منهن جا ساهہ قبول
ڪر!! اچ! منهن جا پيارا، هلون!!
محبت جو فرشتو پر پکيڙي چڪو
آهي ۽ نور جي مجلس چوڏاري اڏري
رهيو آهي-"

ڪنوار پنهن جو سينو سليم جي سيني تي
ڪٽي رکيو - سندس رت هن جي رت سان ملي
ويو، سندس سر هن جي گردن تي جهڪي پيو
۽ سندس اکيون هن جي اکين تي کپي ويون-

ماڻهو خاموش بيٺا هئا، سندن چهرا پيلا پئجي
ويا هئا، ٽنگن ۾ ڏڪڻي پئدا ٿي وئي هئن - ڄڻ
تہ موت جي هيبت سندن قوت ۽ چر پر کي فنا
ڪري ڇڏيو هو -

پادري —— منتر پڙهي ڪري، ڪنوار جي
لاءِ ازدواجي هار پوئيندڙ پادري اڳتي وڌيو ۽
انهن لاشن جي طرف اشارو ڪري، حاضرين کي
سخت انداز ۾ چيو:

" اهي هٿ سزا جي لائق آهن جي ذلت
۽ گناهہ جي خون ۾ ليٿڙيل هئن جسمن
جي طرف وڌن، ۽ قابل نفرت آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي اکيونِ جي سندن موت تي رنج
۽ غم جا ڳوڙها ڳاڙين - شيطان سندن
نا پاڪ روحن کي جهنم ۾ ڪهلي ويو
آهي - ڇڏي ڏيونِ! انهن ٻنهي لاشن
کي انَ نا پاڪ زمين تي جا سندن خونَ
سانَ ڀنل آهي - پيا هجن، ته جيئن ڪتا
سندن گوشت ورهائي کائن ۽ هوا
سندن هڏن کي اڏائي ڇڏي - انسانو!
ٻنهن جي ٻنهن جي ڳهرن ڏانهن موٽي
وڃو!! ڀڄوا! هن بدبوء کان ڀڄو!!
جا سندن دلين سان نڪري رهي آهي-
هنن جا پتلا خطا ۽ قصور جي اٿي سان
ذهيل آهن ۽ ڪين سندن ٻنهن جي
رذالت ۽ ڪميڻپ پيهين ڇڏيو -
پيهندڙوا هنن کان پري ٿي وڃو!
جلدي پري ٿيو، اٿين نه تني جو
دوزخ جي باهه جا شعلا توهان کي نه
ٻنهن جي لپيٽ ۾ آڻين -
توهان سان ڪوبه هت نه پيهي نه
نه ذليل ۽ محروم ٿي ويندو - ڇاڪاڻ
نه مقدس عبادتخاني ۾ بارِيابي ناممڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيندي، جتي اهل - ايمان غلاميءَ جو
سجدو ادا ڪن ٿا.“

سومن - اها ڇوڪري جنهن کي ڪنوار
قاصد ٻڌائي سليم ڏي موڪليو هو - اڳتي وڌي،
سندس پنبڻيون لڙڪن سان پريل هيون. عزم ۽ همت،
جرائت ۽ شجاعت سان هن چيو:

”اڻڌا ڪافرو! هنن جي حفاظت لاءِ
مان هت موجود آهيان، صبح ٿيڻ تي
هنن جهومندڙ ٽارين هيٺان مان سندن
لاءِ قبرون کوٽيندس - جيڪڏهين توهان
منهن جي هٿن مان ڪوڏر ڪسي ورتي
ته مان پنهنجي آڱرين سان زمين جو
سينو چيريندس پر جيڪڏهين توهان
منهن جا هٿ به ٻڌي ڇڏيا ته هي فرض
مان پنهن جي ڏندن سان پورو ڪندس.
هليا وڃو! هن عطر ۽ لوبان جي خوشبوءِ
جي هنڱاءَ سان پريل جاءِ مان هليا
وڃو!! سوئر پاڪ خوشبوءِ سنگهڻ ڪان
پيڇندا آهن ۽ چور گهر جي مالڪ ۽
صبح ٿيڻ ڪان ڊڄندا آهن - وڃو! پنهن
جي اونداهين کوٺين ۾ وڃو!! محبت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شهيدن جي سرن مٿان اڏامندڙ
فرشتن جا گيت، ڪن ڪچري سان
ڀريل ڪنن تائين ڪونه پهچي سگهندا.“

ساٿهو ٻڍي پادريءَ جي اکيان ٻيري تي ويا ۽ سوسن لاش جي پرسان بيٺي رهي ۽ انهن پٺي معلوم ٿيو ته بيواه ماءُ رات جي خاموشيءَ ۾ پنهن جي ٻن ٻچن جي حفاظت ڪري رهي آهي - ساٿهن جي وڃڻ ڪان پوءِ سوسن زار زار روئڻ لڳي -

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زهراب

خزان جي خوبصورت زماني ۾ جڏهين اتر لبنان پنهن جي سمورين خوبصورتين ۽ دلڪشين سان جلوه فروش هوندو آهي، هڪ ڏينهن صبح جو ڳوٺ تولا جا ڳوٺاڻا ان ديول جي ويجهو جمع ٿيا جا وچ ڳوٺ ۾ آهي ۽ فارس رحال جي اوچتي گم ٿي وڃڻ تي پنهن جي خيالن جو اظهار ڪرڻ لڳا - هيءَ ڳالهه سندن لاءِ افسوسناڪ به هئي ۽ حيرت انگيز به، ته پنهن جي حسين ۽ نوجوان زال کي ڇڏي ڪري - جنهن کي احسان ڇهه مهنا مس گذريا هئا جو هو وڏي لاڏ ڪوڏ سان شادي ڪري آيو هو، فارس رحال ڪاڏي هليو ويو؟

فارس رحال پنهن جي ڳوٺ جو سردار هو ۽ هيءَ سرداري کيس پيءُ ڏاڏي کان ورثي ۾ مليل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي - اجان مو چوويهن سالن جو مس هو ته سندس شخصيت ۾ اهي سڀ گڻ پئدا ٿي ويا جن جي سبب تولا جا رهواسي سندس عزت ۽ احترام ڪرڻ لاءِ مجبور هئا-

گذريل سال وچ بهار ۾ جڏهين هن سوسن برڪت سان شادي ڪئي ته ماڻهو چوندا هئا:

”هيءُ نوجوان ڪيترو نه خوش نصيب
آهي جو ڪيس ٽيهن سالن جي عمر کان
اڳ آهي سڀ خوشيون حاصل ٿيون
ويون جي صحيح نموني ۾ انسان جي
طبعي زندگيءَ جو ڦل آهن!“

پر ان ڏينهن صبح جو، جڏهين تولا جا باشندا آرام جي ننڊ مان بيدار ٿيا ۽ کين پڌايو ويو ته جناب فارس صاحب پنهن جي سموري پونجي کڻي ڪري، متن مائٽن ۽ يارن دوستن سان بنا ملئي، گهوڙي تي سوار ٿي ڪيڏانهن هليو ويو ته سندن دلين ۾ شڪ شبها پئدا ٿيا ۽ هو انهن مخفي سببن جو راز ڳولهڻ لڳا، جن جي ڪري هن پنهن جي زال، پنهن جو گهر ٻار، پنهن جي زمين، پنهن جا باغ، وطن وارا ۽ سڀ ڪجهه ڇڏي ڏنو-

اتر لبنان جي سماجي رهڻي ڪهڻي ۽ نيا جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني نظام جي مقابلي ۾ اشتراڪي نظام (ڪميونزم) کي زياده ويجهي آهي - اهوئي سبب آهي جو زندگي جي رنج ۽ راحت ۾ هڪبئي کي ساٿ ڏيڻ اني جي ماڻهن جي فطرت ۾ داخل آهي تنهن ڪري روزگار جو چڪر جڏهين ڪين ڪنهن تئين حادثي سان همڪنار ڪندو آهي تڏهين هو پنهن جون سڀ توجهون ان جي وجه ۽ سبب جي تلاش ۾ صرف ڪندا آهن ۽ سندن اها جستجو تيستائين ختم نه ٿيندي آهي جيستائين وقت کو پيو مسئلو سندن سامهون پيش نه ڪري.

هيءُ ٿي پاڻ ۾ پڌيءَ جو مادو هو جنهن جي سبب تولا جا رهاڪو اڄ پنهن جي ڪم ڪار کان بيپرواه ٿي ڪري، تولا جي ديول جي ويجهو جمع ٿيا هئا ۽ فارس رحال جي اوچتي هلڻي وڃڻ تي ڳالهيون ٻولهيون ۽ ويچار ڪرڻ لڳا.

اڃان ماڻهن ۾ ڳالهيون ڏي ٿي رهيون ته ڪوٺ جو پادري اسطفان ڪنڌ ۾ پادرانه پٽو وجهيون سندن طرف ايندي نظر آيو - سندس منهن تي فڪر ۽ مايوسيءَ جا آثار هئا.

مجمع اسطفان جي ويجهو پهتو ۽ ڪانٽس فارس رحال جي باري ۾ طرحين طرحين جا سوال ڪرڻ لڳو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ھن ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ خاموش ويھي افسوس جا ھٿ مھٽيندو رھيو - ٿوري دير ڪان پوءِ ھن چيو:

”ڪجھ نہ پڇو! منھن جا پڄڙؤ! مون کان ڪجھ نہ پڇو!! مون کي فقط ايترو ئي معلوم آھي تہ صبح تيءَ کان ٿورو اڳ فارس منھن جي دروازي جو کڙڪو ڪڙڪايو، مون دروازو کوليو تہ ھو گھوڙي کي واڳ کان جھليون بيٺو ھو - ان وقت سندس منھن تي نھايت رنج ۽ غم جا آثار ھئا - حيرت ۾ پنجي مون سبب پڇيو تہ چيائين: ”اوھان کان موڪلائڻ آيو آھيان، مان سمنڊ پار وڃي رھيو آھيان ۽ ارادو اٿم تہ ھاڻي جيئري جيءَ واپس نہ ورندس -“ ائين چئي ھن مونکي پنھن جي دوست نجيب مالڪ جي نالي ھڪ خط ڏنو ۽ تاڪيد ڪيائين تہ ھتون ھٿ پھچايو وڃي - خط ڏئي ھو گھوڙي تي سوار ٿيو ۽ اڙي ھٽي ويندو رھيو - ھن مون کي ايترو بہ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موقع نہ ڏنو جو مان ڪانئس تفصيل ۾
سفر جي ارادي جو سبب پڇي سگهان۔
جا ڪجھہ مونکي خبر هئي سا مون
توهان کي ٻڌائي ۽ هاڻي هن ڪان
وڌيڪ مون ڪان نہ پڇو۔“

مجمع مان هڪ شخص ڪڪالهايو:

”نجيب مالڪ، ڪوٺ ۾ هن جو سڀ
کان گهاٽو دوست هو تنهن کري ضرور هن
پنهن جي وطن ڇڏڻ جو سمورو قصو انهيءَ خط
۾ لکيو هوندو۔“

ٻئي پڇيو:

”ڇا اوهان سندس زال کي بہ ڪٿي
ڏٺو؟ آهي“

پادريءَ جواب ڏنو:

”هائو! مون کيس صبح جو عبادت ڪان
پوءِ ڏٺو هو۔ هوءَ دريءَ جي پرسان ويٺي، ڪمل
نگاهن سان ڪٿي پري ڏسي رهي هئي۔ انئين پئي
معلوم ٿيو تہ ڄڻ سندس حواس گم آهن۔ فارس
جي باري ۾ مون جڏهين ڪانئس پڇيو تہ سڙي
مون کي ڏنائين ۽ جواب ڏنائين:

”مون کي ڪجھ معلوم ناهي! مونکي

ڪابہ خبر ناهي!!" اٿين ڇٽي ٻــارن
وانگر زار زار روئڻ لڳي ـ "

اڃان پادريءَ جي ڳالهہ پوري نہ ٿي هئي جو ڳوٺ جي اوڀرين پاسي کان بندوق ڇٽڻ ۽ ڳڏو ڳڏ هڪ عورت جي روڄ راڙي جـــو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جنهن فضا ۾ هڪ هراس پيدا ڪري ڇڏيو ـ ساٿهو ٿوري دير تائين تہ حيران ۽ خاموش بيٺا رهيا پر تنهن کان پوءِ سڀ جو سڀ ـ جن ۾ مرد بہ هئا ۽ عورتون بہ ـ ڇهرن تي خوف ۽ بد بختي جا نقاب اوڙهي آواز جي طرف وڃڻ لڳا ـ

جڏهين هو فارس رحال جي ٻاهرين بنگلـي ۾ پهتا تہ هنن هڪ خوفناڪ منظر ڏٺو جنهن جي اثر کان سندن ستا ڇڪرائجي ويا ـ رت رڳن ۾ ڄمي ويئي ـ انهن ڏٺو تہ نجيب سالڪ خون ۾ ليٽڙيـــو پيو آهي ۽ فارس رحال جي زال، سوسن سندس پير ۾ ويهي پنهن جا وار ۽ ڪپڙا پٽي دردناڪ آواز ۾ رڙي رهي آهي ـ

”هن خود ڪشي ڪئي! هن پنهن جي سيني ۾ بندوق هڻين!!

ساٿهو حيرت ۾ بيٺا هئا، ڇڻ تہ مـــوت جـــي فرشتي جي اڻ ڏٺل آڱرين سندن روحن کي ڪهڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکيو هو - پادري لاش جي ويجهو آيو، هن ڏٺو ته مقتول جي سڄي هٿ ۾ فارس رحال جو خط آهي جو اڄ ئي صبح جو لکندڙ جي مرضي مطابق کيس هٿون هٿ پهچايو ويو هو - مقتول خط کي ايتري ته قوت سان جهليو هو جو ڄڻ ته گهريائين ٿي ته کيس به پنهن جي آگرين جو حصو بڻائي ڇڏي - پادري اهو خط سندس هٿ مان ڪڍي ڪري پنهن جي کيسي ۾ ائين رکيو جيئن ڪو پيو ڏسي نه سگهي - ۽ مٿو پٽيندو ٻه چار قدم پوئتي هٽي بيهي رهيو -

ماڻو نجيب مالڪ جو لاش سندس بيوه ماءُ جي گهر کڻي ويا، هن ويچاري جيئن ئي پنهن جي مربي پٽ هيڙي حالت ۾ ڏٺو تيئن ئي غش کائي مٿان ئي زمين تي ڪري پئي -

ٻئي ڏورتون فارس رحال جي وطن ڇڏڻ ۽ نجيب مالڪ جي خودڪشيءَ جي سلسلي ۾ فارس رحال جي زال کي ڏوهي قرار ڏئي رهيون هون جو کيس اهڙي اڌ مئي حالت ۾ اندر پهچايو ويو

★

اطفان پنهن جي گهر آيو ۽ دروازو بند ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهن جي ڪيسي مان اهو خط ڪڍيو جو هن نجيب مالڪ جي هٿ مان ڪنيون هو ـ ڏڪندڙ ۽ ڪنبندڙ آواز ۾ هن پڙهڻ شروع ڪيو:

”ادا نجيب!

مان وطن ڇڏي رهيو آهيان ـ انهي لاءِ تہ منهن جو وجود نہ فقط تنهن جي ۽ منهن جي زال لاءِ پر خود منهن جي لاءِ بہ بدبختي جو باعث آهي ـ مون کي خبر آهي تہ تون شريف طبيعت آهين ۽ تو پنهن جي دوست جي —— جو تنهن جو پاڙيسري بہ آهي ـ امانت ۾ خيانت نہ ڪئي آهي، مون کي هي بہ معلوم آهي تہ منهن جي زال سوسن پاڪدامن آهي، پر ان سان گڏو گڏ مون کي هي بہ سڌ آهي تہ اها محبت جنهن تنهن جي ۽ سوسن جي دل کي هڪ ٻئي ڪري ڇڏيو آهي. سا توهان ٻنهي جي وس کان ٻاهر آهي، توهان جيڪڏهن چاهيو بہ تہ بہ توهين ڪيس فنا نہ ٿا ڪري سگهو جهڙيءَطرح توهان نهر ڦاديشہ جي وهڪري کي

روڪي نہ ٿا سگهو -
نجيب! تون منهن جو ننڍپڻ جو دوست
آهين، جڏهين اسين ٻئي گڏ باغن، ٻنين،
ميدانن ۽ ديولين جي اڳڻ ۾ کيڏندا
وتندا هئاسين - ۽ مان خدا کي شاهد
ڄاڻي چوان ٿو تہ هن وقت بہ تـــون
منهن جو اهوئي دوست آهين جو اڳي
هئين - مون کي اميد آهي تہ تون بہ
مون کي هميشه ائين سمجهندين جيئن
هميشه سمجهندو آيو آهين! سپاهي يا آن
ڪان پوءِ سوسن سان جيڪڏهين ملين
تہ چئجانئس تہ منهن جي دل ۾ سندس
طرف ڪان ڪابہ بدگماني يا رنجـــش
ناهي - مان کيس اڄان بہ محبـــت ۽
مهرباني جي لائق سمجهان ٿو ۽ جيئري
جيءَ سمجهندو رهندس - کيس هيءَ بہ
ٻڌائجانءِ تہ جڏهين اڌ رات جو مـــان
سڄاڳ ٿيس ۽ مون ڏٺو تہ هـــوءَ
حضرت عيسيٰ جي تصوير جي اڳيـــان
گوڏن ڀر ويٺي عاجزي ۽ انڪساري
سان پنهن جي دل جي صبر ۽ سڪون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ التجا ڪري رهي آهي ته منهنجي
دل شفقت ۽ همدردي جي جذبات
ڪان چور چور ٿي پئي دنيا ۾ ڪوبه
ڏک يا تڪليف اهڙو ڪونهي جو هن
عورت جي زندگيءَ جي مقابلي ۾ پيش
ڪري سگهجي، جنهن جي هڪ طرف
ته سندس محب هجي ۽ ٻئي طرف
محبوب!
غريب سوسن هميشه اهڙي ڪشمڪش
۾ مبتلا هئي - هوءَ گهرندي هئي ته
زال هئڻ جي حشيت ۾ جي فرائض
سندس مٿان عائد ٿين ٿا سي پورا
ڪري پر هوءَ پنهن جي هٿن سان پنهن
جي جذبات جو گردن به نه پئي گهٽي
سگهي - تنهن ڪري مان هڪ ڏورانهين
ملڪ وڃين رهيو آهيان انهيءَ نيت
سان ته وري واپس نه ورندس - مان نه
ٿو چاهيان ته توهان ٻنهي جي ڪاميابين
۽ خوشين جي راه ۾ هڪ پهاڙ بڻجان!
آخر ۾ مون کي اميد آهي ته تون
سوسن سان خلوص ۽ محبت جو ناتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم رکيون ايندين ۽ آخري پسـاهه
تائين سندس حفاظت ڪندين ـ هـن
تنهن جي لاءِ پنهن جي هر شيءِ قربان
ڪري ڇڏي تنهن ڪري هوءِ بہ آن
هر مهرباني ۽ دلجوئي جي مستحـق
آهي جا مرد، عورت سان ڪري سگهي
ٿو -

نجيب، خـدا ڪري تـون هميشه
شريف القلب ۽ بلند حوصلہ رهين! الله
توکي هميشه پنهن جي پناهہ ۾ رکي!!!"

تنهن جو ياءُ
فارس رحال

خط پڙهڻ کان پوءِ اسطقان کيس تهہ ڪري پنهن جي کيسي ۾ رکيو ۽ دريءَ وٽ وڃي پري ماٿريءَ طرف ڏسڻ لڳو - سندس سڪل مهانـڊا ٻڌائي رهيا هئا تہ هن وقت هو ڪنهن گهـري فڪر ۾ آهي - پر هڪ منٽ بہ نہ گذريو هو جو هو هڪدم اٿي کڙو ٿيو - اٿين پٺي معلوم ٿيو تہ هن پنهن جي فڪر جي نہ سان هڪ مشڪل ۽ خطرناڪ راز حاصل ڪيو آهي - اهو مشڪل ۽ خطرناڪ راز جو ظاهري پردن ۾ لڪل ۽ متاڇري

چادر ۾ ويڙهيل هو ـــ ڪانئس دانهن نـڪـــري
وئي:

فارس رحال! تون ڪيتري نه قدر چالاڪ
آهين!! مان سمجهي ويس تو اين مالڪ
کي ڪهڙي طُرح قتل ڪيو ۽ پـوءِ
ڪهڙي طرح سندس خون کان به آزاد
رهين - تو زهر موڪليو پر ماڪيءَ ۾
ملائي، تو ڪيس ترار موڪلي پر ريشم
۽ ڪيمخاب ۾ ويڙهي ڪري - تو وٽس
موت جو فرشتو موڪليو پر خط بجي
تنهن ۾ ويڙهي ڪري . جڏهن هـــن
بندوق جو منهن پنهن جي سيني طرف
ڪيو آهي نه سندس هٿ تنهن جـــي
هٿ جي گرفت ۾ هو ۽ سندس ارادو
تنهن جي ارادي جي تابع هو - افسوس!
فارس رحال تون ڪيتري نه قدر عيـــار
آهين!! "

اسطفان پيهر ڪرسيءَ تي ويهي رهيو -
هو هر ڪند لوڏي رهيو هو ۽ پنهـن جـــي
آڱرين سان ڏاڙهيءَ کي سنواري به رهيو هـــو -
سندس چپن تي هڪ پر معنيٰ مرڪ هئي ـــ درد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانءَ به زياده خطرناڪ مرڪ!

ٿوري دير ڪان پوءِ هن ويجهو واري ڪٻٽ مان هڪ ڪتاب ڪڍيو ۽ افرام سرياني جا پاڪيزه شعر جهونگارڻ لڳو - ڪڏهين ڪڏهين وچ ڳوٺ مان اينڌڙ عورتن جي روج واڙي ڪي ٻڌڻ لاءِ اڪ ڪٿي هيڏي هوڏي ڏسي به ورتائين ٿي -

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طوفان

يوسف فخري ليهن سالن جو هو جڏهين هن دنيا و مافيها سان لڳ لاڳاپا لاهي، اڪيلو، خاموش ۽ زاهدن واري زندگي گهارڻ لاءِ انهيءَ ويران خانقاهه کي وڃي وسايو جا اتر لبنان جي واديءَ قاديشه جي ڪناري تي آهي.

آس پاس جي ڳوٺائن کي سندس باري ۾ عجيب و غريب خيال هئا. ڪو چوندو هو:

”هو هڪ شريف ۽ وڏائي گهر جو ماڻهو آهي جنهن هڪ عورت سان محبت ڪئي ۽ سندس بيوفائي ڪان دلشڪسته ٿي ڪري شهر ڇڏي ڏنو ۽ ڪيس وسارڻ خاطر گوشه نشيني اختيار ڪئي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کو خيال ظاهر ڪندو هو:

”هو خيالن جي دنيا ۾ رهندڙ شاعر آهي، جو پنهنجي فڪر ۽ جذبات کي شعر ۽ نظم جو جامو پهرائڻ لاءِ سماجي گوڙ گهمسان کان ڪناره ڪش ٿي ويو آهي.“

”هو عبادت ڪندڙ صوفي آهي جنهن دنيا ۽ سندس دلچسپين کان منهن موڙي دين تي قناعت ڪئي آهي.“

۽ ڪو بيدڙڪ چئي ڏيندو هو:

”هو مجنون آهي!“

پر مان؟ —— مان هن مسئلي ۾ بلڪل خاموش هوس ڇاڪاڻ ته مون کي خبر آهي ته روح جي اندر اهڙا نازڪ راز به هوندا آهن جن جو اظهار صرف خيالن جي وس جي ڳالهه ناهي، تنهن هوندي به هن عجيب و غريب انسان سان ملڻ ۽ گفتگو ڪرڻ جو گهڻو آرزو مند هوس، تنهن ڪري به پيرا مون ڪوشش به ڪئي ته ڪيس ملي ڪري —— سندس حقيقت معلوم ڪريان ۽ سندس مقصد ۽ مطلب جي خبر لهان پر تڪين تڪين نظرن ۽ بعضي اهڙن نظرن کان سواءِ، جنهن مان سندس سنگدلي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنورپ ۾ وڏائي ظاهر ٿيندي هئي، مون ڪنهن ڪي ڪابہ ڪاميابي نصيب نہ ٿي.

ٻيهر مون دفعو جڏهين مون ڪيس ڏٺو تڏهين هو صنوبر جي وڻن جي جهنڊ جي ويجهو گهمي رهيو هو. نهايت گهڻي ادب ۽ احترام سان مون ڪيس سلام ڪيو پر پاڻ فقط ڪنڌ لوڏڻ جي ٻيو ڪوبہ جواب نہ ڏنائين ۽ جلد اتان هليو ويو.

ٽيون دفعو جڏهين منهن جي ساڻس ملاقات ٿي تڏهين هو خانقاہ جي ويجهو انگورن جي باغيچي جي وچ ۾ ويٺو هو. سندس ويجهو وڃي ڪري مون پڇيس:

”ڪلهہ مون ڪي هڪ شخص جي واتان
معلوم ٿيو آهي تہ هيءَ خانقاہ هڪ
شامي عابد چوڏهين صديءَ ۾ ٺهرائي
هئي. ڇا اوهان کي سندس بابت ڪا
خبر آهي؟“

سخت نموني ۾ هن جواب ڏنو:

”مون کي خبر ناهي تہ هيءَ خانقاہ ڪنهن ٺهرائي ۽ نہ وري معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو.“

هيئن چئي ڪري هن مونڌي ڦيري ڪري ڇڏي ۽ ٺوڪ طور چيائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"تون هن ٻاري ۽ پنهن جي ڏاڏيءَ کان ڇو نه ٿو پڇين؟ هوءَ عمر ۾ ٻه ٽي سؤ کان وڏي آهي ۽ هن ماڳ جي تاريخ جي ٻه ڪيس پيس سيني ڪان ڪجهه خبر آهي."

مان پنهن جي ٻاراڻي حرڪت تي پشيمان ۽ غمگين واپس موٽي آيس.

اهڙيءَ طرح ٻه سال گذري ويا پر هن پر اسرار شخص جي زندگي منهن جي خيالن ۽ ذهن تي ڇانئي رهي.

★

خزان جي موسم جو ذڪر آهي، مان يوسف فخري جي خانقاه جي آس پاس، ٽڪرين ۽ ماڳن ۾ گهمي رهيو هوس جو طوفان ۽ مينهن اچي ورايو ۽ مون سان ائين ڪيڏو لڳو جيئن مستيءَ ۾ پريل سمنڊ ان ٻيڙيءَ سان ڪيڏندو آهي جنهن جو ڦرهو ڇولين پيچي ڇڏيو هجي ۽ سڙه طوفان ڦاڙهي ڇڏيو هجي. مون خانقاه جي راه ورتي ۽ پنهن جي دل ۾ چيو:

"هن ماڻهن کان بيزار سان ملڻ جو چڱو وجهه مليو آهي. طوفان ۽ پنل

ڪپڙا منهن جي معافي ۽ سفارش لاءِ
ڪافي آهن.“

مان اهڙيءَ رحم جوڳي حالت ۾ خانقاه جي وچهو پهتس پر اجهان مون ڪڙو ڪوڪايو هو جو مون کي پنهنجي سامهون هو شخص بيٺل نظر آيو جنهن سان ملڻ جي خواهش هڪ هڪ عرصي کان منهن جي دل ۾ هئي. هن جي هٿ ۾ هڪ پڪي هو جنهن جو مٿو سخت زخمي ۽ پر ٽٽل هئا ۽ اهڙيءَ طرح ڦٿ ڦٿ ڪري رهيو هو جو چڻ ته پنهنجي زندگي جا آخري پساه پورا ڪري رهيو هجي. ڪيس سلام ڪرڻ کان پوءِ مون چيو:

”معاف ڪجو مان هن حالت ۾ اوهان
وٽ آيو آهيان. پر ڇا ڪيان مجبور
هوس، طوفان تمام سخت آهي ۽ شهر
هتان گهڻو پري!“

هن منهن ۾ گهنڊ وجهي مون کي نهايت غور سان ڏٺو ۽ نفرت ڀريل نموني ۾ چيائين:

”هٿ گهٽيون ٺي غارون آهن ۽
جيڪڏهين تنهن جي مرضي هجي ها ته
تون انهن ۾ پناهه وٺي سگهين ٿي!“

ائين چيائين ۽ پکيءَ جي مٿي تي ايتري محبت سان هٿ ڦيرڻ لڳو جا مون حياتيءَ ڀر نه ڏٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي - هنن جي برعڪس شين - رحم ۽ سنگدلي - کي ڏسي ڪري مون کي سخت تعجب ٿيو - سڀ ڪان وڏيڪ حيرت ۾ وجهندڙ منهن جي لاءِ هيءَ ڳالهه هئي ته هو مون سان ايتري قدر سختي سان چو ٿو پيش اچي -

هن مونڏي سواليه نظر سان ڏٺو ڄڻ ته منهنجي ذهني تڪليف کي سمجهي ويو هجي ۽ چيائين:

"طوفان ڪتني گوشت کي پنهن جي خوراڪ ناهي بڻائيندو پوءِ تون ڪانئس ڊڄي ڇو ٿو پڇين؟"

مون جواب ڏنو:

"هي صحيح آهي ته طوفان، ڪتان ۽ ڇهراڻ کي نه ٿو پسند ڪري پر ڪيس سرد ۽ تر شيون پسند آهن، تنهن ڪري مونکي يقين آهي ته جيڪڏهن بيهر سندس هٿ چڙهي ويس ته هو مونکي هڪ لذيذ گره سمجهي ڳڙڪائي ويندو!"

سندس منهن تي ڪي قدر سرهائي موٽي، تي هن مون کي چيو:

"جيڪڏهن طوفان توکي هڪ لذيذ گره سمجهي ڳڙڪائي وڃي ته هيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن جي لاءِ ايتري نہ وڏي عزت تيندي
جنهن جو تون ڪڏهين بہ لائق ناهين."
مون جواب ڏنو:
"تنهن ڪري تہ مان طوفان کان پڇي
آيو آهيان تہ اها عزت مون کي حاصل
نہ ٿي سگهي جنهن جو مان هرگز لائق
ناهيان" ان هلڪي مرڪ کي لڪائڻ خاطر جا
سندس چپن تي بي اختيار نمودار ٿي هئي، هن
مونڊي پني ڪري چڏي ۽ هڪ ڪرسيءَ طرف
اشارو ڪندي جا پرتدڙ ڪل جي پرسان رکيل
هئي، مون کي چيو:
"هن ڪرسيءَ تي ويهي پنهن جا ڪپڙا
سڪاءِ."

مون سندس تشڪر ادا ڪيو ۽ اسين ٻئي ويهي
رهياسين - مان ان ڪاٺ واري ڪرسيءَ تي جا ڪل
جي پرسان پيل هئي ۽ هو هڪ پراڻين ڪرسيءَ
تي جا چپ آڏي ناهي وئي هئي - هن هڪ ڏڪر
جي پيالي ۾ جنهن ۾ ڪيترائي تيل مليل هئا،
آنگريون بوڙيون ۽ ان پکيءَ جي زخميل ڪنپڙاتين
۽ مٿي تي ملڻ لڳو - پوءِ هن منهن جي طرف
ڏيان ڏنو ۽ چيائين:
"طوفان هن بيوس پکيءَ کي ستيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءَ اڏ مٽي حالت ۾ چپ تي ڪري
پيو!"
مون جواب ڏنو:
"اهڙي طرح مون کي ٻه طوفان اوهان
جي در تي اچي ڦٿو ڪيو آهي ۽ مون
کي اڃان تائين خبر ناهي ته آن منهن
جون ٻانهون پکيون آهن يا مٿو ڦاڙيو
آهي."
هن منهن جي منهن کي غور سان ڏٺو ۽ چيو:
"ڪيترو نه سٺو ٿئي ها جيڪڏهين
انسان جي فطرت پکين جهڙي هجي ها!
ڪيترو نه سٺو ٿئي ها، جيڪڏهين
طوفان انسان جون ٻانهون پڃي ڇڏي
ها ۽ مٿو ڦاڙي وجهي ها!! پر بزدلي
انسان جي ضمير ۾ پريل آهي، هو
طوفان کي چڱي طرح ٿي سڃاڻي
ٿيندي نه ٿو ڏسي ته وڃي ٿو غارن،
ڪندن ۽ پاسن ۾ لڪي."
گفتگو کي شروع رکڻ جي خيال کان مون
چيو:
"پکين کي اهو شرف حاصل آهي جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان کي حاصل ناهي - انســان آن
قانون ۽ آن رواج جي پاڇي ۾ زندگي
گذاري ٿو جي هن پنهن جي لاءِ ناهيا
آهن، پر پکي انهيءَ وڏي ۽ عالــي
قانون جي مطابق زندگي گذارين ٿــا
جنهنجي وسيلي زمين سج جي چوڌاري
چڪر هڻندي آهي -"

هن جي اکين ۾ هڪ جوت پيدا ٿي، واچـون
ٽڙي ويس ڇڻ ته هن مونکي پنهن جو هڪ ذهين
شاگرد سمجهيو - هو چوڻ لڳو:

"شاباش! زنده باد!! جو ڪجھ تــون
چئي رهيو آهين ۽ جيڪڏهين اهوئــي
تنهن جو عقيدو به آهي، ته انسان کي
ڇڏي ڏي، سندن ناقص رسم و رواج
۽ بيڪار قانون کي لت هڻ ۽ پکيــن
وانگر هڪ اهڙي جاءِ تي زندگي گذار
جا خدا جي نالي کان سواءِ ٻين سڀني
شين کان خالي هجي -"

مون جواب ڏنو:

"جو ڪجھ مان چئي رهيو آهيــان
تنهن تي اعتقاد به رکان ٿو -"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن پنهنجو هٿ متي کنيو ۽ سخت انداز ۾ چيائين:

"اعتقاد ٻي شيءِ آهي ۽ متس عمل
ڪرڻ ٻي شيءِ. ايترا ڪيترائي ماڻهو
آهن جي ڳالهه ته سمنڊ وانگر ٿا ڪن
پر سندن زندگي هڪ باراني تلاءَ کان
زياده حيثيت نه ٿي رکي. هو پنهنجي
ڳچين کي جبل جي چوٽين کان به
بلند سمجهن ٿا پر سندن روح غارن جي
اونداهين ۾ سٿل رهن ٿا."

هيئن چيائين ۽ مونکي موقع ڏيڻ کان سواءِ ئي پنهنجي جاءِ تان اٿيو. پڪيءَ کي دريءَ جي پرسان تنگيل هڪ پراڻي ڪوٽ تي ويهاريائين ۽ هيڏانهن هوڏانهن کان ڪک ڪانا گڏ ڪري ڪل ۾ وجهندي چوڻ لڳو:

"جتي لاهي پنهن جا پير سگهاءِ.
پوسل انسان لاءِ سڀ کان زياده نقصان
ڪار آهي. چڱي طرح سگهاءِ ۽ شرم
نه ڪر."

مان ٻاهر کي اچان تورو ويجهو ٿي ويٺس. منهن جن پسيل ڪپڙن مان دونهان نڪري رهيا هئا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو خانقاه جي دروازي تي بيٺو غضبناڪ فضا کي نهايت مصروفيت سان ڏسي رهيو هو.

ٿوري دير کان پوءِ مون کائنس پڇيو:

"ڇا اوهان کي هن خانقاه ۾ آئي گهڻو
وقت گذريو آهي؟"

هن مونڏي ڏسڻ کان سواءِ ئي جواب ڏنو:

"مان هن خانقاه ۾ ان وقت آيو هوس
جڏهين زمين سنسان ۽ ويران هئي ۽
پاڻي جي متاڇري تي خداوندي روح
اڏري رهيو هو."

مان خاموش ٿي ويس ۽ پنهنجي دل ۾ چوڻ لڳس:

"هي شخص ڪيترو نه عجيب و غريب
آهي ۽ سندس راز کي معلوم ڪرڻ
ڪيترو نه ڪٺن آهي!" پر سائس گفتگو
ڪرڻ ۽ سندس روح جي اسرار کي
سمجهڻ به ضروري آهي تنهن ڪري مان
صبر ڪندس ايتري حد تائين جو سندس
بيرخي ۽ بيرحمي لطف ۽ مهرباني ۾
بدلجي وڃي.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات انهن ماترين مٿان پنهن جي ڪاري چادر پکيڙي ڇڏي - طوفان ۽ مينهن ايتري ته شدت اختيار ڪئي جو مونکي ائين محسوس ٿيڻ لڳو: طوفان، زندگي کي فنا ۽ زمين کي گندگي کان پاڪ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ پيهر جوش ۾ آيو آهي - يوسف فخري جي بزرگي مان سموري نفرت ۽ بيزاري، پيار ۽ همدردي ۾ بدلجي وڃي چڻ ته عناصر جي پڙڪاڻ سندس روح ۾ اها خاطري پيدا ڪئي هئي جا بعضي وقت رد عمل جي طور تي ظاهر ٿيندي آهي - هو اٿيو ۽ ٻه ڏٿا پاريائين - تنهن کان پوءِ منهن جي سامهون شراب سان ڪنن تار دڪي ۽ هڪ ٿالهه رکيائين جنهن ۾ ماني، پنير، زيتون جو روغن ۽ تورا سڪل ميوا هئا ۽ منهنجي سامهون وهي پيار ۽ مهرباني جي انداز ۾ چوڻ لڳو:

”مون وٽ جو ڪائڻ پيئڻ جو سامان هو، حاضر آهي - اچ! ۽ مون سان شريڪ ٿي وڃ!!“

اسان رات جي ماني خاموشي سان کاڌي - هوا جا سوسٽ ۽ مينهن جي وس وس اسان جي ڪنن باقاعده پئي ٻڌي - مون هر گره تي يوسف فخري جي منهن کي ڏسي ورتو ٿي ته جيئن سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهانڊن مان سندس ذهني حالتن ۽ وجداني لاڙن ۽ خيالن جي حقيقت معلوم ڪريان.

دسترخوان کڻڻ کان پوءِ، ڪل جي پرسان هن هڪ پتل جي ڪيٽلي کنئي ۽ ٻن پيالن ۾ نهايت صاف ۽ خوشبودار قهوو وڌو، پوءِ سگريٽن جو هڪ دٻو کولي منهن جي طرف وڌائيندي نرم آواز ۾ چيائين:

هان وٺ! سگريٽ ڇڪ!!"

مون هڪ سگريٽ کنيو، منهن جي ٻئي هٿ ۾ قهوي جي پيالي هئي. جو ڪجهه ان وقت منهن جون اکيون ڏسي رهيون هيون، مون کي تنهن تي يقين نه ٿي آيو. منهنجي سگريٽ دکائڻ ۽ قهوي جا ٻه چار ڍڪ پيئڻ کان پوءِ، هن ڪنڌ لوڏيو جڻ ته منهن جي فڪر جو علم کيس پئجي ويو هو ۽ چيائين:

"تون هن خانقاه ۾ شراب، سگريٽ ۽ قهوه جي موجودگي تي تعجب ڪري رهيو آهين نه فقط ايترو پر توکي ڪاڏي جي سامان ۽ بستري تي به حيرت آهي مان توکي قصور وار ڪونه سمجهان ڇاڪاڻ ته تون به انهن گهڻن مائهن مان

هڪ آهين، جي انسان کان عاجزگي
کي زندگيءَ جي انهن سيني فطرتي
لذتن ۽ عام خوشين کان پري ڌڪڻ
لازمي سمجهن ٿا.“
مون جواب ڏنو:-
”برابر! هي عقيدو پوري طرح اسانجي
ذهن تي قابض آهي ته خدا جي عبادت
لاءِ دنيا کان منهن موڙڻ جي معني هي
آهي ته اڪيلي ۽ زاهدانه واري زندگي
گذاري وڃي ۽ دنيا جي هر لذت ۽
هر خوشيءَ کي ڇڏي ڪري صرف
پاڻيءَ ۽ گاهه تي گذارو ڪيو وڃي-“
هن چيو:
”خدا جي مخلوق سان گڏ رهندي به
ماڻهو سندس عبادت ڪري سگهيس ٿي-
جيڪڏهن ته عبادت لاءِ اڪيلائي ۽
گوشه نشيني ضروري نه آهي- مون خدا
کي حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا کي ناهي
ڇڏيو جيڪڏهن ته هو مون کي منهن
جي ماءُ پيءُ جي گهر ۾ ئي نه پر هر
جڳهه مليو ٿي، ٻر مون ماڻهن کان

انهيءَ ڪري ڪناره ڪشي اختيار
ڪئي جو منهن جي فطرت سندن فطرت
کان مختلف هئي ۽ منهن جو فڪر
سندن فڪر کان.

مون انسانن کان انهيءَ ڪري
قطع معاشرت ڪئي جو پنهن جي روح
کي ڪبي طرف ڦرندڙ چرخين ۾ سڄي
طرف ڦرندڙ چرخي ڏنو.

مون تمدن تي انهيءَ ڪري لت
هنئين جو منهن جي خيال ۾ اهو هڪ
پراڻو، فاسد، قوي ۽ خطرناڪ وڻ هو،
جنهن جون پاڙون زمين جي اونداهين ۾
پکڙيل هيون ۽ شاخون آسمان سان
ڳالهيون ڪري رهيون هيون، پر جنهن
جا گل، لالچ، بد اخلاقي، ڏوه ۽ گناه
هئا ۽ ميوه، آفت، بدبختي، فڪر ۽
غم —

ڪن مصلحين ڪوششون ب
ڪيون ته قلم هڻي ڪري هن وڻ جي
طبيعت بدلائي وجي پر کين ڪاميابي
نصيب نه ٿي ۽ هو مايوسي، مظلومي ۽

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

ناڪاميءَ جي حالت ۾ مري ويا.“
هن ڪرسيءَ جو سهارو ورتو ۽ سندس آواز
اڳي کان بلند ٿي ويو ڇڻ ته هو پنهن جي ڪلام
جي تاثير ۾ هڪ لذت محسوس ڪري رهيو هو.
گفتگو جو سلسلو جاري رکندي هن چيو:
”نه! مون رهبانيت ۽ عبادت جي لاءِ
اڪيلائي اختيار ناهي ڪئي، انهيءَ لاءِ
جو عبادت — جا دل جو نغمه آهي-
بيشمار دانهن ڪوڪن جي وچ ۾ هٿن
جي باوجود به خدا جي ڪنن تائين
پهچي ٿي ۽ رهبانيت — جنهن جو پيو
نالو جسم تي جبر ڪرڻ ۽ سندس
خواهشن کي پيڙڻ آهي — هڪ اهڙو
مسئلو آهي جنهن جي لاءِ منهن جي
مذهب ۾ ڪابه گنجائش ڪانهي، الله
جسم کي روح جو عبادت گاهه بڻايو
آهي ۽ اسان جو فرض آهي ته اسين
سندس حفاظت ڪريون ته جيئن اهو
جاندار، پاڪ، صاف ۽ آن ”الوهيت“
جي قابل رهي جا منجهس رهندي آهي.
نه! منهن جا دوست! مون زهد ۽

عادت لاءِ گوشہ نشيني اختيار ناهي
ڪئي، پر انهيءَ لاءِ ڪئي آهي تہ مان
ماڻهن، سندن قوانين، سندن تعليمات،
سندن رسم و رواج، سندن خيالن،
سندن مصيبتن ۽ پريشانين کان بچڻ
چاهيو ٿي - مون اڪيلائي کي انهيءَ
ڪري بهتر سمجهيو تہ جيئن انهن ماڻهن
جون منحوس صورتون مون کي ڏسڻ
۾ نہ اچن، جي پنهنجي روح کي
وڪڻي ڪري سندس قيمت سان اهڙيون
شيون خريد ڪن ٿا جي قدر ۽ عزت
۾ ڪانئس هزار بار ڪريل هونديون
آهن -

مون گوشہ نشيني کي انهيءَ لاءِ
ترجيح ڏني جو مان انهن عورتن سان
ملڻ نہ ٿي چاهيو جي آڪڙيل ڳچين
سان اکيون ٽمڪائينديون ڦرنديون آهن
۽ جن جي چپن تي هزارين مسڪراهٽون
هونديون آهن پر دل ۾ هڪ ۽ صرف
هڪ ئي غرض -

مون اڪيلائي کي انهيءَ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسند ڪيو ته انهن ”نير فاسفيــن“
جي ياري دوستي ڪان بچي وڃان، جي
خواب ۾ علم جو پاڇو ڏسي ڪري
هيءَ خيال ٿا ڪن ته سندن، معرفت
جي جهان ۾ اهڙوئي درجو آهي جهڙو
گول ۾ نقطي جو آهي ۽ جي سڄا ڳيءَ
۾ حقيقت جو پاڇو ڏسي هيءَ سمجهن
ٿا ته هنن حقيقت جي علم ۽ ڪامل
جوهر کي پنهن جي قبضي ۾ ڪــرتي
ڇڏيو آهي.

مون خلوت نشيني کي انهيءَ لاءِ
مناسب سمجهو ته مان انهن جاهلن جي
دلي دوستي کان گهبرائجي ويو هوس
جي مهرباني کي ڪمزوري جو، در گذر
کي بزدلي جو ۽ غرور کي عظمت جو
هڪ قسم سمجهن ٿا.

مون علحدگي، کي پنهنجي زندگي
انهيءَ لاءِ بڻايو جو منهن جو روح انهن
دولتمندن سان گڏ رهندي رهنــدي
تڪجي پيو هو جي خيال ڪندا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سج چنڊ ۽ تارا سندن خزانن مان
آيري ڪري سندن ئي ڪيسن ۾ لهن
تا ـ انهن ليڊرن کان تنگ تي پيو جي
قوم جي اميدن سان کيڏن تا ۽ سندس
اکين کي سونهري ڏوڙ ۾ ڪنن کي
سريلن آواز سان پيري ڇڏن ٿا ۽ انهن
پادرين کان تنگ اچي ويو هو جي
ماڻهن کي انهن ڳالهين جي هدايت
ڪن ٿا جن تي پاڻ به عمل نه ٿا ڪن
۽ هنن کان اهڙين شين جا طالب ٿين
ٿا جي پنهن جي نفس کان طلب نه ٿا
ڪن.

مون اڪيلائي کي پنهنجي زندگي
جو مرڪز انهيءَ لاءِ قرار ڏنو جو اڄ
تائين مون کي انسان جي هٿ کان
ڪا اهڙي شيءِ ڪانه ملي جنهن جي
قيمت مون پنهن جي دل سان ادا نه
ڪئي هجي.

مون گوشه نشيني کي انهيءَ لاءِ
چونڊيو جو مون کي هن عظيم الشان
۽ خوفناڪ عمارت کان نفرت ٿي وئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، جنهن کي دنيا ”تهذيب ۽ تمدن“ جي نالي سان سڏي ٿي - اها عمارت، جا صنعت ۽ نقاشي جي، ڪمالات جو آئينو ۽ انساني ڪوشن جي ڍير تي قائم آهي.

مون ۾ اڪيلائي جي طلب انهيءَ لاءِ پيدا ٿي جو اڪيلائي ۾ روح ۽ فڪر، قلب ۽ جسم جي لاءِ هڪ زندگي آهي -

مون ويران جهنگلن ۾ پنهن جو گهر انهيءَ لاءِ بڻايو جو منجهس سج جي روشني، گلن جي خوشبوءِ ۽ نهرن جا گيت آهن -

مون پهاڙن کي پنهن جي رهائش انهيءَ لاءِ بڻايو - جو منجهن بهار جي بيداري، گرميءَ جو ولولو، خزان جا سربلا آلاپ ۽ سردين جا قصد آهن -

مون هن اجڙيل خانقاه کي انهيءَ لاءِ وسايو ته مان زمين جي پيدن کان واقفيت ۽ بارگاهه خداوندي جي ويجهڙائي حاصل ڪرڻ گهري ٿي -“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو خاموش ٿي ويو - ڪيس آپ
ساڳي اڃا ورتو هو ڇڻ ته هن تمام
وڏو بار پنهن جي سر تان لاهي ڦٽو
ڪيو هجي - سندس اکيون، عجيب ۽
غريب طلسمي شعاعن سان روشن ٿي
ويون ۽ منهن تي عزت نفس، قصد ۽
قوت جون موجون ڪيڏڻ لڳيس - مان
ڏوري ڏ ٻر تائين هڪ غير معمولي
خوشيءَ جي اثر هيٺ سندس منهن کي
ڏسندو رهيس، مون کي ان ڳالهه جي
بي حد خوشي هئي ته جن لڪل ڳالهين
جي کولڻ جي خواهش هڪ عرصي کان
منهن جي دل ۾ هئي، اهي هن وقت
منهن جي سامهون هيون - آخر ڪيس
مخاطب ٿي ڪري مون چيو:

”اوهان جو ڪجهه فرمايو، بلڪل
بجا ۽ درست آهي - پر ڇا اوهان کي
خبر نه آهي ته سماج جي بيمارين ۽
تڪليفن کي جهڙي طرح اوهان سڃاتو
آهي تنهن مان مونکي پتو پيو ته ته
اوهان ڪامل طبيب آهيو ۽ هڪ طبيب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي اهو هرگز نہ ٿو جڳائي تہ بيمار
جي شفا يا موت کان اڳ سندس
علاج کان پاسو ڪري. دنيا کي اوهان
جهڙن ماڻهن جي سخت ضرورت آهي ۽
اهو انصاف جي بلڪل برعڪس ٿيندو
جيڪڏهين اوهان سماج کي نفعو پهچائڻ
جي طاقت رکندي بہ ڪانئس پاسو
ڪري وڃو."

هو ٿوري دير تائين مون کي غور سان ڏسندو رهيو پوءِ مايوسي ۽ بيزاري جي انداز ۾ چوڻ لڳو:

"دنيا جي پيدائش کان ئي طبيبن جي
خواهش آهي تہ بيمار کي سندس بيماري
کان نجات ڏيارجي تنهنڪري منجهائن
ڪي نشتر کڻي آيا ۽ ڪي دوائون
کڻي آيا، پر افسوس جو سڀ جا سڀ
بغير ڪنهن اميد ۽ ڪاميابي جي سري
ويا. ڪاش! زماني جي گردش جو
مارئيل هيءُ مريض بہ پنهنجي گندي
بستري سان چنبڙيو رهڻ ۽ پنهن جي
پرائڻ زخمن سان مائل ٿي وڃڻ ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بس ڪري ويهي ها! پر نه! هو پنهن
جي چادر ڪان هٿ ڪڍي ٿو ۽ هر
ان شخص جي ڳچي جهلي گهٽي ڇڏي
ٿو جو سندس علاج يا حال پرسي لاءِ
اچي ٿو - بي جا ڳالهه مونکي غضبناڪ
ڪري ٿي ۽ رت ڪي منهنجي رڳن ۾
پڙڪندڙ شعلن ۾ بدلي ڇڏي ٿي تـه
هيءُ خبيث بيمار پهريائين تـه طبيب
کي قتل ڪري ڇڏي ٿـو ۽ پـوءِ
شرمندو ٿئي ٿو ۽ پنهنجون اکيون بند
ڪري دل جو دل ۾ چوي ٿو:
”سچ هي ڪامل طبيب هو.“
— نه! ادا! دنيا ۾ ڪوبه انسان سان
ڀلائي نه ٿو ڪري سگهي، جهڙيءَطـرح
ڪڙمي، ڪٿي هو ڪيترو به هوشيار ۽
عقلمند ڇو نه هجي پر سردين ۾ فصل
نه ٿو لڻي سگهي -
محترم! دنيا جو سيارو ختم ٿـي
رهيو آهي ۽ تنهن کان پوءِ حسيـن ۽
دلڪش بهار اچڻ وارو آهي، جنهن ۾
گل باغن جي زينت هوندا ۽ نهـرون
ماڻرين ۾ سريلا سر آلاپينديون -“

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

من هڪ ٿڌو ساه پريو ۽ نرڙ ۾ گهنج وجهي
ڪري غمگين انداز ۾ چوڻ لڳو:

”ڪاش مون کي خبر هجي ها ته ڇا
الله انسان جي زندگيءَ کي — ۽ ان
سان منهن جو مطلب زمانو آهي، پنهن
جي سيني تعلقات سان گڏ — انهن
مندن ۾ ورهايو آهي جي پنهن جي
رفتار ۽ رواني جي لحاظ کان عام مندن
سان مشابهت رکن ٿيون؟ ڇا هزارن
ورهين کان پوءِ به روءِ زمين تي ڪا
اهڙي انساني جماعت نسودار ٿيندي جا
روح ۽ سچائي جي اصولن تي زندگي
گذاريندي؟

ڇا ڪڏهين اهڙو زمانو به ايندو
جنهن ۾ انسان کي عزت ۽ بزرگي
حاصل هوندي ۽ هو ڏينهن جي روشني
۽ رات جي آرام کان مزو وٺندي
زندگيءَ جي سچيءَ پر ۾ ويهندو؟ ڇا
هي خواب ڪوڙو ته نه ٿيندو؟ — ڇا
هي خواب اُن وقت ڪوڙو ٿيندو
جڏهين زمين انسان جي گوشت سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهن جي ٻڪ ۾ سندس خون سان پنهن
جي اڄ لاهيندي؟"

هو اتي ڪڙو ٿيو ۽ پنهن جو سڄو هٿ آسه ـن
طرف ڪنيائين ڄڻ ته هن جهان ڪان سواءِ ـڪ ٻئي
جهان جي طرف اشارو ڪندو هجي - هو چئـــي
رهيو هو:

"هي پري جا خواب آهن ۽ هـــيءُ
خانقاه خوابن جي جڳه ناهي چاڪــانڻ
ته مان سندس اکيون ۽ سندس ڪنڌ ڪرڙيچ
جي هڪ هڪ شيءِ کي چڱي طـــرح
سڃاڻان ٿو نه فقط ايترو پر هن ماڻريءَ
۾ پهاڙن جي هڪ هڪ ذري کان واقف
آهيان - مان هن حقيقت کي يقين جي
حد تائين قبول ڪريان ته مان موجود
آهيان ۽ منهن جي وجود جي گهراين ۾
ٻڪ ٻه آهي ۽ اڄ ٻه - مون کي حـق
حاصل آهي ته مان زندگي ۾ ڪاڻ پيئڻ
لاءِ انهيءَ ٿانو کي ڪم آڻيان جنهـن
کي مون پنهن جي هٿن سان ٺاهيو آهي
۽ اهوئي سبب آهي جو مان انسانن جي
دعوتن ۾ دسترخوانن کي لت هڻـــي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کري هت هليو آيو آهيان ۽ هاڻي
هميشه هت ئي رهندس-“

هو ڪمري جي وچ ۾ گهمڻ لڳو - ان وقت
مان سندس گفتگو ۽ انهن سڀني ۽ علتن تي غور
غور ڪري رهيو هوس جن انساني سماج جي
تصوير سندس سامهون اهڙي رنگ ۾ پيش ڪئي
هئي جو منجهس يا ته ڏنگيون ڦڏيون ليڪون
هيون يا وري ڪارا داغ - آخر مون هيئن چئي
کيس ٻيهاريو:

”مان اوهان جي خيال ۽ مقصدن جو
احترام ڪريان ٿو ۽ هن جي دل ۾
اوهان جي تنها پسندي جي لاءِ عزت
آهي پر مان چاهيان ٿو - ۽ چاهڻ افسوس
جو سبب آهي — ته اوهان جي گوشه
نشيني ڪري هن بدقسمت قوم هڪ
اهڙو شخص وڃائي ڇڏيو آهي جو
کيس فائدي پهچائڻ ۽ بيدار ڪرڻ تي
قادر هو -“

ڪنڌ ڌوڻيندي هن جواب ڏنو:

”هيءَ قوم ٻه ٻين قومن وانگر آهي -
چاڪاڻ ته سڀ انسان هڪ فطرت تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ٿيا آهن پر جيڪڏهين منجهن ڪو فرق به آهي ته اهو فقط ٻاهرين ڏيک ويک جو آهي جنهن کي ڪابه حقيقت ڪانهي - ان بنياد تي مشرقي قومن جي بد بختي در اصل سڄي دنيا جي بد بختي آهي - جنهن شيءِ کي اوهان مغربي ترقي سان بيان ڪريو ٿا، اها اجائي غرور جو هڪ ٻاڄو آهي، ۽ بس! فريب، فريب ٿي رهندو، پوءِ ڀلي سندس نهن چو نه ڪپيا وڃن، ڪوٽ، ڪوٽ ٿي رهندو، ڀلي مٿس ڪيترو به ملمع ڪيو وڃي - اطلس ۽ ڪيمخاب پهري ڪري ۽ محلن محلاتن ۾ رهي ڪري به ڪوڙ سچ نه ٿو ٿي سگهي ۽ ويلن ۾ سوار ٿي ۽ هوائي جهازن ۾ اڏري ڪري به خيانت، امانت نٿي بڻجي سگهندي - فاصلن کي ڪيچن ۽ عناصر کي ٽورڻ جي لالچ صبر ۾ بدلجي نه ٿي سگهي ۽ ڪارخانن ۽ مدرسن ۾ ڏوه ڪرڻ سان اهي ڏوه نيڪين ۾ نه ٿا بدلجي سگهن -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

— غلامي - زندگيءَ جي غلامي،
ماضيءَ جي غلامي، اصولن، خصلتن ۽
لباس جي غلامي، مردن جي غلامي -
غلامي ٿي رهندي پوءِ جيتوڻيڪ سندس
منهن رنگيو به وڃي يا سندس لباس
بدليو به وڃي - هائو! غلامي، غلامي
ٿي رهندي، چاهي هوءَ پاڻ کي آزادي
ٿي چو نه چوي -!
نه! منهن جا پيارا! نه مغرب، مشرق کان
زياده ترقي يا فته آهي ۽ نه مشرق
مغرب کان زياده پٺتي پيل - انهن ٻنهي
۾ ڪوبه فرق ڪونهي - سواءِ هن فرق
جي جو هڪ بکهڙ ۽ چراخ ۾ هوندو
آهي - مون سماج جي جدا جدا نظارن
کي ڏٺو - سندن پوئتان مون کي اهو
ازلي انصاف پسند ناموس نظر آيو، جو
بد بختي، انڌائپ ۽ جهالت کي هڪ
ٿي درجي ۾ رکيتو، جو هڪ قوم
کي ٻي قوم تي فضيلت نه تو ڏئي ۽
مون بيحد حيرت ۾ پرجي چيو:
جو هڪ جماعت کي چڏي ڪري ٻيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جماعت تي ظلم نہ ٿو ڪري۔“
”ذهن جو مطلب تہ تمدن ۽ سنڌس
نظارا ڪوڙا ۽ ڪوتا آهن؟“

ٽرش نموني ۾ هن جواب ڏنو:

” هائو! ڪوڙي آهي هيءَ تمدن ۽
ڪوتا آهن سنڌس سڀ نظارا! هي سڀ
ايجادون ڇا آهن؟ سواءِ انهن برائين
جي، جن سان عقلن کي ڪوڙي تسلي
ڏني وڃي ٿي جيئن ٽيڪ آهي گهبراهٽ
۽ اداسيءَ ۾ وڪوڙيل رهن ٿا ۽ هي
فاصلن جي گهٽتائي، پهاڙن ۽ ماٿرين
جي برابري ۽ سمنڊ ۽ هوا تي قبضو
ڇا آهي؟ سواءِ انهن سڙيل ڳلن جي،
جي نہ تہ اڪيلن کي ڪو آرام پهچائي
سگهن، نہ دل جي لاءِ ڪا طاقت
ڏئي سگهن، ۽ نہ وري روح کي بلنديءَ
تائين پهچائي سگهن - باقي رهيا معمہ ۽
ڳجهارتون جن کي علوم ۽ فنون سان
تعبير ڪيو ٿو وڃي، سو آهي سونهري
زنجير آهن، جن کي انسان سندن چمڪ
۽ چمڪي ڪان خوش ٿي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهليندو ڦري ٿو - پر در اصل اِهي
پڃرا آهن، جن کي انسان ڪائنات جي
پيدائش جي اوائلي دور ۾ ئي پڃرن ۾
سرن سان ناهڻ شروع ڪيو هو ۽ ائين
نہ ڄاتائين تہ سندس سموري ڪاريگرين
جو نتيجو صرف اهو نڪرندو جو هو
پنهنجو پاڻ کي انهن پڃرن ۾ قيد پسندو-
هائو! انسان جون هي سڀ محنتون،
هي سڀ ڪاميابيون، هي سڀ جهيڙا
جهٽا ۽ هي سڀ اميدون ڪوڙيون ۽
ڪوڙيون آهن - هائو — دنيا جي هر
شيءِ ڪوڙي آهي ۽ زندگي جي هن
سموري ڪتاب ۾ سواءِ هڪ شيءِ جي
ٻي ڪا بہ شيءِ روح جي رغبت، محبت
شوق ۽ فريفتگي جي قابل ناهي - هڪ
هڪ ۽ صرف هڪ شيءِ آهي -"

مون پڇيو:

"جي — سائين، اها ڪهڙي شيءِ
آهي؟"

هو هڪ منٽ لاءِ بلڪل چپ رهيو، پوءِ سيني
تي هٿ رکندي، اکيون بند ڪري چيائين،
سندس منهن تي چمڪ ۽ مرڪ نمودار ٿي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي آواز ۾ هن چيو:

” اها روح جي سجاڳي آهي- اها روح جي بيحد گهراين جي بيداري آهي - اهو هڪ خيال، جو نشي ۽ بي خبري جي گذرڻ ۾ انسان جي احساسات تي اوچتو حملو ڪري سندس دانائي جي اک کولي ڇڏي ٿو، ۽ زندگي انسان کي نغمن ۾ وڙهيل رنگين مجلس ۾ وکوڙيل، زمين ۽ غير محدود فضا جي وچ ۾ هڪ نوراني گنبذ وانگر بيٺل نظر ايندي آهي - اها ضمير هستيءَ جي شعلن مان هڪ شعلو آهي جو هڪدم روح جي اندر ڀڙڪي ٿو ۽ سندس کن ڪچري کي ساڙي خاڪ ڪري، جو روح کي چئني طرفن کان وکوڙيو رهي ٿو، ڦڙ ڦڙائيندو ڪليل هوا ۾ اڏري وڃي ٿو - اهو هڪ جذبو آهي جو انساني قلب تي نازل ٿئي ٿو ۽ هو حيرت ۽ تعجب ۾ ٻڏي ڪري هوش ۾ اچي ٿو ۽ هر ان شيءِ کي ٻي حقيقت سمجهڻ لڳي ٿو جا سندس مخالف آهي، هر ان شيءِ کان ڪراهت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محسوس ڪرڻ لڳي ته جا سنڌ سان
نه ٿي ڏٺي ۽ هر ان شخص جي خلاف
بغاوت جو علم بلند ڪريٿو جو سنڌ س
رمزن ۽ اسرارن کي نه ٿـــو سمجهي -
اهو هڪ مخفي هٿ آهي جنهـــن ان
وقت منهن جي اکين تان پردو هٽـــي
ڪنيون جڏهين مان پنهنجي مٽن مائٽن،
يارن دوستن ۽ هم وطنين سان اجتماعي
زندگي گذاري رهيو هوس، ۽ ســـون
حيران ۽ پريشان ٿي ڪري پنهن جـــي
دل ۾ چيو: ”هي ڪير مائهو آهن ۽
۽ منهن جي طرف انهن ڏسندڙن جـــي
حثيت ڇا آهي؟ مـــان ڪيـــن ڪيئن
سڃاڻڻان ۽ ساڻن ڪٿي مليو آهيان؟ مان
وٽن ڇو ٿو رهان ۽ منجهن ڇو ٿـــو
اٿان ويهان ۽ ساڻن ڇو ٿو ڳالهايـــان؟
ڇا مان منجهن اجنبي آهيان يا هو هن
ملڪ ۾ اوپرا آهن، جنهن کي زندگيءَ
منهنجي لاءِ آباد ڪري سنڌس ڪنجيون
منهن جي حوالي ڪري ڇڏيون آهن!“
هو ٿوري دير لاءِ خاموش ٿي ويو، ڇـــڻ ته
گذريل زماني جي ياد سنڌس حـــافظـــي ۾ اڀـــري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصويرون ۽ ڏنڌلاوان نقش تازا ڪري ڇڏيا
هجن جن جو اظهار ڪيس پسند نہ هجي - ڌيهنڪاان
بوءِ هن پانهون ڊگهيرون ۽ رازدارانہ انداز ۾ چوڻ
لڳو:

”هي آهي اها ڪيفيت جا چند سال
اڳ مون تي نازل ٿي ۽ مون دنيا
کي لت هڻي ڪري بيدار زندگي گهارڻ
۽ فڪر، جذبي ۽ خاموشي کان فائدو
حاصل ڪرڻ لاءِ هن ويران جهنگل ۾
هليو آيس.“

هيئن چئي ڪري رات جي اٿاهہ گهرائين تي
نظر ڇمائي هو خانقاه جي دروازي طرف رواني
ٿيو - اُتي پهچي هن رڙ ڪئي ڄڻ تہ طوفان سان
مخاطب هو -

”هيءَ هڪ بيداري آهي جا روح جي
گهرائين ۾ پيدا ٿئي ٿي ۽ جو ڪير
بہ ڪيس چاڻي ٿو تہ اهو گفتگو جي
وسيلي سندس اظهار نہ ٿو ڪري سگهي
۽ جو ڪير بہ نہ ٿو چاڻي، اهو قيامت
تائين سندس پيدن کي حاصل نہ ٿو
ڪري سگهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڊگهي گهڙي فڪر جـــي سر گوشين ۽ طوفان جي دانهن ڪوڪن سان هم ڪلام ٿيندي لنگهي وئي، يوسف فخري ڪڏهين ته ڪمـري ۾ گهميو ٿي ۽ ڪڏهين دروازي وٽ بيهي ڪـري چڙيل فضا کي غور سان ڏسڻ لڳو ٿي، هو مـان خاموش ويٺي سندس روحاني لهرن کي محسوس ۽ سندس اقوال کي، پنهنجي حافظي ۾ تازو ڪـــري رهيو هوس - ان وقت منهن جي فڪر جو موضوع سندس زندگي ۽ اڪيلائي جون آهي لذتـــون ۽ تڪليفون هيون جي سندس زندگي ۾ لـــڪـــل هيون -

رات جي بئي پهر پوري ٿيڻ کان پوءِ هـو منهن جي ويجهو آيو ۽ ڪجھ دير تائين مون کـي گهوريندو رهيو جڻ ته پنهن جي حافظـــي ۾ ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص جا مهاندا ساندڻ تي گهريائين جنهن کـــي
مَن پنهنجي گوشہ نشيني جو راز ٻڌايو هو- آخرڪار
سنجيده نموني ۾ چيائين:

"مان هن وقت طوفان ۾ گهڻ وچان
ٿو - هيءَ منهن جي عادت آهي جنهـن
سان مان گرمي، سردي جي لذت جو
مزو وٺندو آهيان- هان هي وٺ! سگريٽ
۽ قهوي جي ڪيتلي ۽ جيڪڏ هيـــن
شراب تي دل ٿئي ته اهو به هن منڪـي
۾ آهي - ڏس! سوڙ ۽ بسترو سامهـون
هن ڪنڊ ۾ آهن ننڊ اچئي ته آرام سان
سمهي پئجانءِ!"

ائين چئي هڪ ميرو سيرو ڪارو ڪوٽ پاتائين
۽ سرڪندي چوڻ لڳو:

"مون کي اميد آهي ته صبح جو ويندي
مهل تون هن خانقاه جو دروازو بنـد
ڪندي چاڪاڻ ته سيان سجو ڏينهـن
مان صنوبرجي وڻن جي جهنڊ ۾ گذاريندس"

هو دروازي جي طرف ويو ۽ هڪ ڏکي لٺ
هٿ ۾ کڻي چيائين:

"جيڪڏهين توکي هن خانقاه جـــي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آسي ڀاسي هوا ۽ طوفان ڀيهر ورائي ته
هت اچڻ ۾ اصل دير نه ڪجانءِ ڀر
مون کي اميد آهي ته تون ڀاڻ ڪـــي
طوفان کان ڊڄڻ نه پر محبت ڪرڻ
سيکاريندي - چڱو! شب بخير!!"

هيئن چئي جلدي اتان هليو ويو - مـان خانقاه جي دروازي تي بيهي ڏسڻ لڳس ته هو ڪيڏانهن ويو پر اونداهيءَ کيس منهن جي اکين کان رو پوش ڪري ڇڏيو، البت ڪجهه دير سندس قدمن جو آواز منهن جي ڪنن ۾ ايندو رهيو -

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح ٿيو، طوفان ختم ٿي چڪو هو ۽ ڪڪر ٽڙي پکڙي ويا هئا. آسي پاسي جون ڇپرون ۽ ميدان سج جي روشني ۾ چمڪي رهيا هئا. سون خانقاه جي دروازي ۾ ڪلف هنيون ۽ پنهنجي روح ۾ ان معنوي بيداريءَ جو گهرو اثر ڪاٿي واپس ٿيس، جنهن جي باري ۾ يوسف نخري ايتري قدر شدت سان پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو هو.

پر جڏهين آبادي جي ويجهو پهتس، مائهن کي گهمندو ڦرندو ڏٺم ۽ سندن آواز منهن جي ڪنن تائين پهتا تڏهين مان ڏيهي رهيس ۽ پنهن جي دل ۾ چوڻ لڳس:

”بيشڪ روح جي بيداري انسان لاءِ
سڀ کان زياده ضروري آهي حقيقتا
آهائي هستيءَ جو انجام آهي. پر ڇا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمدن پنهن جي جدا جدا لباسن ۽
صورتن سان گڏ روح جي سجاڳيءَ جو
وسيلو ناهي؟ اسين موجود حقيقتن کان
ڇا جي ڪري منهن مٽيون جڏهين سندن
وجود ئي سندن ڪم اچڻ جو پورو
دليل آهي - ٿي سگهي ٿو ته موجوده
تمدن هڪ تباهي رسندڙ ”سامان“ هجي
پر الله تعاليٰ ”اعراض“ ڪي هڪ
ڏاڪڻ بڻايو آهي جنهن جا ڏاڪا
”جوهر مطلق“ تائين وڃي ختم ٿين ٿا.

تنهن کان پوءِ مان وري ڪڏهين به يوسف فخري سان مليو نه سگهيس ڇاڪاڻ ته زندگيءَ جي ضروريات مون کي خزان جي سند جي آخري ڏينهن ۾ اتر لبنان کان گهلي ڪري ڏورانهين ملڪ ۾ ڦٽو ڪيو، جتان جا طوفان اونداها ٿين ٿا پر جتي اڪيلائي جنون جو هڪ قسم آهي.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبر کوٽبندڙ

رات جو وقت هو، فضا تي خوفناڪ خاموشي ڇانيل هئي ۽ تارا ڪڪرن ۾ روپوش ـــ سان اڪيلو ”وادي ظل حيات“ جي طرف نڪري ويس جا مردن جي هڏن ۽ ڪوپرين سان ڀري پئي هئي.

اتي ـــ ڏکڻ سورن جي واهڙ ڪناري، جو ڪپر نانگ وانگر وٽبو ستبو ۽ گنهگارن جي خوابن وانگر هڏڪيون ڪائيندو وهي رهيو هو، سان پاڇن جي رازدارانه ڳالهين تي ڪن ڏئي ۽ هڪ خيالي نقطي تي نگاهون کوڙي بيهي رهيس.

جڏهين رات ٿري ۽ روح پنهن جي جاين سان ٽولن جا ٽولا نڪتا ته مون وزني قدمن جو کڙڪو ٻڌو جو آهستي آهستي منهن جي ويجهو پوندو ويو. مون مڙي ڏٺو: هڪ هيبت ناڪ ديو مثل پاڇو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن جي ملهون بيٺو هو.
ڊچندي ڊچندي مون پڇيس:
”تو کي مون کان ڇا گهرجي؟“
هن منهنجي طرف ڏٺو. سندس اکيون ڏاڍيون
وڏيون ۽ روشن هيون. مزي سان هن جواب ڏنو:
”ڪجهه نه گهرجي ۽ سڀ ڪجهه به گهرجي!“
مون چيو:
”مون کي منهن جي حال تي ڇڏ ۽ پنهنجي
راه وٺ!“
مرڪندي هن جواب ڏنو:
”منهن جي راه اها ئي آهي جا تنهن جي راه آهي.
اتي ئي وڃي رهيو آهيان جتي تون وڃي رهيو آهين ۽
اها ئي منهنجي منزل آهي جا تنهن جي منزل آهي.“
مون چيو:
”مان اڪيلائي جي تلاش ۾ نڪتو آهيان، مون
کي اڪيلو ڇڏي ڏي—“
هن جواب ڏنو:
”اڪيلائي نه مان آهيان پوءِ تون مون کان
ڇو ڊڄين؟“
مون چيو:
”مان نه تو کان ڪونه ٿو ڊڄان!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن چيو:

”جيڪڏهين تون مون کان نه
ٿو ڊڄين ته پوءِ منهن جي اکيان
اهڙي طرح ڇو ڪنبي رهيو آهين؟
ڇڻ ته هوا جي اکيان ٿاري!“

مون جواب ڏنو:

”مان ته نه ٿو ڏڪان، منهنجا ڪپڙا
هوا جي جهوٽن سان لڏي رهيا آهن.“

هو هڪ ٽهڪ ڏئي کليو، منديس آواز طوفان
جي گوڙ سان مليو ٿي - هن چيو:

”تون بزدل آهين ۽ مون کان ڊڄي
رهيو آهين نه فقط ايترو پر پنهنجو
خوف ظاهر ڪندي به تنهنجو ساهه سڪي
رهيو آهي تنهنڪري تون بيٺي خوف
۾ مبتلا آهين پر تون پنهنجي بزدليءَ
تي مڪر ۽ فريب جو پردو وجهڻ
گهرين ٿو جو ڪورهڙي جي چاري
کان به زياده گهٽ حثيت رکندڙ ۽
ڪمزور آهي - تنهنجي انهيءَ حرڪت
تي مون کي کل به اچي ٿي ۽
ڪاوڙ به.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو هڪ چپ تي ويهي رهيو ۽ پنهنجي مرضيءَ جي خلاف مون کي به سندس پرسان ويهڻو پيو - منهنجون نظرون سندس پيانڪ مهاندن تي کتل هيون -

ٿوري دير ڪان پوء، جا منهنجي لاء هزار سالن جي برابر هئي، هن نٿول ڪندڙ نظرن سان منهن جي طرف ڏسي ڪري پڇيو:

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

مون چيو:

”عبدالله!“

چوڻ لڳو:

”ڪيترا نه بيشمار آهن الله جا بندا ۽
ڪهڙيون ڪهڙيون نه مشڪلاتون خدا
کي پنهنجي بندن جي ڪري پيش اچن
ٿيون! تون ڀاڻ کي ” شيطان اعظم “
چو نه ٿو چوين ۽ اهڙي طرح شيطانن
جي مصيبتن ۾ نئين مصيبت جو اضافو
چو نه ٿو ڪرين؟“

مون چيو:

”منهنجو نالو عبدالله آهي ۽ هي اهو
پيارو نالو آهي جو منهنجي ٻيءَ منهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻمڻ جي ڏسهڻ سنهنجي لاءِ پسند
ڪيو هو - مان هنڪي ڪيئن ٻئي ناالي
سان بدليندس!"[19]

هن چيو:

"پيءُ جا انعام اڪرام، نوازشون ۽
مهربانيون ئي پٽ جي تباهي ۽ بربادي
جو ڪارڻ آهن، جوشخص پنهنجوپاڻ کي
پيءُ ڏاڏي جي نوازشن کان محروم نه
تو ڪري هو مرندي دم تائين مردن
جو غلام رهيتو!"

مون ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ سندس پر معنيٰ لفظن تي غور ۽ پنهنجي حافظي ۾ انهن خيالن جون چنساليون تازيون ڪرڻ لڳس جن حقيقت سان مشابهت تي رکي نه هو مڙيو ۽ مون کان پڇڻ لڳو:

"تون ڪندو ڇا آهين؟"

مون جواب ڏنو:

"مان شاعر به آهيان ۽ پارکو به -
زندگي جي باري ۾ منهنجا ڪي خاص نظريه آهن
جنکي دنيا جي اڳيان پيش ڪرڻ منهنجو ڪم
آهي -"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون چيو:

”هي هڪ قديم ۽ چڱيل خدمت آهي
جا دنيا لاءِ نہ تہ فائديمند آهي ۽ نہ
نقصانڪار۔“

مون سوال ڪيو:

”تہ پوءِ مان پنهنجي ڏينهن ۽ رات
لاءِ ڪهڙو ڪم پيدا ڪريان جنهن کان
دنيا کي فائدو رسي؟“

هن جواب ڏنو:

”قبر کوٽڻ جو ڌنڌو اختيار ڪر، ۽
زنده ماڻهن کي انهن جسمن کان نجات
ڏيارجي سندن جاين، عدالتن ۽ عبادت
گاهن جي چوڌاري جمع آهن۔“

مون چيو:

”مون تہ ڪڏهين مرده جسمن کي
گهرن جي چوڌاري مڙيل نہ ڏٺو۔“

هن جواب ڏنو:

”تون ظاهري ۽ مٿاڇري نظر سان
ڏسين ٿو، ماڻهو توکي زندگيءَ جي
طوفانن جي سامهون ڏڪندا نظر اچن
ٿا ۽ تون سمجهين ٿو تہ اهي زنده آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ اهي در حقيقت پئداشي
ني مرده آهن جيئن ته ڪين ڪوٺ ن
دفن ڪرڻ وارو ڪوئه تو ملي تنهنن
ڪري هو زمين تي پيا رهن ٿا ۽ سندس
ڪيڙن ڪاڏل جسمن مان بد بوء نڪرندي
رهي ٿي ـ“
مون ڪجهه دل جهلي پڇيو:
”اسين زنده ۽ مرده ڇو ڪيئن سڃاڻپ
ڪري سگهون ٿا؟ جڏهين بئي طوفان
جي سامهون ڏڪن ٿا ـ“
هن جواب ڏنو:
”مردا طوفان جي اڳيان ڏڪندا
ڪنبندا رهن پر زنده ساٿس ڳڏو ڳڏ
ڊڪندا رهن ٿا ۽ جيستائين اهو پاڻ نه
بيهي وڃي، نه ٿا بيهن ـ“
هن پنهن جي ٻانهن تي ٽيڪ ڏني، سندس مضبوط
عضوه سدا بهار بلوط جي وڻ جي پاڙن مثل هئا،
جي زندگي ۽ ارادي سان پر هونديون آهن. تنهن
ڪان پوء هن مون ڪان پڇو:
”ڇا تنهن جي شادي ٿيل آهي؟“
مون جواب ڏنو:

” جي، هائو! منهن جي زال حسن ۽
جمال جي ديوي آهي ۽ ساڻ ڪيس
پنهن جي جان کان به وڌيڪ گهرندو
آهيان.“

هو چوڻ لڳو:

” افسوس! تنهن جون خطائون ۽
ڪمزوريون ڪمزوريون نه بيشمار آهن!
شادي ڇا آهي؟ هڪ چاري ۽ دائم
فوت جي غلاميءَ جو ڦندو جو انسان
جي ڳچيءَ ۾ وڌو وڃي ٿو! جيڪڏهين
تون گهرين ٿو ته آزاد زندگي گهارين،
ته پنهنجي زال کي طلاق ڏي ۽ سڀ
کان الڳ رهه!!

مون چيو:

” مون کي ٽي ٻار آهن. سڀ کان
وڏو ته ٻال سان راند ڪندو آهي ۽
سڀ کان ننڍو ته اڃان چڱي طرح
ڳالهائي به نه ٿو سگهي. ٻڌاءِ! مان
ڪين ڇا ڪريان؟“

هن جواب ڏنو:

” ڪين به قبر کوٽڻ سيکار ۽ هرهڪ

کي هڪ هڪ ڪوڏر ڏئي ڪري
پنهنجي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏين-"
مون چيو:
"مون ۾ علحدگي ۽ اڪيلائپ سهڻ جي
همت ناهي پيو ته مان پنهن جي زال ۽
ٻچن سان گڏ زندگي جي خوشين مان
حصي وٺڻ جو عادي ٿي چڪو آهيان-
هاڻي جيڪڏهين مان کين ڇڏي ڏيان
ته انجي نتيجي ۾ منهنجي سعادت ۽
خوش بختي مون کان کسجي ويندي-"
هن چيو:
"زال ۽ ٻچن جي وچ ۾ مرد جي زندگي
هڪ بدبختي کان سواءِ ٻيو ڪجهه ناهي
جنهن تي سفيد پالش چڙهيل آهي پر
جيڪڏهين شادي تنهنجي زندگيءَ جو
لازمي جزو آهي ته پوءِ ڪنهن "جن"
جي ڌيءَ مان شادي ڪر-"
حيرت ۾ پرجي مون چيو:
"جن" جو ڪوئي وجود ڪونهي
آخر تون مون کي ڌوڪو ڇو ڏئي
رهيو آهين؟"
هن جواب ڏنو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”افسوس! تون ڪيترو نہ جاهل آهين!
”جن“ کان سواءِ ڪوئي وجود نہ ڪونهي - ۽ اهو شخص جنهن ”جنن“ سان ڪوبہ تعلق نہ رکيو سو هميشہ شڪ ۽ شبہ جي دنيا ۾ رهيو!“

مون پڇيو:
”ڇا (جنن) جون ڏيئر حسين ۽ جميل تيئن ٿيون؟“

هن جواب ڏنو:
”سندن حسن لازوال ۽ سندن جمال لافاني آهي!“

مون چيو:
”جيڪڏهين تون مون کي ڪنهن ”جن“ جي ڌيءَ ڏيکارين تہ مونکي ڏاڍي خوشي ٿئي. - “

هن چيو:
”جيڪڏهين تون ”جن“ جي ڌيءَ کي ڏسي ۽ ڇهي سگهين ها تہ پوءِ مان توکي سائس شادي ڪرڻ جي صلاح ڇو ڏيانءِ ها!“

مون جواب ڏنو:
”اهڙي زال مان ڪهڙو فائدو جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي نہ ڏسي سگھجي ۽ نہ وري ڇهي سگھجي؟"

هن چيو:

"هوءَ هڪ نفعو آهي پر ديرحاصل، جنهنجي نتيجي ۾ عام مخلوق ۽ زنده لاشن ڪان نجات ملي وڃي ٿي، جي طوفان جي سامهون ڏڪن ۽ ڪنبن ٿا پر ساڻس سات نہ ٿا ڏئي سگهن."

هن ڪجهه دير لاءِ منهنجي طرف ڪان منهن ڦيري ڇڏيو ۽ تنهن ڪان پوءِ وري مڙيو ۽ مون ڪان پڇڻ لڳو:

"تنهن جو مذهب ڪهڙو آهي؟"

مون جواب ڏنو:

"مان خدا تي ايمان رکان ٿو ۽ پيغمبرن جي عزت ڪيان ٿو، فضيلت ۽ بزرگي کي محبت جي قابل سمجهان ٿو ۽ آخرت جو اميدوار آهيان."

هن چيو:

"هي آهي لفظ آهن جن کي غير قومن گهڙيو ۽ غير شعوري تقليد تنهن جي زبان تي جاري ڪري ڇڏيا. پر اصل حقيقت هي آهي تہ تون پنهجي نفس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانسواءِ ڪنهن تي ايمان نٿو رکين -
ان کان سواءِ ڪنهن جي عزت نٿو
ڪرين - سنڌس خواهش ڪان سواءِ
ڪنهن کي محبت جي قابل نٿو سمجهين
۽ سنڌس لازوالبت ڪان سواءِ ٻي
ڪنهن به شئي جو اميدوار ناهين -
انسان پيدائش واري ڏينهن کان پنهن
جي نفس کي پوڄيندو رهيو آهي
پر پنهن جي ارادن ۽ خواهشن جي
اختلاف جي سبب ڪري ڪيس جدا
جدا نالن سان بيان ڪري ٿو - ڪڏهين
هو ڪيس "بعل" ۽ "مشتري"
جي نالن سان سڏي ٿو ۽ ڪڏهين
"خدا جي نالي سان -"

هو ڪليو، سنڌس شڪل تي نئول ۽ ٿورڪ
جو نقاب پيل هو - گفتگو جي سلسلي کي جاري
رکندي هن چيو :

"پر ڪيتري نه قدر عجيب آهن اهي ماڻهو
جي پنهنجي نفس جي پوڄا ڪن ٿا ۽ سندن نفس
سڙيل لا شن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهين !!"

مان ٿوري دير تائين سنڌس ڳالهين تي غور
ڪندو رهيس - مونکي منجهن زندگــي کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زياده عجيب، موت کان وڌيڪ ڏيچار ڏيندڙ ۽ حقيقت کان زياده عميق معنيٰ نظر آئي.

منهن جو فڪر سندس اقوال جي خوبين ۾ گم، ۽ منهن جا جذبات سندن اسرار ۽ رمزن کي کولڻ لاءِ پڙ ڪي اٿيا.

مون رڙ ڪري چيو:

”جيڪڏهن تنهن جو ڪو خدا آهي،

۽ مان تو کي آن جو قسم ڏئي پڇان

تو تہ مون نکي ٻڌاءِ ! تون ڪير آهين؟:

هن جواب ڏنو:

مان پنهن جي نفس جو پرورد گار آهيان.“

مون پڇيو:

”تنهن جو نالو ڇا آهي؟“

جواب مليو:

”مجنون جو خدا!“

مون دريافت ڪيو:

”تون پيدا ڪٿي ٿيو آهين؟“

جواب ڏنائين:

”هر جگه“

مون سوال ڪيو:

”۽ تون ڪڏهن پيدا ٿئين؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب ۾ چيائين:
"هر زماني ۾."
مون وري پڇيو:
"توهان فلسفي جي تعليم ڪٿان حاصل ڪئي؟ اهو ڪير آهي جنهن توهان کي زندگيءَ جي اسرارن ۽ هستيءَ جي ڀيدن جي خبر ڏني؟"
هن جواب ڏنو:
"ان فيلسوف ناهيان چاڪاڻ ته فلسفو ته ڪمزور انسانن جي صفتن مان هڪ صفت آهي پر مان قوي ۽ ديوانو آهيان، جڏهن هلان ٿو ته زمين منهن جي پيرن هيٺان ڏڪي ٿي ۽ جڏهن بيهان ٿو ته تارن جي رفتار بيهي وڃي ٿي. مون انسانن مان چرچو ڪرڻ شيطانن کان سکيو آهي ۽ وجود ۽ عدم وجود جا راز منهن جي سمجهه ۾ ان وقت آيا آهن جڏهن مون "جنن" جي بادشاهن ۽ رات جي پر اسرار ۽ طاقتور هستين جي ياري دوستي حاصل ڪئي."

مون دريافت ڪيس :

"تون هنن اٺانگن لنگهن وارين
ماڻرين ۾ ڇا ڪندو آهين ؟ ۽ پنهنجا
ڏينهن ۽ راتيون ڪيئن گذاريندو آهين؟

هن جواب ڏنو :

"صبح جي وقت مان سج سان گستاخيون
ڪندو آهيان ، ٻيپهري جو انسان تي
لعنت ڪندو آهيان ، شام جو فطرت
سان گڏ ويهي کلندو آهيان ۽ رات
جو پنهن جي نفس جي اڳيان جهڪي
سندس پوڄا ڪندو آهيان ."

مون پڇيو :

"تون ڇا کائيندو پيئندو آهين ۽
ڪٿي سمهندو آهين ؟"

هن جواب ڏنو :

"مان ، ۽ منهنجا ساٿي هن ندي کي
ئي پوڄيندا آهيون ، ۽ لئم ۽ ڪاسي
جي ٿانون ۾ کاڌو کائيندا آهيون ...

ڪونهي آ هستي چون لگو :

” چگو هاڻي موڪلائي ! وري ملنداسين.
هاڻي مان اتي وڃي رهيو آهيان جتي جن پوت
جمع ٿين ٿا . “

مون آواز ڏيندي چيو :
” هڪ منٽ جي مهلت اچا گهرجي ! مونکي
هڪ ڳالهه پڇڻي آهي ! “

رات جي اونداهين ۾ گم ٿيندي هن جواب ڏنو:
” خدا جا ديوانا ڪنهن کي به مهلت نه ڏيندا
آهن . چگو ، موڪلائي ! وري ملنداسين ! “

هو مونکي حيرت ۽ خوف جي ڪشمڪش ۾
مبتلا ڇڏي ڪري اونداهي جي پردن ۾ روپوش
ٿي ويو . جڏهين مان پنهنجي جاء تان هليس ته
سندس آواز بلند ۽ اوچين چپن ۾ پڙاڏو ٿي رهيو هو :-
” چگو موڪلائي ! وري ملنداسين !! “
” چگو موڪلائي ! وري ملنداسين !! “

ٻئي ڏينهن مون پنهنجي زال کي طلاق ڏئي
ڪري هڪ ”جن“ جي ڌيء سان شادي ڪئي ۽
پنهنجن ڌيئي پٽن کي ڪوڙرون ڏئي تاڪيد ڪيم
ته جتي به ڪو زنده لاش ڏسو ته ڪيس زمين ۾
دفن ڪري ڇڏيو .

ان ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين مـــان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قبرون کوليندو ۽ منجهن مردن کي دفن ڪندو آهيان. پر اڪيلو آهيان ۽ لاش زياده. وري ٻيو ڪوئي اهڙو ناهي جو هن مقدس ڪم ۾ هٿ وڌائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ساهت گهر جا ڇپايل ڪتاب

١-	علامه آءِ-آءِ-قاضي	قاضي فيض محمد	ختم ٿيل
٢-	ڏکيون جان نه مڙن	ناز سنائي	ختم ٿيل
٣-	ڪُچان تان ڪافر	ناز سنائي	ختم ٿيل
۴-	ماءُ ڪاهوڙي هليا	ناز سنائي	ختم ٿيل
٥-	رچي جي ريتو ٿيا	ناز سنائي	ختم ٿيل
٦-	هاري ڪميٽي ۽ الائي تحريڪ	قاضي فيض محمد	ختم ٿيل
٧-	ڏونگر جن ڏوريا	ناز سنائي	ختم ٿيل
٨-	چانڊوڪي ۽ زهر	موهن ڪلپنا	١٢-٠٠
٩-	زندان جي جهروڪي مان	ڪامريڊ غلام محمد لغاري	٧-٠٠
١٠-	زندگي	موهن ڪلپنا	١٢-٠٠
١١-	منهنجي آڪاٽي	ڪامريڊ غلام محمد لغاري	٧-٠٠
١٢-	حفيظ شيخ	ناز سنائي	١٠-٠٠
١٣-	قيد جي ڪهاڻي	ناز سنائي	٢٠-٠٠
١۴-	دادريل جا بار	ڪرشن چندر/ ناز سنائي	١٥-٠٠
١٥-	سون ورني ڌرتي	ڊاڪٽر سليمان شيخ	١٥-٠٠
١٦-	وشواس	موهن ڪلپنا	١٥-٠٠
١٧-	ايوريسٽ تي چڙهائي	عبدالقادر جوڻيجو	١٥-٠٠
١٨-	انٽرويو	طارق اشرف	٢٠-٠٠
١٩-	تصوف جي چير ڦاڙ	نجم عباسي	٢٥-٠٠
٢٠-	سنڌي ذات هنجن	رسول بخش پليجو	٢٥-٠٠
٢١-	ڏٺم اڻ ڏٺل	نجم عباسي	٢٥-٠٠
٢٢-	مائوءَ جي ملڪ ۾	عبدالجبار جوڻيجو	٢٠-٠٠
٢٣-	مٺي سنڌ سڪار	نجم عباسي	٢٥-٠٠
٢۴-	سچ سان دوکو	ناز سنائي	١٩-٠٠
٢٥-	نوان چار درويش	ناز سنائي	٢٥-٠٠
٢٦-	سوچون پُٽڪا واڪا	استاد بخاري	٢٨-٠٠
٢٧-	ٻه ناول	موهن ڪلپنا	٠-٠٠
٢٨-	سوچَ سدائين سچ جي	آزاد قاضي	٠-٠٠
٢٩-	غلام ڄا ٽهڪڙا	غلام حسين رنگريز	٠-٠٠
٣٠-	چولو منهنجو چڪَ ۾	هري دلگير	٠-٠٠

○○○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڍي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

The Reading Generation **پڙهندڙ نسُل . پَ نَ**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سڀني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄڪالهہ کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناданيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا يارُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book